
سياست، تاريخ ۽ ڪردار
عيسيٰ ميمڻ
سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري

سياست، تاريخ ۽ ڪردار

(مقالا ۽ مضمون)

عيسيٰ ميمڻ

پبلشر: سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : سياست، تاريخ ۽ ڪردار

موضوع : مقالا ۽ مضمون

ليکڪ : عيسيٰ ميمڻ

ڇاپو : پهريون-اپريل 2013ع

ڇاڻيتو : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سرسوتي ساهت گهر - ڊوڪري

ڪمپوزنگ : شيخ رفيق - آزاد ڪمپيوٽر ڪميونيڪيشنز لاڙڪاڻو

ٽائيٽل : غلام مرتضيٰ ميمڻ- ڪاتب پرنٽرس لاڙڪاڻو

مُلهه : 121 روپيه

Name of Book	**: SEYASAT, TAREAKH AIN KIRDAR**
Subject	**: Columns & Essays**
Writer	**: Essa Memon**
Edition	**: First April 2013.**
Quantity	**: One Thousand**
Published by	**: Sarswati Saahat Ghar-Dokri**
Composed by	**: Azad Computer Communications Larkano.**
Title	**: Ghulam Murtiza Memon-Katib Printers Larkano**

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو.

مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو.

ضمير سوهو بوڪ اسٽور، ڊوڪري.

۽ سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال.

رابطي لاءِ: **عيسيٰ ميمڻ**-0333-7553879

هي ڪتاب علي بخش پٺاڻ ۽ ادل سولنگي، سرسوتي ساهت گهر ڊوڪري پاران

ڪراچيءَ مان ڇپرائي ڊوڪريءَ مان پڌرو ڪيو.

اڑپنا:

هي ڪتاب
اڑپيم ان "آهه" کي جنهن "آهه" زندگي
کي نئون روپ ڏئي ڇڏيو.
"ستي سيج هئاس، مون کي "آهه" اڻاريو"
۽ اڄ به ان "آهه" سڪون سان ورهڙ نه ڏنو آهي.
جڏهن سنجهي ئي ستو آهيان تڏهن اها "آهه"
سڌ پڙاڏو بڻجي ڪنن ۾ گونجندي رهندي آهي.
منهنجي "آهه" اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

عيسيٰ ميمڻ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (311) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. مضمونن ۽ مقالن جي ڪتاب **"سياست، تاريخ ۽ ڪردار"** جو ليکڪ عيسيٰ ميمڻ آهي.

نواز خان زنئور لکي ٿو:

"هن ڪتاب جي هڪ خاص خوبي هيءُ به آهي ته اهو هڪ ئي وقت سياسي فڪر سان به ڀرپور آهي، تاريخ جي پراڻين ڳلين جي مهڪ به ميڙي ٿو اڇي، اپريل مسئلن جي چنڊاڻ به ڪري ٿو، تجزين جي جهان ۾ به جهاتي پائي ٿو، ادب جي ڪميت کي به ڪرکٽا هٽي ٿو، ته خاڪانگاري جي صنف کي چهندي ان منجهان رنگ رنگ شخصيتن جي خوشبو کي پکيڙي ٿو چڏي. هو "وٽان وٽان ڪاني" ڪَني ڪري هڪڙي گلداٽي نه ٿو سجائي، پر هڪڙو پورو چمن آباد ڪري ٿو چڏي. جنهن جي مڌماتي سڱڌ پک سان پڙهندڙ جي پوري وجود کي واسي ۽ معطر ڪري چڏيندي."

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ** پاران 2013ع ۾ چپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٿاڻ :

اداري پاران	**ادارو**	08
عيسيٰ ميمڻ: مختصر تعارف	**عزيز منگي**	09
مهاڳ "سياسي ادب ڏي هڪ نئين وک "	**نواز خان زنئور**	12
ٻہ اکر	**خالد چانڊيو**	15
عيسيٰ ميمڻ کان مسيح ڪالاڻي تائين	**ادل سولنگي**	17
ليکڪ پاران	**عيسيٰ ميمڻ**	19

سياسي تجزيا ۽ تاريخ

قومي ۽ طبقاتي سوال جو جائزو	21
سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري خلاف مزاحمت: حقيقتون ۽ خدشا	25
سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري: مزاحمت کان خاموشيءَ تائين	30
"منجهايو ۽ حڪومت ڪريو" پاليسي ۽ رياست	34
6۔ ڊسمبر: ٽوپي ۽ اجرڪ جو ڏهارو منظر ۽ پسمنظر	38
معاشي بحران جي ڏينهن ۾ قاتل رياست	43
ٽوڙي ڦاٽڪ سانحو ۽ شاگرد سياست	46
سنڌ ۾ تاريخي ٻوڏ: سبب ۽ حل	52
ذوالفقار آباد: سنڌ دشمن رٿا	57
سماج جي ترقي ۾ تعليم جو ڪردار	61
سنڌو درياتاريخ جي آئيني ۾	65
سنڌو ماڻر تهذيب جو عظيم اهجاڻ: مهين جو ڏڙو	69
بکر تاريخ جي پرهہ ڦٽي	74
ڪوٽڏيجي قلعو	76
مڪلي: خاموش تاريخ	78
سُر سامونڊي ۾ وهن جو وايون	81
مڌ جو اصل متو ۽ متارا	84
سنڌي ادبي سنگت ڏوڪري جي مختصر تاريخ	88

سياسي، ادبي ۽ سماجي شخصيتون

هند ۽ سنڌ جو سورمو	هيمون ڪالاڻي	97
ويهين صديءَ جو باغي شاعر	شيخ اياز	101
قومي تحريڪ جو ديومالائي ڪردار	عرفان مهدي	106
سنڌ جو مزاحمتي شاعر	زخمي چانڊيو	109
ڏاهپ ۽ ويڙهه جو سنگم	ڪامريڊ غلام قادر جوٽيجو	114
تاريخ جي راهن ۾ مارجي ويل	شهيد سميع الله ڪلهوڙو	117
تون هونئن به مرندين	شهيد سرائي قربان ۽ سندس ساٿي	120
سنڌ جو سڪ ديو	شهيد ذوالفقار ڪولاچي	124
هڪ عظيم انسان جو وچوڙو	شهيد بشير قريشي	127
هو دودي سومري جو تسلسل هو	شهيد مظفر پٽو	131
گهاٽي برَڙ جي ڇانوَ	ڪامريڊ حيدر جويو	133
پرهه جي ٽڏي هير جهڙو شخص	عبدالحميد ابڙو	137

اداري پاران

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هر شيءِ ۾ تحرڪ آهي ۽ تحرڪ هميشہ تبديليءَ کي جنم ڏيندو آهي. جيڪا شيءِ تبديل نہ ٿيندي اها لازمي طور تي فنا ٿيندي. ان ڪري مادي حالتن جي تبديليءَ سان خيالن ۾ بہ تبديلي اچي ٿي ڇاڪاڻ تہ خيال ماري حالتن جو عڪس پيش ڪن ٿا. اهو الڳ سوال اهي تہ خيال مادي مان جنم وٺي پيادي جي تبديليءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

خيال، سوچون توڙي شعور مادي حالتن جي تابع ٿين ٿا تہ مادي حالتن سان بغاوت بہ ڪن ٿا. اهو شعور جو سفر آهي جو انسان هر دؤر ۾ بغاوتون ڪندو رهيو آهي نئين سماج اڏڻ لاءِ. اهو انسان جي سفر پيٽاگورس کان وٺي سقراط ، سقراط کان ڪانٽ، ڪانٽ کان مارڪس ۽ مارڪس کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين ۽ ان کان بہ اڳتي ان جو سفر جيئن جو تيئن جاري آهي ۽ جاري رهندو.

عموماً دنيا ۾ خصوصاً سنڌ ۾ سوويت يونين جا زوال کان پوءِ انقلاب ۽ تبديليءَ جو سفر ڏيرو تہ ٿيو آهي پر ختم ناهي ٿيو. ان ڏرائپ سبب سنڌ ۾ فڪري طور تي اڄ تائين اها ٺهي علمي، ادبي ۽ سياسي ميدان تي بيٺي آهي جيڪا سن 1991ع ۾ تائين تحرڪ ۾ هئي. ان کان پوءِ ايندڙ ٺهي تي اهو ماحول ميسر نہ ٿي سگهيو يا اڳين ٺهيءَ لاءِ رستو صاف نہ ٿيو ڪيو بحرحال ٻنهي حالتن ۾ سنڌ جو فڪري سفر اڳ وارو تہ نہ هيو پر ختم هرگز نہ ٿيو آهي، انڪري اسان اداري پاران اهو فيصلو ڪيوسين تہ نئين ٺهي کي پرپور موقعا فراهم ڪري، انهن جون لکڻيون ۽ ٻيو مواد ترجيحي بنيادن تي ڇپرائينداسين تہ جيئن انهن جي فڪري واڌ ويجهہ کي مناسب ماحول ملي سگهي.

هي ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" ان نوجوان جو آهي جيڪو 15 سالن کان وٺي سياسي، سماجي ۽ ادبي ميدان تي متحرڪ رهيو آهي تہ علمي فڪري طور ڪافي برجستو بہ رهيو آهي. هي ڪتاب نہ صرف عيسيٰ ميمڻ جا خيال پيش ڪري ٿو پرنئين ٺهي فڪري طور تي ڪٿي بيٺي آهي ان جو اولڙو پن هن ڪتاب ۾ پسي سگهجي ٿو. هونئن بہ عيسيٰ ميمڻ پنهنجي ٺهيءَ ۾ گهڻو متحرڪ رهيو آهي تہ ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ اتساهہ جو سبب پڻ رهيو آهي. ان ڪري اسان کي خوشي آهي تہ اهڙي نوجوان جو ڪتاب ڇپرائي، اسان ڇڻ تہ پنهنجي مقصد طرف هڪ وک وڌائي آهي. اميد تہ اسان جي پيارجو پورهيو اوهان کي قبول پوندو. ڪتاب جي ڏس ۾ جن دوستن سهڪار ڪيو ادارو انهن جو تهہ دل سان شڪريو ادا ڪري ٿو.

ادارو

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري

ضلعو لاڙڪاڻو

تاريخ. 04.03.2013

عيسيٰ ميمڻ: هڪ مختصر تعارف

سنڌي ادبي سنگت ڏوکريءَ جي واڳ جڏهن نثار کوکر کي ملي تڏهن ان جي ڪارڪردگي نمايان ٿيڻ لڳي پر نثار ٿُرت ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن ماسٽرس ڪرڻ لاءِ هليو ويو. اِها 80ع جي آخري سالن جي ڳالهه آهي. ناصر زهراڻي ان سلسلي ۾ سنگت لاءِ ٻن حوالن سان معتبر نالو بڻجي چُڪو هو. هڪڙو اهو ته هُو ڏڙا ڏڙ ڪهاڻيون لکي تنقيدي ڪلاسن ۾ پيش ڪندو هو ۽ ٻيو ته لياقت ميراڻيءَ جي صلاح سان سنگت جون گڏجاڻيون موهن جو دڙو سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ منعقد ڪرائڻ لڳو جتي هُو والنٽيئر استاد بہ هو ته لائبريري انچارج پڻ. نوي جي شروع ۾ مان بہ ڏوکري سنگت جو ميمبر بڻيس ۽ ان کان پوءِ سنگت ڏوکري شاخ ڪڏهن فعال ته ڪڏهن غيرفعال رهندي پئي اچي، پر گهٽي عرصي تائين ان جون سرگرميون معطل نہ ٿيون آهن. ناصر زهراڻي کان پوءِ منهنجي سيڪريٽري شپ ۽ بعد ۾ حاڪم مگرئي ان تسلسل کي ڀرپور نموني جاري رکيو. پر پوءِ اُهو عيسيٰ ميمڻ ئي هو جنهن سنگت جي سرگرمين کي عروج تي پهچايو. جو اڄ بہ اهڙي سرگرميءَ جي تاس لاهڻ لاءِ اسان سِڪي رهيا آهيون.

هي سنهڙو سيپڪڙو چوکرو سنڌي ادبي سنگت ڏوکريءَ سان سلهاڙيو ته ان جي ڪارڪردگيءَ کي پڻ چار چنڊ لڳي ويا. پروگرام ته پنهنجي جاءِ تي، پر اسان هتان لاڙڪاڻي مان سيڙجي اتي گڏجاڻين ۾ شرڪت وڃي ڪندا هئاسين. گڏجاڻيون ۽ پروگرام اهڙا يادگار ٿيا جو اڄ تائين انهن جو مثال تمام گهٽ ملي ٿو.

تعلقي ڏوکريءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ کوهارا ۾ 09 جولاءِ 1985ع تي الله ڏني ميمڻ جي گهر ۾ جنم ونڊڙ محمد عيسيٰ ميمڻ لاءِ ائين بنا هيڪ جي چئي سگهجي ٿو ته، ڏوکريءَ پهچڻ کان پوءِ هُن جيڏو نالو ڪيو شايد ئي ننڍي جمار ۾ ڪنهن اهڙي سجاڻپ حاصل ڪئي هُجي.

عيسيٰ ميمڻ 2006ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪئي ۽ گڏوگڏ 2007ع ۾ ايل. ايل. بيءَ جي سَنَدَ پڻ ماڻي ورتائين. 1998ع ۾ هن ادبي سفر جو آغاز ڪيو ۽ شاعري توڙي ڪالم لکڻ جي مشق ڪرڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي عوامي آواز اخبار جي ٻارن جي ٻارن واري صفحي "جوت" ۾ سندس تخليق شايع ٿي ۽ ان کان پوءِ سندس تخليقي سفر هو ڏوکريءَ جي حلقي مان نڪري سنڌ جو اهم قلمڪار بڻجي ويو.

ساهتي سفر دوران 1998ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوکريءَ جو ميمبر بڻيو ۽ 2002ع ۽ 2003ع ۾ ساڳي شاخ جو بہ دفعا سيڪريٽري ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ساڳي شاخ ۾ مختلف عهدن تي سرگرميون جاري رکندو آيو ۽ ائين ئي سندس اڳتي جو سلسلو اڄي هن وقت سنگت لاڙڪاڻي شاخ جي ميمبر ٿيڻ تي پهتو آهي.

2006_07ع ۾ سنڌ سنگت ضلعي لاڙڪاڻي جي ترجمان پرچي "سنگت سماچار" جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿي رهيو جڏهن ته ماهوار "سارنگ" ڪراچي جو پڻ 2009ع ۾ جوائنٽ ايڊيٽر بڻيو.

سنڌو سيبيتا جي قديم اهجاڻن جي زبون حاليءَ خلاف وس وارن تائين سنڌ جو آواز پهچائڻ لاءِ 2007ع ۾ ادل سولنگي ۽ عزيز منگيءَ سان گڏجي مُهين جو دڙو اڪيڈمي آف سنڌ جو بنياد رکيائين ۽ ان جي ترجمان پرچي

"سمبارا" جو ايڊيٽر پڻ بڻيو ۽ اڪيڈميءَ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري چُڪو آهي. اڪيڈمي کان اڳ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوکري جي پليٽ فارم تان مهين جي ڏڻي لاءِ سندس پورهيو هميشہ ياد رکيو ويندو.

ادب جي ميدان تي تيز رفتاريءَ سان هلندي هلندي 2007ع ۾ ايڪِتو اسٽوڊنٽس ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر چونڊيو ويو ۽ اتي بہ لائبريري کي بهتر ڪرڻ ۽ سماجي خدمتن ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيائين. هن جون علمي ادبي سرگرميون جاري ئي هيون تہ سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي حالتِ زار ڏسي اڳتي وِک وڌائي سياسي ميدان تي کُڏي کاهي پيو. 09_2008ع ۾ جسقم جو ضلعي لاڑڪاڻي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ پوءِ ٿوري عرصي اندر 2010ع ۾ جسقم جو مرڪزي پريس سيڪريٽري ۽ 12_2011ع ۾ مرڪزي ڪلچرل سيڪريٽري پڻ چونڊيو ويو. سياسي ميدان تي پڻ پنهنجو ڇڪو خاصو اثر ڇڏيو اٿائين.

جنوري 2012ع ۾ ئي هن "سرسوتي" ساهت گهر ڏوکريءَ جو بنياد رکيو ۽ ڏسندي ڏسندي ڪوڙ سارا ڪتاب پنهنجي قومي فرض جي پوئواريءَ ۾ اسان تائين پهچائي چُڪو آهي. سندس سياسي سچاڻپ "مسيح ڪالاڻي" آهي ۽ هن جي ڪاتي ۾ جيڪو سچي عمر نہ وسرندڙ ۽ ساراهڻ جوڳو ڪم آهي سو ڪتابن جي ڇپائيءَ وارو آهي.

ادبي، علمي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين سان گڏ هي پتڪڙو ڇوڪرو ڪتابن جي مواد جي سهيڙ، پروف ريڊنگ، سيٽنگ ۽ پرنٽنگ بہ ڪندو رهي ٿو ۽ انهن جو مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات مصروفِ عمل آهي. سنڌي ادب، سياست ۽علم جي مورچن تي هن جيڪو پورهيو ڪيو آهي، ان ۾:

مُهين جو باغي (ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو) ترتيب: مسيح ڪالاڻي_ 2012ع

پرهہ جو پيغمبر (سائين جي ايم سيد جون يادگار تقريرون) ترتيب: مسيح ڪالاڻي _ 2012ع.

سياست، تاريخ ۽ ڪردار (ڪالم ۽ مضمون) (عيسيٰ ميمڻ) 2013ع

اڻپوري ڪويتا (منتظر سومرو_شاعري) 2012ع

فلسفو ۽ زندگي (جوڻيجو عبدالخالق) 2013ع

سياسي تعليمي نصاب (ڊاڪٽر مير عالم مري) 2012ع

سياست، سماج ۽ آزادي (خالد چانڊيو) 2013ع

سماج ۽ ادب جو سفر (سرور منگي جون تخليقون) مرتب: عيسيٰ ميمڻ_ 2013ع

خانا بدوش لفظن جا قافلا (ادل سولنگيءَ جي شاعري) 2013ع

سنڌ پنهنجي جدا گهرجي (موريل زهراڻيءَ جون تخليقون) 2013ع

سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهڃاڻ: سراج (خالد چانديو) 2013ع

اکڙين جي پاڪ ۾ (شهمير سومرو_شاعري) 2013ع.

عيسيٰ ميمڻ جي شاعري لاڑڪاڻي ضلعي جي 16 شاعرن جي گڏيل مجموعي "مون ڏات انوکي آندي آ" ۾ شايع ٿي چُڪي آهي، جيڪو رياضت برڙي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو آهي.

هن کي ادبي ۽ علمي خدمتن جي ميجتا طور مختلف اعزاز ۽ سَنَدون بہ ملي چڪيون آهن، جن مان 2000ع ۾ سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن حيدرآباد ٻاراڻي ادب جي خدمت طور محمد ابراهيم جويو جي صحيءَ سان "ميجتا سَنَدَ"،

2004ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ پاران "سنگت جو بهترين ورڪر" ايوارڊ نمايان آهن.

عيسيٰ ميمڻ سان رابطو ڪرڻ تمام سهنجو آهي. هن سان خط وڪتابت ڪائياواڙ بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو جي پتي تي ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته سيل فون 0333755389 ۽ essa.memon@ymail.com ايٽس.

عزيز منگي

لاڙڪاڻو

31_ مارچ 2013ع

**

مُهاڳ

سياسي ادب ڏي هڪ نئين وِڪَ

سنڌ ۾ گذريل ڪيتري ئي عرصي کان سياسي ادب تمام گهٽ لکجي رهيو آهي. ان ۾ ب- وري معياري سياسي ادب ت- صفا نه هجڻ جي برابر آهي. فردن وانگر قومن جي زندگين ۾ ب- جمود ۽ لاڀ جا ڏينهن ايندا آهن. اهڙن ڏينهن ۾ گهٽو ڪري ت- سمورا شعبا، پر جي سمورا نه تڏهن ب- ڪيترائي اهم ۽ خاص شعبا، ان جمود ۽ لاڀ جو شڪار ٿيندا آهن. دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ت- ان جمود جي شروعات ب- گهٽي ياڻي سياست کان ٿيندي آهي، ت- ان جو ٽوڙ ب- اڪثر اِتان ئي نڪرندو آهي. ان ڪري سياسي عمل جي پختائي ۽ سگهه ڪنهن ب- سماج جي ارتقا ۽ اوڄ جي جانچنا جو هڪڙو اهم پئمانو آهي. سياسي ادب جو سرجڻ سياسي عمل جي پختگي، رواني ۽ ڪماليت جو هڪڙو خاص اهجاڻ آهي. جڏهن سياسي عمل پنهنجي ڪنهن مخصوص سطح تي روان دوان هوندو آهي، تڏهن اهو ان سطح جو سياسي ادب پڻ پيدا ڪندو آهي. اهو جيڏو مؤثر ۽ سگهارو هوندو ايڏو ئي پختو وڏو ۽ عظيم ادب پيدا ڪندو. وري ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي ت- سياسي عمل بنهه ڪمزور هوندو آهي ۽ انيڪ اندرين توڙي ٻاهرين رڪاوٽن ۾ گهيريل هوندو آهي، پر ان مرحلي تي اهو جيئن ت- انهن سمورين رڪاوٽن ۽ استحصالي قوتن سان برسرِ پيڪار هوندو آهي، ان ڪري اهو پنهنجي بطن مان تمام سگهارو سياسي ادب جنميندو آهي. البت جيڪڏهن سياسي عمل ايڏا پنهنجي اوسر جي ان مرحلي ۾ مس هوندو آهي جو اهو مڙيئي پيرڙا کڻي سگهي، ت- ان صورت ۾ وري سياسي ادب ان کي جلا بخشيندو آهي ۽ طاقت ٿيڻ ڏانهن وڌي ويندو آهي. هيءَ عمل ب- انيڪ ڪائناتي عملن وانگر ٻطرفو ڪن حالتن ۾ گهڻ طرفو هوندو آهي. هڪ شئي ٻي شئي تي اثر وجهندي ب- آهي، ت- ان جا اثر قبوليندي ب- آهي. گڏوگڏ اثر وجهڻ ۽ اثر قبولڻ جي ان سڄي ڪارگذاريءَ دوران بنهه نون اثرن، ڪارگذارين ۽ لقائن کي پڻ پيدا ڪندي آهي. ان ڪري هيٺ مٿانهيون ۽ گهاڻيون واڌيون اڇڻ جي باوجود ارتقا ۽ اڳيرائيون رکجنديون ناهن، ۽ سست رفتارين هوندي ب- قافلا اڳتي ڪاهيندا هلندا آهن.

اهڙي ريت سنڌ ۾ سياسي ادب ۾ آيل لاڀ جي باوجود اهو سلسلو هلندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين پاڻ ان صورتحال کي ڏُکار سان ب- پيٽي سگهون ٿا، پر صفا ڪاري ڏُکار واري حالت ناهي ۽ نه ئي ڪو "چَپني" جهڙو سال آيو آهي. ڏکين حالتن جي هوندي ب- ڪجهه اديب، دانشور، مضمون نگار ۽ قومي ڪارڪن پنهنجي پنهنجي وس ۽ وت آهر سياسي ادب سرجيندا رهن ٿا. جنهن مان ڪافي قدر لاپائتو مواد پڻ ملي ٿو. سمورين رڪاوٽن ۽ ڪوتاهين هوندي ب- سياسي عمل توڙي سياسي ادب جو سرجڻ بند نه ٿيو آهي. اهو وري ب- رڙهندو هلي پيو. جيڪا هڪ خوش آئند ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ جو هيءَ اهم نقطو آهي ت- جڏهن ب- ڪو عمل، ڪا سرگرمي، ڪو پنڌ اڳتي رڙهندو هلندو

آهي تہ هڪ ڏاڪي تي پهچي وڌيڪ سگهارو طاقتور ۽ مؤثر ٻڌجي پوندو آهي. اهو آخر ڪار شاندار نتيجا ڏيڻ لڳندو آهي.

اسان جو دوست عيسيٰ ميمڻ، جيڪو عيسيٰ ٻہ آهي تہ مسيح ٻہ آهي، ميمڻ ٻہ آهي تہ ڪالاڻي ٻہ آهي، پڻ هن ئي سڳر ساڻ جو پانڊيئڙو آهي. ادب هجي يا راڄنيتي، شعر و شاعري هجي يا فڪري نظرياتي ميدان، هو هڪ ئي وقت سيني طرفن پنهنجي صلاحيتن ۽ توانائين جا ڪؤنتل ڪڍائيندو رهندو آهي. هو پاڻ ٻہ سهڻو آهي تہ سندس خيال، سوچون ۽ نظريا ٻہ سهڻا آهن. ان ڪري مون سميت دوستن جي هڪ وڏي گهڻائي کيس پيار جي نظر سان ڏسندي آهي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ هو حمايتن ۽ مخالفتن کان بي نياز ٿي پنهنجو سياسي، نظرياتي ۽ فڪري پورهيو ڪندو ٿو رهي. سندس زيرِ نظر ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" سندس انهيءَ لاڳيتي پورهيي جو نشانبر ۽ نظر ايندڙ اهڃاڻ آهي.

"سياست، تاريخ ۽ ڪردار" مضمونن جو ڪتاب آهي ۽ بنيادي طور تي هڪ سياسي ڪتو آهي، پر ان هوندي ٻہ ان ۾ جيڪا ٻولي جي مِناس، سرلتا، روانيءَ سهنجائي آهي، اها ان جي ادبي اهميت کي تمام گهڻو وڌائي ٿي ڇڏي. هونئن ٻہ سنو ۽ ديرپا اهوئي ادب ثابت ٿيندو آهي، جيڪو فڪري سگهہ سان گڏوگڏ فني لوازمات جي نقطي نگاهہ کان پڻ پرپور هجي. ٻولي جي سونهن ان سلسلي ۾ پهرين گهرج آهي. سياسي ادب تي فن جي نقادن طرفان هڪ اعتراض اهو واريو ويندو آهي تہ اهو خشڪ ٿئي ٿو ۽ فني خوبصورتي توڙي ٻولي جي چاشني منجهس ورلي ئي نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين ان ڳالهہ کي جائز سمجهي سگهجي ٿو پر هر هنڌ ايئن ناهي. نہ رڳو عالمي سياسي ادب، پر خود سنڌ جي اندر سرجيل تمام گهڻي سياسي ادب تي اها ڳالهہ ڏهڪي نہ ٿي اچي. سائين جي ايم سيد کان وٺي عبدالواحد آريسر تائين، راشدي پائرن کان وٺي رسول بخش پليجي تائين اڪثر سياسي لکارين وٽ ٻولي جو اعليٰ درجي جو حُسن رهيو آهي. هاڻوڪي دؤر ۾ ڏسجي ٿو تہ اها ساڳي ڳالهہ آزاد قاضي، جامي چانڊيو، آصف بالادي، ڊاڪٽر ميرعالم مري، نصير ميمڻ توڙي ٻين نوجوان دوستن وٽ ٻہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (آئون هتي انهن ليکڪن جو ذڪر نہ پيو ڪريان جيڪي شاعراڻي يا افسانوي ادب وسيلي سياسي خيالن جي پرچار ڪن ٿا.) اهڙي ئي ريت عيسيٰ ميمڻ ٻہ ان لڏي ۾ ساڳي حيثيت رکي ٿو. هن وٽ ٻہ ٻولي جتي پنهنجي نفسِ مضمون ادا ڪرڻ ۾ مڪمل ريت ڪامياب رهي ٿي، اتي اها پنهنجي ادبي ۽ فني دلڪشي برقرار رکڻ ۾ پڻ سڪل ٿئي ٿي. آئون سمجهان ٿو تہ اها مؤثر ابلاغ لاءِ هڪڙي تمام وڏي خوبي آهي، جنهن ڪانسواءِ سياسي ادب پنهنجو ڪارج ڪُلي طور تي ادا ڪرڻ ۾ گهڻي ياڳي ڪامياب نہ ٿو ٿئي.

هن ڪتاب جي هڪ خاص خوبي هيءُ ٻہ آهي تہ اهو هڪ ئي وقت سياسي فڪر سان ٻہ پرپور آهي، تاريخ جي پراڻين ڳلين جي مهڪ ٻہ ميڙي ٿو اچي، ايريل مسئلن جي چنڀچاڻ ٻہ ڪري ٿو تجزين جي جهان ۾ ٻہ جهاتي پائي ٿو، ادب جي ڪميت کي ٻہ ڪرکٽا هٽي ٿو تہ خاڪانگاري جي صنف کي چهندي ان منجهان رنگ رنگ شخصيتن جي خوشبو کي پکيڙي ٿو ڇڏي. هو "وڻان وڻان ڪائي" ڳڻي ڪري هڪڙي گلداڻي نہ ٿو سجائي، پر هڪڙو پورو چمن آباد ڪري ٿو ڇڏي، جنهن جي مڌماتي سڳنڌ پڪ سان پڙهندڙ جي پوري وجود کي واسيءِ معطر ڪري ڇڏيندي.

هونئن تہ هن ڪتاب تي گهڻو لکي سگهجي ٿو ۽ ان مان حوالي طور ڪيترائي خوبصورت ۽ اهم ٽُڪرا ڪٽي هن مُهاڳ ۾ ڏئي سگهجن ٿا. پر وقت جي اٽهوند ۽ تڪڙ جي ڪري هنن سٽن کي بنهہ مختصر ڪندي آئون عيسيٰ

ميمڻ کي ھڙو ڪارائتو ۽ وقتائو ڪتاب لکڻ تي دلي واڌايون ڏيان ٿو. گڏوگڏ اھا ب اميد اٿم تہ ھيءُ ڪتاب قومي ڪارڪنن لاءِ نهايت لاڀائتو ثابت ٿيندو ۽ اھي ان مان مفيد رهنمائي حاصل ڪندا. لاشڪ ھيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي سياسي ادب ۾ ھڪ اھم واڌارو آھي.

سنڌ سلامت، سائ سلامت.

نواز خان زئور

10 اپريل 2013ع

ميرپور بٹورو ضلعو ٹٹو سنڌ.

پہ اکر

جڈھن ڪامريڈ حيدر جويو سان گڏ آيل سنھڙي سيپڪ نوجوان کي مون ڏنو ۽ سندس تعارف ڪامريڈ حيدر جويو عيسيٰ ميمڻ جي نالي سان ڪرائيندي ٻڌايو تہ "عيسيٰ پڙھيل نوجوان آھي ۽ سياسي مطالعو پہ ڪندو رھي ٿو." اڳتي ھلي عيسيٰ لاڙڪاڻي سينٽل ٿيو تہ ساٿس لڳاتار ڪچھريون ٿيڻ لڳيون. ھڪڙي ڏينھن عيسيٰ ھڪڙي ڪتاب جي جوڙجڪ تي مشورو ونڻ آيو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون کيس چيو تہ تون بجاءِ سياسي ڪارڪن طور سرگرم ٿيڻ جي ھڪ ليکڪ طور اڳتي اچ ۽ پنھنجي صلاحيت جو پرپور استعمال ڪري ڏيکار. انوقت ھمراھہ سڏو جواب تہ نہ ڏنو پر ڪجھہ ڏينھن ۾ اچي ھڪڙي ڪتاب جا پروف منھنجي اڳيان رکيائين تہ چيڪ ڪري ڏيو. اھو ڪتاب سرسوتي ساھت گھر ڏوڪري جو پھريون ڪتاب ھيو ۽ ھاڻي اھو سلسلو وڃي ڏھن ڪتابن تي پھتو آھي جنھن مان پہ ڪتاب تہ منھنجا لکيل ۽ سھيڑيل آھن.

عيسيٰ ميمڻ جو ھي ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" سندس لکيل مختلف مضمونن جو ڪٺڪو آھي جيڪي مختلف وقتن تي ڇپيا آھن. ھن ڪتاب جو پھريون پاڳو سياسي سماجي، تجزين ۽ تاريخ جي اپٽار تي ٻڌل 18 مضمونن تي ٻڌل آھي جڈھن تہ ٻيو پاڳو 10 شخصيتن تي لکيل مضمونن تي ٻڌل آھي. جيڪي سيڪي جديد سنڌ جا علمي، ادبي، سياسي ۽ مزاحمتي ڪردار آھن.

عيسيٰ جن سياسي ۽ سماجي موضوعن تي قلم کنيو آھي اھي موضوع اڄ جي سنڌ جا ٻرندڙ مسئلا آھن. قومي جبر ۽ غلامي جي ڏکئي دور ۾ سندس ڪالم نھايت اتساھيندڙ جذبو پيدا ڪندڙ ۽ معلوماتي ٻڌ آھن. سندس تحرير ٻڌائي ٿي تہ پاڻ ھڪ صاحب دل ليکڪ آھي جنھن جي اکين ۾ ٻرندڙ آزادي جي جوت سندس قلم مان وڃ جيئن ورا ڪا ڪري ظاھر ٿئي ٿي.

ھونئن تہ سنڌ ۾ لکندڙن ۽ ڪالم نويسن جو وڏو انگ موجود آھي جيڪي پنھنجي قلم سان قومي سياسي ڪارڪنن جي رھنمائي لاءِ ڇڪو خاصو مواد فراھم ڪري رھيا آھن ۽ عيسيٰ جھڙي سڃاڻ نوجوان جو اضافو پہ اسان جي سياسي ادب ۾ ھڪ سٺو سنؤڻ آھي.

جديد سنڌي سياسي ۽ مزاحمتي ڪردارن تي لکيل سندس مضمون پہ اسان کي سنڌ سان ٽيندڙ ٻي رحمانہ ڪار روين ۽ وارتائن بابت گھڻو ڪجھہ ٻڌائين ٿا. رياستي پاليسين، ڏاري آباد ڪاري، قومي ۽ طبقاتي سوال، معاشي بحران، ذوالفقار آباد جھڙي قاتل رڻا، 2010ع واري تاريخي ٻوڏ، ٽوپي اجرڪ واري ڏھاڙي جو تجزيو ۽ ٽوڙھي ڦاڪ سانحي جي حوالي سان شاگرد سياست جو تجزيو وارا مضمون سنڌ جي سياسي صورتحال جا سٺا ۽ مناسب تجزيا آھن. جڈھن تہ سنڌو درياھہ جي تاريخ، مُھين جي دڙي، بکر شھر، ڪوٽڏيجي قلعي ۽ مڪلي جي قبرستان وارا مضمون تاريخ ۽ آثار قديمہ جي موضوع سان واسطو رکن ٿا. ھن انھيءَ موضوع سان پہ انصاف ڪرڻ جي سڻي ڪوشش ڪئي آھي.

ان سان گڏوگڏ لطيف شناسي جي حوالي سان "سرسامونڊي" ۾ "وھن جو وايون ۽ مڏ جو اصل متو متارا"

آرٽيڪل تہ نهايت شاندار لکيا اٽائين ۽ پٽ ڏٽي جي پيغام کي نئين سر دريافت ڪرڻ جي ڏن ۾ لڳل آهي. سندس تجزيو بي مثال ۽ دليل بهترين آهن. مان کيس صلاح ڏيندس تہ پٽائي جي ٻين سُرن تي بہ لکي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو.

سنڌي ادبي سنگت هڪ ترقي پسند ادبي تنظيم آهي جيڪڏهن ٻين شاخن سان واسطو رکندڙ دوست عيسيٰ وانگر بہ پنهنجي شاخن جي تاريخ لکن تہ سنڌ جي ادبي تاريخ نهي پوندي.

پنهنجي طبيعت ۽ سياءَ ۾ نهٺو بااخلاق، مرکندڙ هي نوجوان جيڪا محنت ڪري رهيو آهي ان محنت سان سنڌي ادب ۾ سٺو واڌارو ٿي رهيو آهي. سندس هي ڪتاب نوجوان سياسي ڪارڪنن جي رهنمائي ۽ ذهن سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. ان سان گڏ عيسيٰ مان بہ اميد آهي تہ تحقيق ۽ مطالعي جي ڪم کي جاري رکندو تہ جيئن اسان پڙهندڙن جي ذوق مطالعہ جي تسکين ٿيندي رهي.

استاد خالد چانڊيو

31_03_2013

عيسيٰ ميمڻ کان مسيح ڪالاڻي تائين

سنڌي ادبي سنگت ڏوکريءَ جي گڏجاڻين ۾ هڪ ننڍڙو سنهڙو سيپڪڙو ٻالڪ عيسيٰ ميمڻ جڏهن شريڪ ٿيندو هو، اڃڪتي هلي هن لکڻ شروع ڪيو جنهن ۾ شاعري، ان کانپوءِ مضمون وغيره. عيسيٰ ميمڻ جي اکين ۾ هڪ علمي اُڃ مونکي محسوس ٿيندي هئي. لڳاتار ادبي سرگرمين ۾ حصيدار رهندي جڏهن هو پنهنجي شعوري سفر ۾ ميچوئر ٿيڻ لڳو تڏهن هن جي سوچ ۽ لوچ جو پنڌ به تيزيءَ سان شروع ٿئي ٿو. 03_2002ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوکريءَ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان هن جي جدوجهد اهڙي مثالي رهي آهي جنهن پنهنجي علائقي ۾ خاص ڪري ڏوکريءَ جي علمي، ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ ۽ عام ڪري سڄي ضلعي جي علمي ادبي حلقن ۾ نئون روح ڦوڪيو. موهن جي دڙي جي قيمتي مهرن جي چوريءَ خلاف هن جي جدوجهد ايتري سگهاري رهي جو سنڌ جي سمورن شهرن ۾ قيمتي مهرن جي چوريءَ خلاف سگهارو آواز اُپريو. ان حوالي سان سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران پڻ اُن جدوجهد کي قبوليت ملي ۽ موهن جي دڙي بابت عاليشان سيمينار ڪوٽايو ويو ۽ جڏهن ته ان ڏس ۾ لاڙڪاڻو ضلع حڪومت پاران پڻ تمام گهڻي پيش رفت ڪئي. منهنجو ۽ هن جو ساڻ سائين جي ايم سيد جي فڪري جدوجهد ۾ رهيو آهي، ڪهڙيون به حالتون رهيون هجن اسان پنهنجي فڪري جدوجهد ۾ هميشہ رُڌل رهيا آهيون. توڙي جو مقامي طور تي اسان جي آڏو پنهنجن توڙي پراون ڪافي رڪاوٽون وڌيون، سڌي اڻ سڌيءَ طرح سگهاريون ڌريون اسان مٿان اثرانداز ٿيڻ جون سموريون ڪوششون ڪنديون رهيون آهن تنهن هوندي به اسان جو شيخ ايياز جي هِنن سِٽن تي ايمان پختو ٿيندو رهيو آهي ته:

جي تون وڙهندي ماريو ويندي،
هن وَستيءَ تان واريو ويندي،
دودا تنهنجو ساهہ نہ ويندو،
پر ماڻهوءَ جو ويساهہ نہ ويندو.

اسان وقت جي نٽهڻ جو فڪرِ جي ايم سيد جي ڇانوَ ۾ رهندي مقابلو ڪيو آهي، ويڙهاند ڪئي آهي، جدوجهد ڪئي آهي پر ڪڏهن به حوصلو هاريو ناهي ۽ اسان جو ساڻ جيئن پوءِ ٽيئن گهرو ٿيندو رهيو آهي. عيسيٰ ۽ منهنجي سياسي علمي ۽ ادبي پورهيي اڃيان وقت جا جامڙا شڪست کائي ويا آهن.

"ينگ ايجوڪيشنل سوسائٽي"، "موهن جو دڙو اڪيڈمي آف سنڌ" کان ويندي "سرسوتي ساهت گهر ڏوکري" تائين هن جي شعوري سفر ۾ آءٌ هميشہ هن سان گڏ رهيو آهيان. اڄ جڏهن آءٌ گذريل وقت ڏانهن نهاريان ٿو ته عيسيٰ جي جدوجهد ۽ حاصلات اڃتي وڌڻ لاءِ همٿائي رهي آهي. اڃتي هلي جڏهن عيسيٰ ميمڻ "مسيح ڪالاڻي" بڻجي ٿو تڏهن مون ڪنهن پروگرام ۾ ڪيس هنن لفظن ۾ استيج تي گهرايو هو ته، "هڪ هيو سنڌ جو بهادر پٽ هيمون ڪالاڻي جنهن جو تسلسل آهي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جو تسلسل آهي مسيح ڪالاڻي" ۽ اڄ هو پنهنجي نالي مسيح ۽ ڪالاڻي جو پرمرڪڻ لاءِ ڪوشان آهي.

مسيح ڪالاٽي پنهنجي قوم جي مسيحائي سائين جي ايم سيد جي فڪري واٽ تي هلندي ڪري رهيو آهي، سنڌ جي آزادي تائين اسان جي جدوجهد جاري رهڻي آهي، اسان جو ساٿ سدائين لاءِ رهڻو آهي. مون هر پيري چيو آهي تہ "جيڪڏهن عيسيٰ ميمڻ جهڙو پاڻ هجي تہ مونکي ڪابہ ڳڻتي ناهي ۽ اڄ عيسيٰ سان گڏ هوندي مونکي فخر بہ آهي تہ پنهنجي ڪلهن جو بار هلڪو بہ محسوس ڪريان ٿو."

سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي سجاڳيءَ ۾ جيڪو ڪردار عيسيٰ رهيو آهي آءٌ سنڌ جي هر نوجوان کان اهڙي گُهرَ ٿو ڪريان تہ هو قومي تحريڪ کي سگهارو بنائڻ لاءِ ۽ سنڌي قوم جي آزاديءَ واري ويڑهاند ۾ عيسيٰ ميمڻ جهڙو عملي ڪردار ادا ڪري پنهنجو قومي فرض نيائي تہ سنڌ جي خوشحالي، امن ۽ آزادي جو پنڌ پرانهون بہ اورانهون ٿي پوندو.

ادل سولنگي

(محراب‌پور)

3_ اپريل 2013ع

ليکڪ پاران

منهنجو هي ڪتاب مختلف وقتن تي لکيل لکڻين جو ڳٽڪو آهي. جنهن ۾ جنهن معاملي کي جيئن مون سمجهيو آهي تہ ان کي ايئن بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جيتوڻيڪ ڪجهہ لکڻيون گهڻو وقت اڳ لکڻ سبب انهن ۾ ڪجهہ ڳالهين سان اتفاق نہ ٻہ آهي پر اهي منهنجا خيال ان وقت جي عڪاسي ڪن ٿا. جيئن جيئن وڌيڪ پڙهجي ۽ مشاهدو ڪجي ٿو تيئن تيئن خيالن ۾ تبديلي اٽٽر ٻڌجي وڃي ٿي. ڪائنات ۾ بقا صرف تبديلي کي ئي آهي. جيڪا ٻہ شيءِ يا خيال تبديل نہ ٿو ٿئي يقيناً اهو پنهنجو ڪارج وڃائي ويهي ٿو. ان ڪري منهنجا هي خيال هن وقت تائين جو سچ آهن ايندڙ دؤر جي سچ جو تعين ايندڙ حالتون ڪنديون، چو تہ هر دؤر جو سچ پنهنجو ٿيندو آهي. هي لکڻيون صرف تاريخ جي هڪ دؤر جو سچ سمجهيون وڃن.

ڪتاب جي ڏس ۾ جن دوستن مون سان سهڪار ڪيو انهن ۾ منهنجي بااعتماد ساٿي ۽ بهترين نقاد ۽ نثر نويس علي بخش پنهنڙ، منهنجي وڏي پاءُ ادل سولنگي ۽ عزيز منگي، اسان جي محسن خالد چانڊيو ۽ نئين ٽهيءَ جي دانشور ۽ ادیب نواز خان زنئور ۽ نالیواري شاعر ڊاڪٽر ادل سومري جا خاص ٿورا جن وقت ڪڍي ٻہ اکر لکڻ جي عنايت ڪري منهنجي حوصلي افزائي ڪئي. ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ ساٿي شيخ رفيق ۽ ٽائيٽل لاءِ مرتضيٰ ميمڻ جا پڻ احسان هميشہ ياد رهندا.

ڪتاب تي مان پنهنجي راءِ ڏيڻ بجاءِ سڀ کجهہ پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ هو ڪيئن ڏسن ۽ سمجهن ٿا. مان پنهنجي سمورن خيالن، سوچن ۽ تجزين جي لفظ لفظ کان وٺي ڪاما، فل اسٽاپ تائين جو ذميوار آهيان تنقيدي، تعريفي يا اصلاحي جيڪو ٻہ پهلو سامهون آيو تہ ان جي دل کولي آڃيان ڪندس.

اوهان جو پنهنجو

عيسيٰ ميمڻ

ڏوکري

سياسي تجزياءِ تاريخ

قومي ۽ طبقاتي سوال جو جائزو

سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي سوال تي گهڻي وقت کان بحث هلندڙ آهي. جڏهن تضاد موجود هجن تہ ان تي بحث تضاد جو سلجهاءُ لازمي بڻيو پوي. شعور مادي حالتن جي پيداوار هوندو آهي. مادي حالتن جي تبديليءَ سان شعور ۾ بہ تبديلي ايندي آهي. شعور جيتوڻيڪ مادي حالتن جي پيداوار ضرور هوندو آهي پر شعور مادي حالتن جي تبديليءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. اها تبديلي ارتقائي تبديلي هجي يا انقلابي ان ۾ شعور جو عمل دخل ضرور هوندو آهي. ارتقائي عمل ڪڏهن ڪڏهن صدين جو سفر ڪري معاشري ۾ تبديليءَ لاءِ راهہ هموار ڪندو آهي. جيئن غلام داري سماج کان جاگيرداري سماج تائين انسان کي صدين جون صديون سفر ڪندي گذريو آهي. جنهن ۾ انسان غلام داري سماج کان بغاوتون ڪندي، پنهنجي جند آجي تہ ڪرائي پر وري جاگيرداري سماج ۾ جڪڙجي پيو. جيتوڻيڪ جاگيرداري سماج، غلام داري سماج کان وڌيڪ ترقي پسند ٿيندو آهي، جنهن ۾ سماج هڪ قدم اڳتي سفر ڪندو آهي. پر هڪ خاص عرصي کان پوءِ ساڳيو سماج تبديليءَ جي گُهر ڪندو آهي، جيڪڏهن ان سماج ۾ تبديلي نہ ٿي اچي تہ معاشري ۾ بگاڙ ۽ پيچ ڀاهہ شروع ٿيندي آهي. جيئن جاگيرداري سماج کان پوءِ سرمائيداري سماج ۾ تبديليءَ جي مرحلي ۾ سماج ۾ بغاوتون شروع ٿيون. ڇو تہ سرمائيداري سماج ۾ پيداواري ذريعن جي تبديليءَ سان پيداواري اوزارن ۾ تبديلي ۽ پيداواري اوزارن جي تبديليءَ سان پيداواري رشتن ۾ تبديلي اٽٽر بٽجي وڃي ٿي. جاگيرداري سماج ۾ پيداواري رشتن ۾ ڏار پئجي ويندا آهن. جڏهن سرمائيدار پنهنجا پير پختا ڪرڻ لاءِ جاگيرداري سماج سان مهاڏو اٽڪايو. سرمائيداري، جاگيرداري کان وڌيڪ، ترقي پسند رجحان ۽ لاڙا کڻي آئي. جنهن ۾ انساني ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ۽ ماڻهن جاگيرداري کان وڌيڪ بهتر سرمائيداريءَ کي سمجهيو. ان ڪري سرمائيداريءَ جي ترقي پسند رجحانن قومن جي تشڪيل ڪرڻ شروع ڪئي. جاگيرداري جي ٻين هزار برائين سان گڏ سڀ کان وڌيڪ برائي اها بہ هوندي آهي تہ ان نظام ۾ ماڻهو ٽڪرن ۾ ورهايل هوندا آهن. سوچ علاقائي دائرن تائين محدود هوندي آهي، جنهن ڪري ماڻهوءَ جا مفاد بہ علاقائي ٿيندا آهن پر سرمائيداري سماج قومي منڊي جي تلاش ۾ علاقائي سوچ بجاءِ قومي/ اجتماعي سوچ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي. جنهنڪري ماڻهن جي مرڪزيت (Centralization) جڙندي آهي. سرمائيدار کي سستي پورهيت، ڪچي مال ۽ منڊيءَ جي سخت ضرورت هوندي آهي. ان ڪري هو مذهبي عقيدي پرستي، علاقائي سوچ بجاءِ ماڻهن کي هڪ قوم هجڻ جا سبق ڏيندو آهي. ان جو مقصد اهو هرگز نہ هوندو آهي تہ سرمائيدار قوم سان محبت ڪندو آهي پر هن کي پنهنجا معاشي مفاد وڌيڪ عزيز هوندا آهن. ان ڪري هو قومي تحريڪن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سرمائيدار کي عالمي سرمائيدار جي سيڙپڪاري ۽ اثر رسوخ گهٽائڻ لاءِ قومي تحريڪ جي سخت ضرورت هوندي آهي. جاگيردار ۽ مذهبي انتهاپسندي، ترقي پسندي رجحانن کي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪندي آهي. ان ڪري سرمائيدار کي ايرڻ نہ ڏيندي آهي. سرمائيداري، جاگيرداري ۽ مذهبي انتهاپسندي لاءِ موت جو پروانو ڪٽي ايندي آهي. ان ڪري قومي تحريڪ هڪ ئي وقت عالمي سامراج، جاگيردار ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ خلاف وڙهہ وڙهندي آهي. جنهن جي پسمنظر ۾ سرمائيدار هوندو آهي.

سنڌ ۾ قومي سرمائيدار نہ هجڻ سبب، اهو خال ڏارئي سرمائيدار پورو ڪيو. ان جو مطلب اهو ہ هرگز نہ آهي تہ سنڌ ۾ قومي سرمائيدار پيدا ئي نہ ٿيو. سنڌ ۾ اڪثر جيڪو مڊل ڪلاس انگريز دؤر ۾ ترقيءَ جون منزلون طئ ڪندي سرمائيداريءَ جو ڇار وڇائي رهيو هو. ان کي 1947ع واري ورهاڱي ۾ زبردستيءَ لڏايو ويو. نتيجي طور تي سنڌ ۾ جيڪي مڊل ڪلاس تعليم ۽ صحت جا ادارا کولي عوام ۾ شهري زندگي گذارڻ جا لاڙا پيدا ڪيا، ان کي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ۾ ورهاڱي ڪري رڪاوٽ پيدا ٿي ۽ ان جي جاءِ ڏارئي سرمائيدار پنهنجو سرمايو کٽي ۽ سنڌ جي شهرن تي قابض ٿي ويو. جيڪو سنڌي سماج جاگيرداري کان پوءِ سرمائيداريءَ ۾ داخل ٿيڻو هو ان جو رُخ تبديل ٿي ويو. ڏارئي سرمائيدار نہ صرف شهرن تي قبضا ڪيا پر ان سستي مزدور جي تلاش ۾ ڏارئي مزدور کي بہ پاڻ سان گڏ ڪنيون آيو ۽ ڏارئي سرمائيدار ڪيترائي خطرا محسوس ڪيا. هڪ تہ ڏرتي ڏٽي مزدور، اجوري جي گُهرَ وڌيڪ ڪري رهيو هو، ٻيو اهو يونين سازي بہ ڪري مطالبا ڪري رهيو هو. جنهن ڪري سرمائيدار ڏارئي مزدور کي وڌيڪ ترجيح ڏني. نتيجي ۾ هڪ تہ سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاريءَ جو ايترو دٻاءُ وڌي ويو آهي جو سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو اقليت ۾ تبديل ٿيڻ واري سيڪڙي تي پهتا آهن ۽ ٻيو تہ جيڪو سنڌي سماج جاگيرداري کان ٻاهر نڪري ترقي طرف وڌڻو هو. اهو موقعي نہ ملڻ سبب هن وقت تائين جاگيرداري جي ڏٻڻ ۾ وڌيڪ ڦاسي پيو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري بہ سنڌ ۾ قبائلي تڪرار ۽ ذات پرستيءَ جا رجحان تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. جيڪي سنڌ کي خانا جنگيءَ ۾ وڌي وڃي سگهن ٿا. خود رياست جو جياپو بہ ان ۾ آهي تہ جيترو سماج قبائلي ۽ علاقائي تڪرارن ۽ جهيڙن ۾ الجهندو اوترو رياست جي عمر وڌندي. ان ڪري رياست جاگيردار جي پٺيراڻي بہ ڪري رهي آهي. جڏهن تہ ڏاري آبادڪاريءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جي جاگرافي تبديليءَ جا امڪان بہ پيدا ٿي پيا آهن. چاڪاڻ تہ جتي ڊيموگرافيڪل تبديلي ايندي آهي اتي جاگرافيڪل تبديليون بہ ايندیون آهن. جنهن جو سڀ کان وڏو مثال فلسطين ۽ اسرائيل ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو بلوچن گوادر پورٽ منصوبي کي بہ بلوچستان جي ڊيموگرافيڪل تبديلي جي خوف کان رد ڪيو. نہ صرف رد ڪيو پر ان خلاف مزاحمت بہ ڪئي آهي.

سنڌ ۾ قومي سرمائيدار نہ هجڻ سبب بہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي جيڪا سنڌ جي اڏاوت ڪرڻي هئي، اُها نہ ڪري سگهي آهي. جنهن ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ ڪلچرل محاذ تي سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب وئي آهي ۽ ان محاذ تي مذهبي انتها پسنديءَ خلاف بہ قومي تحريڪ تمام گهڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. قومي تحريڪ جي جدوجهد جو نتيجو آهي تہ جو پاڪستان جي چئن رياستن مان سنڌ اڄ بہ سڪيولر ۽ مذهبي رواداريءَ جو سڀ کان وڏو مثال آهي. جنهن ڪري جڏهن دنيا مذهبي انتهاپسنديءَ کان خطرو محسوس ڪري ٿي تڏهن وري بہ سنڌ انهن لاءِ اتساهہ جو سبب آهي. باقي قومي تحريڪ کي ايان گهٽن محاذن تي پنهنجي ويڑهہ وڙهڻي آهي.

سنڌ ۾ هاڻ سوال اچي ٿو تہ انهن حالتن ۾ قومي ۽ طبقاتي تحريڪ کي چا ڪرڻو آهي؟ منهنجي راءِ آهي تہ سڀ کان اول اهو تعين ڪرڻ گهرجي تہ سڀ کان اڳ ڪهڙو تضاد اُپريل آهي. جنهن جي حَل لاءِ ڪوشش/ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ جيستائين نظرياتي مونجهارا هوندا تيستائين حڪمت عمليءَ ۾ بہ مونجهارا هوندا. سنڌ ۾ طبقاتي تحريڪ جيڪا سڀ کان وڏي غلطي پئي ڪئي آهي، اُها اِها تہ هن وقت تائين قومي تضاد کي يا تہ نظرانداز

پئي ڪيو ويو آهي يا گهٽ اهميت پئي ڏني آهي. يا قومي تضاد کي طبقاتي تضاد جي متضاد پئي سمجهيو آهي. جنهن سبب قومي تضاد تي جهيڙيندڙ ڏريون ۽ طبقاتي ويڙهه وڙهندڙ ڏريون، نظرياتي طرح ۽ ڪنهن قدر عملي طور تي به هڪ ٻئي خلاف محاذ کڙا ڪنديون رهيون آهن. طبقاتي سوال رکندڙ ڏرين موقعي پرستي جو شڪار هجڻ ۽ انهن جي ادارن ۾ اڪثريت ڏارئي دانشور هجڻ ڪري به انهن قومي سوال کي ڇيهو پئي رسايو آهي. ٻئي طرف قومي سوال جي حَل لاءِ ڪوشان رهندڙن، طبقاتي تضاد کي غير اهم سمجهيو آهي يا ان کي مستقبل جو سوال سمجهيو آهي. جيتوڻيڪ قومي تضاد به بنيادي طور تي طبقاتي تضاد هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ طبقو قوم کي غلام بڻائي ۽ باقي پنهنجي قوم کي مراعت يافته بڻائي ۽ ان استحصال ۾ پنهنجو حصيدار بڻائيندو آهي. جنهن ڪري ان قوم جو عوام يا پورهيت مظلوم قوم/ پورهيت لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ کان لنوائيندو آهي. پاڪستان ۾ پنجاب جي بالادست طبقي، اسلام ۽ وفاق جي نالي ۾ مظلوم قومن کي غلام بڻائي، ان جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪري، پنهنجي قوم کي نوڪرين ۽ وسيلن ۾ حصيدار بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب سنڌ يا بلوچستان مان جڏهن ڪو پنهنجي حقن لاءِ آواز اٺاري ٿو تڏهن پنجاب مان ڪو ٻڙڪ به ٻاهر ڪيڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن ته پناڻن کي پنجاب قومن جي باقي استحصال ۾ پاڳي پائيوار بڻائي ورتو آهي. اهو ئي سبب آهي جو قومن جي وچ ۾ زبردست تضاد موجود آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هتي قومي تضاد اپريل تضاد آهي. جيستائين قومي تضاد حل نه ٿيندو تيستائين طبقاتي تضاد به حل نه ٿيندو. ان ڪري جيڪي ڏريون قومي تضاد کي نظرانداز ڪري سنڌ ۾ سياست ڪنديون، اُهي ڪڏهن به پنهنجا پير کوڙي نه سگهنديون. ان جو نتيجو طبقاتي تحريڪ جي موجوده بيهڪ مان به لڳائي سگهون ٿا ته هو هيٺين طبقي جي ڳالهه ته ڪن ٿيون پر هيٺين طبقي جو ماڻهو وٽن نالي ماتر به نه آهي. جڏهن ته سائين جي ايم سيد 1972ع ۾ ئي قومي تضاد کي سمجهي ورتو هو. جنهن ڪري قومي تحريڪ پنهنجا گهربل لوازمات پورا نه ڪرڻ باوجود به قومي تضاد سبب عوام ۾ بيٺي آهي ۽ قومي تحريڪ جڏهن به ڪو سڏ ڏئي ٿي ته لکن جي تعداد ۾ ماڻهو روڊن تي نڪري اچن ٿا ۽ ماڻهو قومي تحريڪ کي ئي پنهنجي مسئلن جو حَلُ سمجهن ٿا. ڪامريڊ لينن چواڻي ته "جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نه ٿو ڪري سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو سچو پوئلڳ ته ٺهيو پر سڪٽو جمهوريت پسند به ڪونهي." ڇاڪاڻ ته قومي آزاديءَ جو سوال صرف قومپرست جو سوال نه آهي اهو سوال اوترو ئي ڪميونسٽ جو به سوال آهي پر ڪميونسٽ جو ته پهريون سوال آهي، ان ڪري طبقاتي ۽ قومي تحريڪ کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته عالمي سامراج، پنجاب جو فوجي ٽولو جاگيردار ۽ بيوروڪريسي قومن جي استحصال ۾ پِڻُ بڻيل آهن. ان ڪري جڏهن دشمن قوتون منظم هجن ته عوام دوست ۽ قوم دوست قوتن کي به هڪ ٻئي کان پري رهڻ نه گهرجي.

هنن حالتن ۾ قومي تحريڪ کي به پنهنجو نظرياتي ۽ عملي پاسن جو جائزو به وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قومي تحريڪ جو نظرياتي پاسو ڪٽي ڪٽل ۽ ڪٽي ڏنڊلو آهي، جنهن ڪري نظرياتي مونجهارا، سياسي ميدان تي عملن ۾ مونجهارا پيدا ڪن ٿا. مثال طور هر قومي تحريڪ پنهنجي جوهر ۾ سامراج مخالف هوندي آهي، پر هتي قومي تحريڪ دنيا جي عالمي سامراج آمريڪا ڏانهن پنهنجي پاليسي، سامراج مخالف هجڻ بجاءِ دوستاٽا آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي مخالف نه آهي. آمريڪا سڄي دنيا ۾ تباهي پيد اڪري ڇڏي آهي. جپان تي حملي ڪرڻ کان وٺي عراق

۽ لبيا جي لکين ماڻهن جي قتل عام باوجود به آمريڪا جي تلوار مياڻ ۾ واپس نه ٿي ويڄي. ان ڪري سڄي دنيا ۾ بک بدحالي، بدامني ۽ مهانگائيءَ جو راڪاس لامارا ڏئي رهيو آهي. سوويت يونين جي دشمنيءَ ۾ ايٽم بم کان پوءِ مذهبي طالبان پيدا ڪري دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. آمريڪا جي جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رهي آهي ته اها نظرياتي ۽ انسان دوستيءَ واري نه پر معاشي مفادن واري رهي آهي، جنهن ڪري ان مان آزاديءَ جي اميد رکڻ بجاءِ عوام جي طاقت ۽ جدوجهد تي وڌيڪ ياڻڻ جي ضرورت آهي. ان طاقت ۽ ويڙهه جي مرحلي ۾ جيڪڏهن دشمن قوت خلاف ڪا طاقت مدد ڪري ٿي ته ان تي سوچي سگهجي ٿو. باقي آمريڪا کي آزاديءَ لاءِ اپيل ڪرڻ بجاءِ عوام، دنيا جي مظلوم ۽ سوشلسٽ ڏانهن مدد يا امداد جي اپيل ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ پنهنجون پاليسيون طبقاتي جدوجهد ڏانهن به واضح رکڻ گهرجن.

سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري خلاف مزاحمت: حقيقتون ۽ خدشا

ڏاڍو هڪ خوبصورت جملو آهي ته "جنگ ۾ پلي توهان جي دلچسپي هجي يا نه پر جنگ اوهان ۾ دلچسپي رکي ٿي." هي جملو بظاهر ته ڏاڍو سادو ۽ خوبصورت آهي پر ان ۾ انتهائي گهري معنيٰ لڪل آهي. جنگ انسان جو اهڙو عمل آهي جيڪو ٻن سببن ڪري ڪندو آهي. هڪ جڏهن انسان جو وجود خطري ۾ هجي تڏهن انسان پنهنجي بقا جي جنگ وڙهندو آهي. جيڪڏهن هو جنگ نه وڙهندو ته هن صفحه هستيءَ تان مٽجي ويندو. ڇاڪاڻ ته هيءَ دنيا وڙهي جيئڻ جو ميدان آهي. جيڪو پنهنجي اندر ويڑهه جي سگهه رکندو اهو ئي هن دنيا ۾ پنهنجي وجود کي بچائي سگهندو. اها جنگ فطرت سان هجي يا انسان جي انسان سان هجي پر اها جنگ هر حال ۾ انسان کي وڙهٽي پوندي. ٻيو جنگ انسان، ٻئي انسان کي هڪ طبقو، ٻئي طبقي يا هڪ قوم ٻئي کي زيردست ڪرڻ لاءِ يا ان جي قرلت ڪرڻ لاءِ وڙهندو آهي. جيئن آمريڪا يا ان جا ساٿاري ملڪ توڙي سرمائيدار سڄي دنيا جي دولت امن جي نالي تي پنهنجي هٿن ۾ رکڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. جيڪا جنگ ڪنهن به صورت ۾ انسان يا فطرت جي بهتري ۾ نه آڻي سگهجي نه ئي وري ان کي جائز سمجهي ان جي حمايت ڪري سگهجي ٿي. پر جنگ ۾ اسان جي دلچسپي پلي نه هجي پر جنگ اسان ۾ دلچسپي رکي ٿي، ان ڪري اها جنگ وڙهڻ فطرت جي مطابق هوندي آهي. ان ڪري اها جائز آهي ۽ وڙهڻ ڪپي.

اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جي ان سڏ ڪي ورنائيندي سنڌ جي محب وطنن پنهنجي وجود جي جنگ وڙهڻ لاءِ 20 فيبروري کان سنڌي قوم کي سڏ ڏنو آهي. جنهن کي سنڌ جا مڙني طبقن جا ماڻهو پنهنجي زاويي کان ڏسن ۽ تجزيا ڪن ٿا. هي جنگ جيڪا شروع ٿي آهي، ان جو تجزيو ۽ ان جي بهتر رخ ۾ هلائڻ لاءِ سنڌ جي دانشورن ۽ تجزيانگارن کي حقيقي ۽ قوم دوستيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاريءَ سبب سنڌي قوم جو وجود داوَ تي لڳل آهي. هڪ رپورٽ مطابق هر سال سنڌ ۾ 2_لک ڏاريا داخل ٿي رهيا آهن. جنهن سبب سنڌ ۾ ڏارين جو تعداد 49 سيڪڙو ۽ سنڌي ماڻهن جو تعداد 51 سيڪڙو ٿي ويجي ٻيئو آهي. جيڪڏهن ڏارين جي اها يلغار رهي ته سنڌي پنهنجي ئي ڏرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن جو اهڙو حشر ٿيندو جيڪو فلسطين ۾ فلسطينين سان ٿيو. آمريڪا ۽ برطانيہ ٻي مهاپاري جنگ ۾ يهودين جي وڏي تعداد ۾ ٿيل قتل عام کانپوءِ انهن جي منتشر قوت کي ڪٺي ڪرڻ لاءِ يهودين کي فلسطين ۾ آباد ڪري فلسطينين کي اقليت ۾ آڻي انهن جي سرزمين کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. اهڙي طريقي سان سنڌين جي سرزمين تي ڏارين کي آباد ڪري سنڌين کي پنهنجي ڏرتيءَ تان بيدخل ڪرڻ جي گهري سازش ٿي رهي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌ جون سيئي ڏريون وڏي عرصي کان ڏاري آبادڪاريءَ خلاف پرامن جدوجهد پئي ڪئي آهي پر هن وقت تائين ان جو ڪنهن به طرح خاطر خواه نتيجو سامهون نه آيو آهي. ان ڳالهه کي سامهون رکي سنڌ جي محب وطنن ڏاري آبادييءَ کي ٽن مهينن جو مدو ڏنو ته اهي پنهنجا ٽپڙ ڪٽي پنهنجي سرزمين ڏانهن موٽي وڃن پر ان جي برعڪس انهن ڏارين سنڌ تي پنهنجو دائمي حق سمجهندي مزاحمت جو فيصلو ڪيو. نتيجي ۾ انهن خلاف

ڪارروائين جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءَ تحريڪ مهاتما گانڌيءَ طرفان 1942ع ۾ Quit India Movement هندستان خالي ڪريو تحريڪ جو تسلسل آهي. جڏهن انڊين نيشنل ڪانگريس محسوس ڪيو ته ڏارين (انگريزن) کي ڪيڏ لاءِ هي وقت مزاحمت جو آهي. ٻي مهاپاري جنگ سبب انگريز حڪومت ڪمزور ٿي رهي آهي ته ان وقت انهن "هندستان خالي ڪريو تحريڪ" هلائي. جنهن جو مقصد به سامراج خلاف سڌي جنگ هو ان تحريڪ جا نتيجا بهتر مليا جو انگريز سرڪار ڪانگريس سان ڳالهيون ڪيون ۽ هندستان کي خالي ڪرڻ لاءِ مهلت گهري. اڄ ساڳي تاريخي سڌ کي محسوس ڪندي ڏاريا سنڌ خالي ڪريو تحريڪ (Quit Sindh Movement) شروع ڪئي وئي آهي، جنهن جو رخ پنجاب سامراج ڏانهن ٿئي آهي. جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ دشمن مختلف حربا استعمال ڪري رهيو آهي. اڇو ته انهن جي سازشن کي سمجهون ته اهي ڪهڙي نموني تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ نفسياتي حربا استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙيون سازشون تاريخ ۾ نئين ڳالهه نه آهي. توهان تاريخ جا ورق اٿلائيندؤ ته توهان کي هر گوريلا جنگ ۾ اڪيلا ڪُرَ توهان کي نظر ايندا. ان وقت جواهر لعل نهرو کانسواءِ ان تحريڪ کي ڪنهن به پنهنجو نه ڪيو هو. جڏهن ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي به ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ سرڪار سان اختلافي راءِ رکي هئي ته حرن کي نه ڪڇليو ويڇي پر سرڪار حرن کي اڪيلي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويئي هئي، هاڻي به اهڙيون سازشون ٿي رهيون آهن.

پهريون حملو: "هي وقت جنگ ڪرڻ جو نه آهي"

سنڌ ۾ ته ڇا پر دنيا ۾ جڏهن به آزادي پسندن تحريڪ هلائي آهي ته ان تي پهريون حملو اهو ڪيو ويندو آهي ته هي وقت جنگ جو نه آهي. جڏهن 1859ع منگل پانڊي، انگريز سرڪار خلاف پهرين گولي هلائي تڏهن به اهو چيو ويو ته هي وقت جنگ جو نه آهي، وري 70 سالن کانپوءِ 1932ع ۾ پڳت سنگهه ويڙهه جي ڳالهه ڪئي تڏهن به ان لاءِ اها ڳالهه ڪئي ويئي "هي وقت ويڙهه جو نه آهي."، سياش چندر بوس ۽ سورهيه بادشاهه سميت ڪنهن به جنگ لاءِ اهو نه ٻڌو آهي ته چوندا هجن ته، وقت تي اهو عمل ٿيو آهي. خود جڏهن 1972ع ۾ سائين جي ايم سيد آزاد سنڌ جي ڳالهه ڪئي تڏهن به چيو ويو ته "هي وقت نه آهي؟" پلا جنگ جو ڪهڙو وقت مقرر هوندو آهي، اهو ڪير ٻڌائيندو؟ ٻي ڳالهه اها ته ويڙهه جو تعين اسان نه پر اسان جو دشمن ڪندو آهي. دشمن جنهن محاذ تي ڳالهه ٻڌندو ۽ ميڙيندو آهي ان محاذ تي ويڙهه لاءِ پاڻ کي تياري ڪرڻي پوندي آهي. هن وقت اسان جو دشمن پيار، محبت ۽ امن واري هولي ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه آهي. ان ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته هي ويڙهه جو تعين اسان نه پر اسان جي دشمن ڪيو آهي.

ٻيو حملو: "پارٽي منظم نه آهي ان ڪري نه وڙهڻ ڪپي"

ڪڏهن ڪڏهن قوم تي وقت اهڙو ايندو آهي جڏهن وقت جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ سڌ ڏبو آهي. پوءِ اهو ڪنهن به شڪل ۾ هجي. هن وقت اهو تسليم ڪجي ٿو ته جيڪا پارٽيءَ جي شڪل رياست اندر رياست واري نه آهي پر ان جو مقصد اهو نه آهي ته اها پارٽي نه آهي. پارٽي جنهن به حالت ۾ آهي اها سنڌ جي جمود واري سياست کي ٽوڙڻ جي هڪ ڪوشش ڪري رهي آهي. سنڌ جيڪا 1843ع کان وٺي غلاميءَ جي هڪ ڊگهي مرحلي مان گذري آهي.

جنهن جو حافظو ۽ هاضمو خراب ٿي ويو آهي. "مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٽيندي سهٽي" واري صورتحال ۾ سنڌي قوم جي رفتار کي تيز ڪندو ۽ سنڌي قوم جنهن تاريخ جي سموري عرصي ۾ قبيلائي ۽ گروهي انداز ۾ ويڙهه ڪئي آهي، ان کي نفسياتي ۽ عملي طور تي هڪ قومي شڪل ۾ ٻيهاري سگهي ٿي. ان ڪري پارٽي منظر نه هٽڻ واري ليبل کي سنڌي قوم جو ڪمزور پهلو سمجهي ويڙهه نه ڪرڻ واري صلاح سنڌ دوستيءَ جي ذمري ۾ نه ٿي اچي.

ٽيون حملو: "پناڻن کي ڏاريو ڇو ٿو سمجهي وڃي"

سڀ کان اول ته اهو سمجهڻ ڪپي ته سنڌ مان ڏارين کي نڪرڻ جو سڏ ڏنل آهي. ڏاريءَ جو مقصد ۽ مفهوم به اهو آهي ته 1954ع کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪا به آبادي غير قانوني توڙي غير آئيني طرح سان سنڌ ۾ داخل ٿي آهي. جنهن ۾ پناڻ، پنجابي، برمي، بنگالي توڙي ٻيون قومون اچن ٿيون، انهن کي ڏاريو تصور ڪيو وڃي ٿو. سرڪار وٽ ڏاري آبادڪاريءَ جو تصور اهو آهي ته پاڪستان کان ٻاهران آيل غيرقانوني ماڻهو ئي صرف ڏاريا آهن، جڏهن ته قومپرستن وٽ ڏاري آبادڪاري جو تصور جداگانه آهي. هو سمجهن ٿا ته نه صرف پاڪستان کان ٻاهران پر پاڪستان جي ڪنهن به حصي، خطي کان آيل ماڻهو سنڌ ۾ ڏاريو آهي. اسان سمجهون ٿا ته پويون موقف درست آهي. انهن ۾ وڏو تعداد سنڌ جي معيشت تي سڌي طرح قابض پناڻن جو آهي، باقي ٻيون قومون سنڌ ۾ ايتريون نه اڪثريت ۾ آهن ۽ نه منظم آهن. اهو ئي سبب آهي جو پناڻن سنڌ تي مالڪيءَ جي دعويٰ ڪندي هٿياربندن ويڙهه جوا علان ڪيو آهي. ان ڪري ويڙهه جو مرڪزي نقطو پناڻ، پختون بٽجي ويو آهي نه ته ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين حصن ۾ پنجابي توڙي ٻين قومن کي به ڇڪو خاصو نقصان پهتو آهي. تنهن ڪري اهو چوڻ ته رڳو پناڻن/ پختونن خلاف ويڙهه آهي اهو غلط پروپيگنڊا جو حصو بڻائي سنڌي قوم کي منتشر ڪرڻ جي ڪوڙي آهي.

چوٿون حملو: "اردو آبادي‌ءَ جي جنگ وڙهي پئي وڃي"

سڀ کان پهرين ته اهو طئه ڪرڻ ڪپي ته سنڌ جا اصل وارث ڪير آهن؟ جيڪڏهن اهو طئه ڪبو ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته اصل وارث اسان آهيون ۽ اسان جو وجود داؤ تي لڳل آهي. ڏاري آبادي جڏهن سنڌ ۾ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، ان جو مقصد به اهوآهي ته ويڙهه جو مرڪز اسان ئي آهيون ۽ 1954ع تائين آيل اردو آبادي جيڪڏهن ان جو شڪار ٿي اسان سان ويڙهه ۾ شامل ٿئي ٿي ته اهو بهتر عمل ڇئي سگهجي ٿو. ڏاري آبادي نڪرڻ سان جنهن ڏرين کي برابر جا فائدا پلئه پوندا. مون کي حيرت ٿئي ٿي ته اسان جا سڀ ڏاها ان ڳالهه تي متفق آهن ته ڏاريا نڪرڻ کپن پر ان خلاف ٽيندڙ مزاحمت کان ڪن لاتار ڪن ٿا. اهو الزام ته ايم ڪيو ايم جي ايجنڈا آهي، جيڪڏهن ڏاري آبادڪاري ايم ڪيو ايم جو مسئلو آهي ته تن ڏهائين کان وٺي اسان سڀني جو ڏارين خلاف دانهُن ڪُوڪن ۽ هاءِ گهوڙا کي ڇا معنيٰ ڏجي؟ ڏاري آبادي اسان جو مسئلو هئي ۽ آهي، ان مسئلي تي اسان جي وڏي عرصي کان ٽيندڙ جدوجهد ۾ ايم ڪيو ايم سميت ٻي ڪابه ڏر عملي طور تي شامل ٿئي ٿي ته ان کي سٺو سنوڻ ڇئي قبول ڪرڻ ڪپي. باقي اهڙي قسم جي پروپيگنڊا سنڌ دشمن کي فائدو پهچائي سگهي ٿي، ان کان بچڻ ڪپي.

پنجون حملو: "ڏارين کي منظم ٽيڻ جو موقعو مليو آهي"

دنيا جي اندر اها طئہ شدہ ڳالھہ آهي تہ جڏهن ڏاريو اقليت ۾ هوندو آهي تہ هو پنهنجي وجود جي بقا خاطر منظم ٽيندو آهي. هڪ جماعت ۾ ويهڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري جڏهن خطرو محسوس ڪيو آهي تہ انهن منظم ٽيڻ شروع ڪيو آهي. منظم ٽيڻ جو مقصد بہ اهو آهي تہ هو هاڻ سنڌ مان پاڻ کي ڪنهن بہ طرح نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. هو هر مزاحمت ڪندا. هي ساڃيائي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ملڪن کي ڇڏي ٻئي ملڪ تي مالڪيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا. هنن جا اقتصادي مفاد ئي آهن جيڪي ڪنهن بہ ريت ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهن. اسان جڏهن هنن خلاف احتجاج ڪيو پئي تڏهن بہ انهن جي ڪن تي ڪا جونءَ ئي ڪانہ پئي چري. نڪرڻ بجاءِ انهن پنهنجي مٽن مائٽن کي تيزيءَ سان هتي آباد پئي ڪيو. تڏهن سنڌ جي گهٽگهرن صرف دانهون ڪري خدشا پئي ڏيکاريا ۽ ماتم ڪرڻ ۾ ئي قوم کي رڌل پئي رکيو پر ان لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا. جنهن سبب ڏاري آبادڪاريءَ پاڻ کي محفوظ سمجهيو پئي.

منظم ٽيڻ لاءِ هنن ڪڏهن بہ عملي ڪوشش نہ پئي ڪئي ۽ هاڻ جڏهن انهن خلاف مزاحمت ٿي رهي آهي تہ انهن جرڳن ڪرائڻ کان وٺي سمورا قدم کنيا آهن جيڪي انهن کي محفوظ بڻائي سگهن. ان ڪري اهو چوڻ تہ انهن کي منظم ٽيڻ جو موقعو ڏنو پيو وڃي، اهو تاريخ جو اڌ سچ آهي.

ڇهون حملو: "اسان امن پسند/عدم تشدد جا پيروڪار آهيون"

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ آهي تہ اسان امن پسند آهيون. عدم تشدد هڪ اهڙي پاليسي جيڪا ٻئي انسان کي محفوظ رکڻ لاءِ اختيار ڪئي ويندي آهي. پر جڏهن اسان پنهنجو وجود خطري ۾ محسوس ڪريون تہ ان وقت پنهنجي وجود جي بچاءَ طور ويڙهہ ڪرڻ خود عدم تشدد جو حصو آهي، ٻي صورت ۾ اهو انسان پنهنجي وجود تان هٿ ڏوئي ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. مان سمجهان ٿو تہ سياسي پهلوءَ ۾ ڪنهن تي اڳرائي ڪري وڙهڻ تشدد ۽ پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهڻ خود عدم تشدد جي دائري ۾ اچي ٿو. ميدان جنگ ۾ جڏهن دشمن توهان تي وار ڪري ۽ توهان ان کي چؤ تہ "تون جيڪو وٽئي مون سان سلوڪ ڪر، تاريخ مون سان انصاف ڪندي، صرف تاريخ جي انصاف جي اوسيئڙي ۾ پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏيو ۽ اتي امن پسندي ۽ عدم تشدد وارو راڄ آلاپي قومن کي خاموش ڪرڻ تاريخ سان نا انصافي آهي. تاريخ جي تقاضا ۽ تاريخ جو سچ اهو آهي تہ سنڌي قوم کي پاڙيائپ وارو رويو ختم ڪري پنهنجي وجود جي بقا لاءِ هر قسم جي ويڙهہ لاءِ تيار رهڻ کپي. تاريخ انسان جي عملن جو دستاويز آهي، اها ڪا الاهي شيءِ ناهي جو اسان جو وجود ختم ٿئي پيو ۽ اسان تاريخ جي انصاف جي آس لڳايون وينا هجون. تاريخ اسان جو عمل هاڪاري هوندو تہ تاريخ جو رخ اسان ڏانهن هاڪاري رهندو جي ٻي صورت ۾ تاريخ اهو بہ لکي سگهي ٿي تہ "سنڌي دنيا جي واحد قوم هئي جيڪا منهنجي انصاف جي انتظار ۾ پنهنجو وجود تباهہ ۽ برباد ٿيندي ڏسندي رهي."

خدشا: جنگ آرٽ بہ آهي ۽ سائنس بہ. جنگ ۾ دشمن سان وڙهڻ جو طريقہ ڪار طئہ شدہ فارمولي مطابق نہ پر وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان مشروط هوندو آهي. وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان پنهنجون پاليسيون تبديل ڪري

وقت ۽ حالتن سان موافق بڻائي وڙهڻ سان ڪي بهتر نتيجا ملي سگهن ٿا. دشمن مان چڱائي جي اميد رکڻ ۽ ايئن چوڻ يا سوچڻ ته، "دشمن عمل جو رد عمل نه ڪندو"، اهو احمقاڻو عمل آهي. هن ويڑهه ڪي دشمن گهڻ رُخي حالتن ۾ وڻي وڃي سگهي ٿو. مثال طور سپ کان وڏو خطرو اهو نظر پيو اچي ته هنن حملن کي منهن ڏيڻ اسان جي اندر کان اهڙو گروپ پيدا ڪن جيڪو اسان سان ئي وڙهي. جيئن افغانستان ۾ آمريڪا اتر اتحادين ۽ عراق ۾ ڪردن سان گڏجي عراقين سان ويڑهه ڪئي ۽ بلوچستان ۾بلوچن جي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ڪلپر بگٽين کي استعمال ڪيو ويو. اهڙي طريقي سان هن تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ڪو اهڙو گروپ پيدا ڪري سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ مون کي ٻن ڏرين مان خطرو محسوس ٿئي ٿو هڪ مذهبي جماعتون، پيپو پيپلز پارٽي. مذهبي جماعتون ويڑهه جو فن رکن ٿيون ۽ ڏارين جو وڏو حصو مذهبي جماعتن جو باضابطه ميمبر آهي. مذهب جي آڙ ۾ اهي هن تحريڪ خلاف ڪم ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ميرپور خاص ۾ ٽيل واقعي کي مذهبي رنگ ڏيڻ لاءِ قرآن شريف ساڙڻ جي پروپيگنڊا ڪري ماڻهن ۾ مذهبي جذبات کي اپارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان جذبات جي بنياد تي قومي تحريڪ خلاف مذهبي انتهاپسنديءَ جو سڪو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پيپو وڏو خطرو پيپلز پارٽيءَ مان آهي، ڇاڪاڻ ته ڏاري آبادڪاري جو وڏو انگ مذهبي جماعتن ڪانپوءِ پ پ ۾ وينو آهي. پ پ پ کي قومي تحريڪ خلاف سياسي محاذ تي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ان جو ثبوت ميهڙ ۾ پناڻن سان گڏجي پ پ پ، قومي تحريڪ خلاف وڏو احتجاج ڪرايو ۽ قومي تحريڪ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ويئي. دشمن پ پ پ ۽ مذهبي جماعتن جي آڙ ۾ سنڌ کي خانه جنگي طرف ڌڪڻ جي پرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن. جنهن کان بچڻ لاءِ قومي تحريڪ کي پنهنجو ۽ حالتن جو جائزو وٺي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري:
مزاحمت کان خاموشيءَ تائين

سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاريءَ جو سلسلو پاڪستان ٺهڻ کان ٻه اڳ جو آهي. نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي حملن کان بعد ۾ ايران ۽ افغانستان ۾ ڏارين جا ڪٽڪ ايندا رهيا هئا. مغلن، ارغونن توڑي ترخانن جي دؤر ۾ ٻه سنڌ تي ڏارين جي يلغار جاري هئي. انگريز سرڪار جي ڏينهن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ سان ملائڻ ڪانپوءِ ته ننڍي ڪنڊ جا رهواسي بنا ڪنهن سرحدي احترام جي سنڌ ۾ داخل ٿيندا رهيا ۽ جڏهن ته ڏارين جو سنڌ جي سرزمين خريد ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي مالڪيءَ جي دعويٰ سڪر بئراج ٺاهڻ سان شروع ٿي. سڪر بئراج جي ٺهڻ ڪانپوءِ پنجاب جو زميندار طبقو انگريز سرڪار جي معرفت سڪر بئراج ۽ ان سان وابسته زمينن کي پنهنجي آبادياءَ لائق بنائڻ لاءِ زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجي آبادياءَ جو وڏو حصو سنڌ ۾ منتقل ڪري آيا. جڏهن برصغير کي ورهايو ويو ته ان ۾ سنڌ جي سرزمين تي ڏارين جي ماڪڙ لاٿي ويئي. سنڌ جي شهرن ۽ ڪاروباري مرڪزن تي ڏارين قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سنڌي ماڻهو مهمانوازيءَ جي شوق ۾ پنهنجي سرزمين ڏارين جي هٿ ۾ ڏيئي ٻه خوش ٿيندا رهيا. دنيا ۾ ڪٿي ٻه ايئن نه ٿيو آهي ته زمين ڏارين حوالي ڪري ۽ مقدس ڪتاب هٿ ۾ رکي پنهنجي ڏرتيءَ تان دستبردار ٿي ويا ۽ ان کان پوءِ ڏارين جو سلسلو شروع جو ٿيو آهي ته ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي. هر سال سوين نه، هزارين پر لکن جي تعداد ۾ ايندا رهن ٿا پر انهن کان ڪوبه پڇڻ وارو نه آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي پنهنجي سرزمين تي اقليت ۾ هليا ويا آهن. سنڌ جي وسيلن، روزگار، شهرن توڙي ڪاروبار تي ڏاري آبادڪاريءَ مڪمل طور تي قبضو ڪري ورتو آهي.

ڏاريو ڪير آهي؟

اهو ٻه سمجهڻ ڪپي ته ڏاريو ڪنهن کي چئجي ٿو. سنڌ جي قومپرستن ۽ پ پ پ سميت سمورين وفاق پرست پارٽين وٽ ڏاريي جي حوالي سان مؤقف ۾ تبديلي آهي. پ پ پ سميت وفاق پرست پارٽين وٽ ڏاريي جي حوالي سان موقف آهي ته، ڏاريو صرف اهو آهي جيڪو پاڪستان جي سرحدن کان ٻاهران آيل آهي. جنهن ۾ افغانستان، برما، بنگال، ايران، هندستان ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن کان سمورا آيل قانوني توڙي غير قانوني ماڻهو ڏاريا آهن. جن جو ٻه پ پ پ سرڪار سنڌ ۾ انهن جو تعداد ڪڏهن 20 لک ته ڪڏهن 30 لک ٻڌائي ٿي. جيڪو ٻه اڏ ڪروڙ آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي حدن کان ٻاهر آيل ماڻهن جي ٻه جيڪڏهن شماري ڪئي وڃي ته ٻه اها آبادي ڪروڙ جي لڳ ڀڳ وڃي ٻيهندي. جيڪي انگ اکر ٻه NGO's وارن جا ڏنل آهن. انهن کي ٻاهر ڪيڻ لاءِ ٻه سرڪار ڪنهن ٻه طرح سان سنجيده نظر نه پئي اچي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڏاري آبادڪاريءَ جو وڏو ووٽ بئنڪ پ پ پ ۽ مذهبي تنظيمن وٽ آهي. اهي ڏريون انهن خلاف ڳالهائي پنهنجو ووٽ خراب ڪرڻ نه ٿيون چاهين. اهو ٻه نه وساريڻ ڪپي ته ٻاهران آيل سمورا ڏاريا پاڪستان جي ٻين صوبن ڏانهن وڃڻ بجاءِ سنڌ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. جنهن سبب ڏاري آبادڪاريءَ

جو سمورو رخ سنڌ طرف آهي.

ٻئي طرف قومپرستن جو مؤقف آهي تہ پاڪستان جي سرحدن کان ٻاهران توڙي پاڪستان جي باقي ٽنهي صوبن پنجاب، بلوچستان، ۽ خيبرپختونخواه مان آيل بہ سنڌ ۾ ڏاريو آهي. ان ڪري قومپرستن 1988ع ۾ سائين جي ايم سيد جي ڪوششن سان ٺهيل سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان اهو موقف ڏنو تہ 1954ع کان پوءِ آيل سمورا سنڌ ۾ ڏاريا آهن. جنهن ڪري قومپرستن جي مؤقف ۾ وزن آهي تہ سنڌ جون پنهنجون سرحدون ۽ تاريخي جاگرافيائي حدون آهن جن مان جيڪڏهن قانوني توڙي غيرقانوني داخل ٿي اچي ٿو تہ اهو ڏاريپو جي ذمري ۾ اچي ٿو. پاڪستان ۽ مذهب جي نالي تي داخل ٿيل هر ماڻهو ڏاريو آهي. جن جي جيڪڏهن ڳٽڀ ڪبي تہ بہ انهن جو تعداد سنڌ جي اصل آبادي‌ءَ کان مٿي وڃي ٻيهي ٿو ۽ سنڌ ۾ سنڌي بہ اقليت واري حيثيت رکن ٿا. جنهن سبب سنڌي ٻولي، ڪلچر، تاريخ، ادب، سنڌ جا معدني وسيلا، شهر توڙي ڪاروبار داوَ تي لڳي ويا آهن. جنهن ڪري ڏاري آبادڪاري‌ءَ خلاف جدوجهد معنيٰ تہ سنڌ جي وجود جي بقا جي جنگ آهي. انهي‌ءَ لاءِ جدوجهد بہ ٻن قسمن جي هلي آهي. جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

سياسي جدوجهد: سياسي جدوجهد بہ ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، هڪ اها آهي تہ پر امن نموني احتجاج ڪري پنهنجو آواز بلند ڪري رياست تائين پهچائجي تہ اها معاملي کي سنجيده نموني حل ڪري ۽ عوام ۾ پيدا ٿيل بي چيني‌ءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺي. پرامن احتجاج جي ذَس ۾ سنڌ جي سمورين ڏرين وڏي عرصي کان احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن پر ان جو اثر نہ رياست محسوس ڪيو آهي ۽ نہ ئي ڏارئي ان مان خطرو محسوس ڪري واپس وڃڻ لاءِ سوچيو آهي ۽ اڄان بہ ڏارين پنهنجي مٽن ماٽين کي مستقل هت آباد ڪرڻ لاءِ خاموش نموني ڪم پئي ڪيو آهي. ٻيو سياسي رستو اهو آهي تہ اسيمبلين ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ ڏريون پارليامينٽ ۾ وڃي پارليامينٽ رستي ڏارين کي ڪيڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪن پر هتي تہ پارليامينٽ ڪڏهن بہ ان مسئلي کي سنجيده نموني نہ کنيو آهي ۽ نہ ئي کڻڻ لاءِ تيار آهي. سنڌ جي نمائندگي هڪ ايم ڪيو ايم وٽ آهي ۽ ٻيو پ پ وٽ آهي. ايم ڪيو ايم ڏاريو صرف پناڻن کي سمجهي ٿي جيڪي انهن لاءِ ڪراچي‌ءَ ۾ مٿي جو سور بڻجي ويا آهن. باقي ٻين ڏارين تي انهن جي اک نہ ٽڪي ٻُڏي. اهو ئي سبب آهي جو پناڻن کي طالبان جو نالو ڏيئي ڪيڻ لاءِ واويلا ڪري ۽ خاموش تماشائي بڻجي ويئي آهي. ٻيو تہ پ پ وٽ ڏارين جو صرف تصور ئي آهي تہ پاڪستان کان ٻاهران آيل ماڻهو ڏاريا آهن. جن جو انگ بہ 30 لکن کان وڌيڪ نہ ٿا ٻڌائين باقي سرحد پنجاب توڙي بلوچستان مان آيلن کي ڏاريو سمجهن ئي نہ ٿا تہ ان لاءِ آواز ڪيئن اٺارين‌دا. اهو ئي سبب آهي جو سرحد ۾ آپريشن دوران لکن جي تعداد ۾ ڏاريا هتي آباد ڪري بہ سنڌ جو وزيراعليٰ قائم علي شاهہ چوي ٿيو تہ "ڏارين کي هتي آباد ڪنداسين ڪير روڪڻ چاهي ٿو تہ پلي روڪي. ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ رهندڙ سيئي پاڻ ۾ پائر آهن. ان ڪري پختون پائرن کي آباد ڪري پنهنجو فرض ادا ڪندا رهنداسين." پ پ پ جو هي رويو آهي ڏاري آبادڪاري ڏانهن. ان ڪري پارليامينٽ جي ذريعي ڏارين کي ڪيڻ ناممڪن آهي ۽ سياسي جدوجهد بہ هن وقت تائين لاپائتي ثابت نہ ٿي آهي.

مزاحمتي جدوجهد: ڏاري آبادڪاريءَ خلاف جدوجهد جو ٻيو پهلو آهي مزاحمت. هونئن ته مزاحمت گهڻ طرفي ٿيندي آهي. پر اسان جي مزاحمت جي چوڻ جو مقصد آهي هٿياربند جدوجهد ذريعي هليل تحريڪ يا جنهن ۾ طاقت جو استعمال ٿيل هجي. تاريخ جي اها ستم ظريفي چئبي جو سنڌي جنگجو قوم نه رهيا آهن. جنهن ڪري مزاحمتي ڏس ۾ سنڌين اڪثر ڪري جنگيون هارايون آهن. راجا ڏاهر کان وٺي سورهيه بادشاهه تائين اڪثر ڪري دفاعي جنگيون هيون. جنهن ۾ فوجي حڪمت عمليءَ جا تجربا نه هئڻ سبب جنگين ۾ شڪست مقدر بڻجي ويئي. اڄ تائين ساڳيو الميو برقرار آهي. جڏهن سنڌ جي محب وطنن ڏاري آبادڪاريءَ خلاف سياسي جدوجهد ۾ مايوسيءَ کان پوءِ جڏهن مزاحمت جو اعلان ڪيو ته ڏاري آبادڪاري سڄي ٽرٽلي ۾ اچي ويئي. محب وطنن جڏهن ڏاري آبادڪاريءَ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا ته سنڌ ۾ اتساهه پيدا ٿيڻ لڳو ته "ايجا ڪا آهن ڪل جڳ ڪاپڙي" پر جڏهن ننڍڙا مزاحمتي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٽن ڏينهن جي هوائي، ريلوي ۽ روڊن رستن کي طاقت جي زور تي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ته محسوس ايئن ٿي رهيو هوته سنڌ ڪنهن وڏي تبديليءَ طرف وڃي پئي پر پوءِ جڏهن ٽن ڏينهن جو اعلان مايوسيءَ ۾ تبديلي ٿيو ته هڪ دفعو ٻيهر ڏاريو ۽ رياست ۽ سمجهي ويئي ته اعلان ۽ عمل ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي ته رياست تيزيءَ سان باقي ۽ ڏارين کي آباد ڪرڻ مرڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي.

اهو سچ آهي ته سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاريءَ کي روڪڻ يا ڪيڻ جو صرف رستو ئي اهو آهي ته مزاحمت واري دڳ تي هلجي. ڇاڪاڻ ته ڏارين جا هتي معاشي مفاد لڳل آهن. جيڪي سياسي توڙي مهذب نموني پنهنجي مفادن تان هٽ نه ڪٽندا. ان ڪري مزاحمتي پهلو ئي بهتر رستو آهي؟ پر سوال اهو آهي ته آخرڪار مزاحمت ڪير ۽ ڪيئن ڪندو؟ جيڪي ڏريون هن وقت مزاحمت جون ڳالهيون ڪن ٿيون نه انهن وٽ تنظيم سازي آهي ۽ نه ئي مزاحمت لاءِ مستقل حڪمت عملي آهي. مزاحمت لاءِ جيستائين مضبوط منظم تنظيم نه هوندي ته مزاحمت، مستقل مزاجيءَ سان نه ڪري سگهبي. ان ڪري جيستائين هٿيار تنظيم جي ماتحت ۽ تنظيم نظريي جي ماتحت هئڻ واري پهلوءَ کي سامهون رکي حڪمت عملي تيار نه ڪبي ته ڪي نتيجا حاصل نه ڪري سگهبا.

سنڌ جا اديب ۽ دانشور: اديب ۽ دانشور قومن جو دماغ هوندا آهن. جيڪي قومن جي منزل جو تعين ڪندا آهن ۽ سياستدان ان منزل لاءِ رستا هموار ڪندا آهن. سنڌ ۾ اڪثر ڪري اديبن۽ دانشورن موقعي پرستيءَ کان ڪم پئي ورتو آهي. 4- مارچ جا سورما هجن يا ايم.آر.ڊي دور جا هيرا انهن ته پنهنجي ڏاهپ قوم جي ڪتب آڻڻ بجاءِ پنهنجو پاڻ کي ٺاهڻ ۾ استعمال ڪئي. ايتري قدر جو سنڌ جي مزاحمتي ڪردارن کي سرڪار تمغه ۽ ايوارڊ ڏيڻ شروع ڪيا آهن ته اهي تمغه ۽ ايوارڊ وٺڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا آهن. هنئن نه ته سنڌ ۾ سرڪار يا سرڪار سان لاڳاپا رکڻ عيب جوئي عمل سمجهيو ويندو آهي پر هاڻ اهو فخر لائق عمل سمجهيو ٿو وڃي. ايتري قدر جو ڏاري آبادڪاريءَ خلاف جڏهن سنڌ ۾ مزاحمت جي ڳالهه ٿي ته سنڌ جا چڱا لکيا پڙهيا ماڻهو مزاحمت جي ڪلي عام مخالفت ڪرڻ لڳا. سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويي ته ڏارين جي آجيان لاءِ پنهنجا نيڻ وڇايا . پ پ ۽ مذهبي جماعتن کي ته چڏي پر ڪميونسٽن ته انسان ذات سان دليءَ همدرديءَ جي بنياد تي ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين هنڌن تي انٽرنيشنل سوشلسٽ جي پليٽ فارم تي ڏارين لاءِ ڪئمپون هڻي انهن جي آجيان ڪئي. انهن جي ڪاڌ، خوراڪ ۽

رهائش لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. ان کان علاوه به باقي سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن يا ته ڏاري آبادڪاري خلاف ٿيندڙ مزاحمت ڪئي يا خاموشي اختيار ڪئي. مطلب ته جيڪو تاريخ ۾ اديبن ۽ دانشورن کي تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها انهن ڪردار ادا نه ڪيو. پلي توهان مزاحمت جي حمايت نه ڪريو پر ڏاري آبادڪاريءَ جي حمايت ڪرڻ سنڌ جي سڃڻائپ جي دائري ۾ نه ٿو اچي.

سنڌ جا مُحب وطن ۽ خاموشيءَ جي لهر: سنڌ جي مُحب وطنن جي نيت تي ڪوبه شڪ نه آهي نه ئي ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته وري به اهي اتساهه جو سبب آهن. باقي انهن جي صلاحيتن ۽ حڪمت عمليءَ تي اختلاف ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جي محبت وطنن جي عمل سان سنڌ ۾ بحث جو موضوع ڏاري آبادڪاري بڻجي ويو هو مگر هاڻي چؤطرف خاموشي چانئجي ويئي آهي، محسوس ايئن ٿئي ٿو جڏڪ، سنڌ جو اهو مسئلو حل ٿي ويو آهي ۽ سنڌ جي وجود جو بچاءُ ٿي چڪو آهي. اچو ته هاڻ آرام ڪريون! ڏاري آبادڪاري ڪلهه جيان اڄ به ساڳيو مسئلو بڻيل آهي. پر مسئلو اهو آهي ته اسان مسئلي کي مسئلو سمجهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. سنڌ جا شهر توڙي ڪاروبار اڄ به ڏارين جي هٿ وَس ۾ آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ پشتو ڳالهائيندڙ ڏاريا وزارت ۾ نمائندگي حاصل ڪري چڪا آهن. ايندڙ چونڊن ۾ 5 سيٽن کان وڌيڪ سيٽن تي پشتو ڳالهائيندڙ جي تعداد جي توقع آهي، چاڪاڻ ته پختونن جو تعداد هن سال ٻيڻ تي وڌيو آهي ۽ وفاقي حڪومت ۾ به انهن جو چڱو خاصو اثر رسوخ پيد اٿيو آهي. ٽيون ته پ پ جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ به انهن جو ووٽ وڌندو آهي يا خود پ پ انهن جي انگ کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون وٺي ايندا. ڪيو ايم جي اثر کي ٽوڙڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري پئي. جيڪڏهن اهڙي طريقي سان ڏاريا شهرن ۽ ڪاروبار کان اسيمبلين ۾ پهتا ته سنڌ جو وڏو نقصان ٿيڻ جو انديشو موجود آهي. جيتوڻيڪ سنڌ اسيمبلي يا وفاقي اسيمبليءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي هجڻ سبب سنڌ کي ڪي ڇڳايون پلئه نه پيون آهن پر پوءِ به سنڌين جي نمائندگي ڳڻپ ۾ اچي پئي سياڻي جيڪڏهن ڏاريا سنڌ جي سيٽن تي کٽي آيا ته سنڌ سنڌين جي هجڻ واري مُهر (Stamp) به لهي ويندي، جيڪو سنڌ جو تاريخي نقصان ٿيندو. ڏاريا جڏهن ته سنڌ ۾ خاموش نموني منظم ٿيڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن، جڏهن ته ڏارين کي روڪڻ لاءِ ٿيندڙ مزاحمت يا سياسي جدوجهد مانڌار جو شڪار آهي، جنهن جو نقصان مستقبل ۾ ٿيڻو آهي. جنهن کي سمجهڻ ايڏو مشڪل به ڪونه آهي جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ ڏسڻ جي اک آهي تا!؟

"منجهايو ۽ حڪومت ڪريو" پاليسي

جڏهن سماج ۾ انقلابي قوتون اپرنديون آهن تہ ان سان گڏوگڏ ردِ انقلابي قوتون پڻ سفر شروع ڪنديون آهن. چاڪاڻ تہ هاڪاري ۽ ناڪاري قوتون، ٻئي هڪٻئي جي متضاد هوندي بہ هڪٻئي لاءِ لازمي هونديون آهن. شين ۾ تضاد صحتمنديءَ جي علامت آهي. شيون هر وقت تضاد سبب تبديليءَ جي مرحلي ۾ داخل ٿين ٿيون. شين ۾ هڪڙا تضاد دوستاٽا ٿين ٿا ۽ ٻيا دشمناٽا. جيئن سماج ۾ آقا ۽ غلامت جو تضاد دشمناٽو ٿئي ٿو. هاري ۽ جاگيردار جي وچ ۾ تضاد دشمناٽو ٿئي ٿو. پر ساڳي سماج ۾ مزدور ۽ هاري جي وچ ۾ تضاد دوستاٽو هوندو آهي پر اهو تضاد حل ٿيڻ جوڳو هوندو آهي. اهي هڪٻئي جي پورهئي جي ورڇ ڪري تضاد ۾ رهن ٿا. سرمائيدار ۽ جاگيردار سماج لاءِ جؤر مثل ٿين ٿا جيڪي هاري ۽ مزدور جو رت چوسين ٿا. پورهيو هاري ۽ مزدور ڪري ٿو پر پوءِ بہ هو گذر سفر لاءِ پريشان حال آهي. پوءِ بہ ان جا ٻچا لنگهڻ کاڻڻ تي مجبور آهن. ان ڪري پورهيت جا تضاد جاگيردار ۽ سرمائيدار سان دشمناٽا ٿين ٿا. پورهيت پنهنجي جياپي لاءِ جاگيردار ۽ سرمائيدار خلاف جنگ جوڻي ٿو. اها جنگ ان جي خاتمي تائين ختم نہ ٿي ٿئي. جيستائين سماج ۾ پورهيت راڄ قائم نہ ٿئي تيستائين هاري جاگيردار، مزدور ۽ سرمائيدار جو تضاد ختم نہ ٿو ٿئي. جڏهن سماج ۾ طبقاتي تضاد ختم ٿين ٿا تہ ان وقت فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ تضاد، هوندا تہ اڳ ۾ ئي آهن پر انهن ۾ طبقاتي تضاد ختم ٿيڻ سان تيزي اچي وڃي ٿي. ڇو تہ انسان فطرت کي شروع کان ونڊي پنهنجي تابع بنائڻ لاءِ فطرت سان مزاحمت ڪندو رهيو آهي. طبقاتي تضاد سبب باقي ٻئي تضاد ثانوي ٿي وڃن ٿا.

تضاد رڳو هڪ سماج ۾ نہ هوندا آهن پر تضاد قومن جي وچ ۾ بہ ٿيندا آهن، جڏهن هڪ قوم ٻئي کي غلام بنائي ٿي تہ محڪوم ۽ آقا قوم جي وچ ۾ تضاد ٿين ٿا. هميشہ آقا قوم، غلام کي زير ڪرڻ لاءِ سموريون حرفتون ڪم آڻي ٿي چاڪاڻ تہ آقا قوم کي محڪوم قوم جي وسيلن ۽ گذرِ معاش جي ذريعن تي نظر هوندي آهي. ڪنهن قوم جي غلاميءَ جي وضاحت ڪجي ٿي تہ اها بہ تمام سادي آهي تہ "جنهن بہ قوم جا معاشي وسيلا کسيا وڃن، جنهن قوم جي معاشي وسيلن تي قبضو ڪيو وڃي، بينڪيت قائم ڪئي وڃي." آئيني طور تي يا نظرياتي طور تي مختلف حربا هلائي انهن کي پنهنجي وسيلن تان بيدخل ڪيو وڃي تہ اها قوم غلام آهي." اڳ ڪنهن بہ قوم کي غلام بنائڻ لاءِ سڌيون ڪاهون ڪري، ان کي زيردست ڪري ان جي وسيلن تي سالن جا سال قرلٽ ڪئي ويندي هئي. ان قوم جو سڪو ۽ جهنڊو تبديل ڪري ان جون سياسي پاليسيون آقا ٺاهيندا هئا. پر هاڻي غلاميءَ جا جديد طريقا استعمال ڪري قومن کي غلام رکيو وڃي ٿو. جيئن هاڻي عالمي مالياتي سرمائي جي ذريعي جديد بينڪيتون قائم ڪيون وڃن ٿيون، عالمي مالياتي سرمائي جي رستي قومن کي قرض ڏئي بنا ڪنهن خوني ڪاهہ جي قومن کي معاشي طور غلاميءَ ۾ ڦاسايو پيو وڃي. خاص ڪري

سورهين-سترهين صديءَ ۾ آيل صنعتي انقلاب ڪانپوءِ جڏهن سرمائيدارن پنهنجون ملڪي سرحدون ٽپي دنيا ۾ بينڪيتون قائم ڪري پنهنجو سرمايو منتقل ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڏينهن کان وٺي غلاميءَ جا جديد طريقا استعمال ڪندي ڪندي جديد بينڪيتن تائين معاملو پهتو آهي. ٻي مهاپاري جنگ ڪانپوءِ برطانوي سامراج جون ڪڙيون ڪمزور ٿيڻ ڪانپوءِ آمريڪي سامراج جو دور شروع ٿيڻ سان قومن تي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ وچ اوپر ۾ اسرائيل ۽ برصغير ۾ پاڪستان جهڙي مذهب جي بنياد تي رياستون قائم ڪري هڪ طرف ايٽم بم جهڙو خطرناڪ هٿيار استعمال ڪيو ويو تہ ٻئي طرف مذهب کي پنهنجي جديد هٿيار طور ڏال بڻايو ويو. سوويت يونين جي رستا روڪ لاءِ القاعده ۽ مجاهدين جي پرورش ڪري آمريڪا سڄي دنيا کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ سرمائيدار ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو تضاد اثر تہ وڃائي وينو پر دنيا ۾ ن انتهاپسند ۽ بنياد پرستن جي تضاد ۾ هلي ويئي.

جيڪو تضاد ترقي پسندن ۽ رجعت پسندن جي وچ ۾ هو جيڪو تضاد سوشلسٽ ۽ سرمائيدارن جي وچ ۾ هو اهو تضاد تبديل ٿي بنياد پرستن جي وچ ۾ شدت اختيار ڪري ويو جنهن آمريڪا بنياد پرستن کي پالي تاتي وڏو ڪري سوشلسٽ بلاڪ کي بند ٻڌا، اهي بنياد پرست آمريڪا کي ئي اکيون ڏيکارڻ لڳا. چاڪاڻ تہ سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ آمريڪا کي انهن جي خاص ضرورت نہ رهي ۽ نتيجي ۾ انهن مجاهدين مان هٿ کڻڻ شروع ڪيا تہ انهن جو گذر سفر جيڪو هئو ئي انساني رت وهائڻ ۽ انساني خون چوسڻ تي، اهي ڏند جڏهن آمريڪي ڊالر جي بند ٿيڻ سان ڪٽا ٿيڻ لڳا تہ اهي ڏند مجاهدن آمريڪا کي ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ بنياد پرستن ۽ انسان رت پياڪن جي وچ ۾ هڪ نئون تضاد ايري سامهون اچي ٿو ۽ هاڻي بنياد پرستن جي جهيڙي ۾ ڪاڻ نظر اچي ٿو. اهي بنياد پرست جن کي پاليو تہ آمريڪا هو پر هاڻي اهي بنياد پرست رياست جي سرپرستيءَ ۾ آمريڪا سميت سڄي دنيا لاءِ چئلينج بڻجي ويا آهن.

جيڪا رياست 1947ع ۾ ٺهي ئي مذهبي بنياد تي هئي اها رياست مذهب کي پنهنجو زبردست اوزار بڻائي مظلوم قومن جي لاءِ قيدخانو بڻائي ڇڏيو آهي. مظلوم قومون جيڪي استحصال جو شڪار آهن. انهن کي وڌيڪ غلاميءَ جي جڪڙ ۾ رکڻ لاءِ رياستي ادارن مختلف رستا اختيار ڪيا آهن. هن رياست ۾ قومن جي وچ ۾ جيڪو تضاد ايري آيو آهي ان تضاد کي مانو ڪرڻ لاءِ ان تضاد جو رخ موڙڻ لاءِ مختلف شڪلين ۾ نظرياتي مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن. هن وقت رياست جو سڀ کان وڏو مسئلو خود رياست جو وجود آهي، جيڪو قومن جي وچ ۾ پيدا ٿيل قومي تضاد جي ڪري خطري ۾ پيل آهي. ان لاءِ رياست پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪڏهن مذهبي شدت پسنديءَ کي ايار ي ٿي تہ ڪڏهن پاڙيسري ملڪ سان هلندڙ تضادن ۾ شدت پيدا ڪري ماڻهن کي حب الوطنيءَ جا سبق ڏنا وڃن ٿا. ڪڏهن نيٽو جهڙا مسئلا، ڪڏهن ميمو گيٽ اسڪينڈل، ڪڏهن مهراڻ بينڪ اسڪينڈل جهڙا مسئلا اٿاري عوام کي حقيقت کان غير واقف رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور تي عوام جي راءِ ۽ شعور ورهائجي مونجهارن جو شڪار بڻجي ويو آهي.

اڳ بالادست قوتون "ورهايو ۽ حڪومت ڪريو" (Divide & Rule) جي پاليسي اختيار ڪندیون هيون ۽ هاڻي بالادست قوتون ان پاليسيءَ سميت نئين هڪ پاليسي به لاڳو آهي ته "منجهايو ۽ حڪومت ڪريو (Baffle & Rule). جڏهن عوام ۾ نظرياتي مونجهارا پيدا ڪيندا آهن ته عمل ۾ به مونجهارا پيدا ٿيندا آهن. جنهن ڪري بالادست ڏرين کي پنهنجو اقتدار طويل ڪرڻ ۾ سهولت پيدا ٿيندي آهي. سنڌ ۾ به ايترا مونجهارا پيدا ڪيا ويا آهن جو اصل معاملو سمجهه ۾ ئي نٿو اچي. توهان کي به پنج دوست گڏجي ويهو انهن کان راءِ ونو ته سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو ڇا آهي؟ توهان کي پنج ئي دوست الڳ الڳ مسئلا ٻڌائيندا. جڏهن مسئلا الڳ ٿي ويا ته حل به الڳ ٿي ويندا ۽ جڏهن خيال ۽ عمل الڳ الڳ ٿي وڃن ٿا ته عوام ورهائجي وڃي ٿو. پر خود جڏهن مسئلو هڪ ئي ٻڌائجي ته ان جا حل پڻ مونجهاري جي ور چڙهي وڃن ٿا. نتيجي ۾ سنڌ شعوري طور تي اڳيري ته آهي پر شعور جي ڏارا مونجهارن جو شڪار ٿي ويئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو دانشور پڻ مونجهاري جو شڪار آهي يا خود مونجهارا پيدا ڪري رهيو آهي. بالادست قوتون خود چاهن به اهو ئي ٿيون. ان لاءِ ميڊيا انهن جو بهترين اوزار آهي جنهن وسيلي آسانيءَ سان عوام جي ذهن کي مُڏو ٻڌايو وڃي ٿو. ميڊيا جي ذريعي عوام کي يا ته اڌوري ڄاڻ ڏني وڃي ٿي يا غلط ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. عوام اڌوري ۽ غلط ڄاڻ جي ور چڙهي، غير ضروري يا غير اهم مسئلن تي ڳالهائي ٿو. مثال طور تي اسان وٽ لاتعداد ماڻهو بک، بدحالي، بدامني، دهشتگرديءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ سرعام قومي ڪارڪنن کي ماريو ۽ ساڙيو وڃي ٿو. پر ميڊيا وٽ وينا ملڪ جا اسڪينڈل اهم آهن. ميڊيا وٽ ملالا يوسفزئي مسئلو آهي، پر ميڊيا وٽ 40- هزارن کان مٿي ٻرون حملن ۾ مرندڙ ماڻهو مسئلو نه آهن. ان ميڊيا وٽ سنڌ ۽ بلوچستان جي وسيلن تي ٿيندڙ معاشي ڦرلٽ مسئلو نه آهي. ميڊيا سنڌ ۽ بلوچستان جي مسئلي کي بگاڙي پيش ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته ميڊيا انهن ڏرين وٽ يرغمال آهي. ان ڪري بنيادي تضاد لڪائڻ لاءِ غير اهم تضاد اپارڻ، نوڙيءَ کي نانگ بنائڻ جي مهارت سان ميڊيا ذريعي عوام جي ذهنن ۾ مونجهارا پيدا ڪيا آهن.

هن وقت ۾ پنجاب بالادست آهي، سنڌ ۽ بلوچستان جي غلاميءَ کي طويل ڪرڻ لاءِ رياست سڀ اوزار هڪ ئي وقت استعمال ڪري ٿي. ايتريقدر جو ڪابي ڏر جيڪا سدائين مظلوم طبقن ۽ قومن جي سڀ کان وڏي طرفدار هوندي آهي پر رياست جي ٻُهڙ کان وڌي هن وقت تائين ان جو ڪردار جماعت اسلاميءَ جي ڪردار کان وڌيڪ بهتر نه آهي. لينن چواڻي ته "دنيا جو اهو بدترين غلام آهي جيڪو پنهنجي غلامي لاءِ جواز ۽ دليل ڏيئي ٿو." سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پيدا ٿيل قومي تضاد کي گهٽائن لاءِ مذهبي ڏرين کي ميدان تي لاڻو ويو آهي اوترو ئي ڪابي ڏر سڏي اڙ سڏيءَ طرح قومي سوال تي موقعي پرستاڻو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڪابي ڏر جو اهو الميو رهيو آهي ته ان جي سياست جو محور ۽ رويو قومن جي تضاد کي حل ڪرڻ بجاءِ انهن سان ٽڪراءَ وارو رهيو آهي. جنهن ڪري ڪابي ڏر اڄ به عوام کان الڳ ٿلڳ ڊرائنگ رومن تائين محدود ٿي ويئي آهي. قومن جي غلاميءَ لاءِ دليل پيدا ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين هن رياست ۾ قومي تضاد حل نه ٿيندو

تيستائين طبقاتي تضاد ۽ حل نہ ٿيندو.

اڄ بنيادي سوال، پيدا ڪيل نظرياتي مونجهارن کي حل ڪرڻ جو آهي. سنڌ جي ڏاهپ کي قومن جي تضاد کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، باقي سڀ مسئلا ان غلاميءَ جي پيداوار آهن. تمام سادي ڳالهہ آهي تہ هتي قومون غلام آهن، جڏهن هڪ قوم غلام آهي تہ مطلب ٻي قوم آقا ۽ هوندي، ان کي پلي ڪهڙو ۽ نالو ڏنو وڃي، پر سچ کي ڪاري هيٺ لڪائي نہ ٿو سگهجي. ان ڪري قومن جي غلاميءَ کي طويل ڪرڻ لاءِ جيڪي نظرياتي مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن، انهن کي خبرداريءَ سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي پسندن کي هڪ طرف پنهنجي صف بندي ڪرڻي آهي تہ ٻئي طرف جيڪي رياستي ادارن پاران مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن، انهن کي حل ڪرڻ لاءِ عوام کي حقيقي ۽ درست معلومات پهچائڻ لاءِ عوام سان سڌي رابطي ۾ اچڻ ۽ عوام کي حقيقتن کان واقف ڪرڻ لاءِ ميڊيا جو نعم البدل پيدا ڪرڻو پوندو. نظرياتي ۽ فڪري محاذ تي پنهنجي ادارا سازي طرف ڌيان ڏيڻ جي ۽ اشد ضرورت آهي. ٻي صورت ۾ رياست ۽ رياستي ادارا عوام ۾ وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪري قومي غلاميءَ جي زندگيءَ کي وڌي عمر بخشي سگهن ٿا. رياست جڏهن مختلف محاذن تي وڙهي ٿي تہ انهن ڏرين کي رياست جي هن پاليسي "منجهايو ۽ حڪومت ڪريو" کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ جي پڻ سخت ضرورت آهي.

"6_ڊسمبر"
ٽوپي ۽ اجرڪ جو ڏاڙو منظر ۽ پسمنظر

6_ ڊسمبر جو ڏاهارو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ يادگار ڏينهن طور تي ياد رکيو ويندو. چاڪاڻ تہ سنڌ جي سموري تاريخ ۾ سنڌي قوم ڪڏهن بہ عملي طور تي سنڌي قوم هئڻ جي مالها ۾ نہ رهي آهي. قبيلائي، ذاتي محور کان سنڌي قوم ڪڏهن ٻاهر نڪتي ئي نہ هئي. سنڌي جي سموري تاريخي سفر ۾ سنڌي ماڻهو ٽولن، توڙي قبيلن جي شڪل ۾ مزاحمت پئي ڪئي آهي يا بچاءُ پئي ڪيو آهي. هڪ تاريخي قوم عملي طرح سان پنهنجي قوم هئڻ جو ثبوت 6_ ڊسمبر تي ڏنو جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄي سنڌي قوم پهريون دفعو ذات، مذهب، سياسي لڳ لاڳاپي کان بالاتر ٿي ڪاون ۽ رنگ برنگي ٽوپي اجرڪ سان رنگين نظر آئي. سنڌي قوم ڪر موڙي پنهنجي ثقافت جي بچاءِ لاءِ ٻاهر نڪري آئي جنهن کي تاريخ جو اهم ڏينهن چئي سگهجي ٿو. هن عمل جي شروعات توڙي منظر ۽ پسمنظر ۾ سنڌي قوم ڇا حاصل ڪيو ڇا وڃايو؟ ڪهڙين ڏرين جا ڪهڙا مفاد ۽ دلچسپيون آهن، ان ڏس ۾ هن ڏاڙي کي مختلف زاوين کان ڏسڻ جي پڻ ضرورت آهي.

دنيا ۾ جيڪي بہ تبديليون آيون آهن اهي ننڍڙن ماڻهن آندیون آهن. جڏهن اهي تبديليون انهن ننڍڙن ماڻهن آندیون تڏهن اهي تاريخ جا وڏا ماڻهو ٿي ايري پيا ۽ دنيا ۾ شخص ائين ئي ننڍڙي ڪوشش سان وڏا ٿي پون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ٻلهڙيجي جي نوجوان حسن پيرزادي ۽ سندس ساٿين 6_ ڊسمبر کي سنڌ جي ثقافت ڏاڙي ملهائڻ جي ڳالهہ ميسيج ۽ اخبار جي هڪ ڪالمي خبر سان ڪئي. اها تاريخ مقرر ڪرڻ جو ڪريڊٽ ان نوجوان کي نہ ڏيڻ وڏي ناانصافي ڇئبي، پر ثقافت کي بچائڻ جو اهو سمورو ڪريڊٽ سنڌ جي ان سيد ڏانهن بہ ويجي ٿو جنهن لياقت علي خان جي ان لفظن تہ "سنڌي قوم جو ڪلچر گڏهن ۽ اُٺن هڪلڻ وارو آهي." جي موٽ ۾ سنڌ جي ڪلچر جي وارثيءَ لاءِ سنڌ جي بزرگن جي مزارن تي ميلا لڳائڻ ۽"سنڌي ڪلچر" نالي ڪتاب لکي سنڌي قوم کي ثقافتي طرح سان هڪ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪنهن بہ طرح سان فراموش نہ ٿيون ڪري سگهجن. ان وقت سنڌ جا ساڃاهہ وند شايد سيد جي ان ڳالهہ کي ٻاراڻو عمل سمجهيو پر پنجاهہ سالن کانپوءِ تاريخ ثابت ڪيو تہ جڏهن بہ ڪنهن قوم کي عملي طور تي ڳنڍيڻو پوندو تہ ثقافت جو ان ۾ اهم ڪردار رهي ٿو ۽ ايئن چئجي تہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ ثقافت قوم کي عملي طرح قوم بڻجڻ جا بنياد فراهم ڪري ٿي.

اردو ميڊيا جو متعصباڻو رويو:

ميڊيا ڪنهن بہ طرح سان غيرجانبدار نہ ٿي رهي پر دنيا جو ڪوبہ طبقو غيرجانبدار نہ هوندو آهي ۽ نہ رهي سگهي ٿو. هر طبقي جون پنهنجون دوستيون ۽ دشمنيون رهن ٿيون. ان ڪري اردو ميڊيا کي بہ غيرجانبدار نہ ٿو چئي سگهجي. اردو ميڊيا جو ڪردار شروعات کان ئي استيبلشمينٽ ۽ فوجي قيادت ڏانهن جهڪاءُ ۽ پنهنجائپ وارو رهيو آهي. خود نجي اخبارن توڙي چئنلن تي استيبلشمينٽ توڙي فوجي ٽولي جا پگهاردار رهيا آهن. هن وقت سول

حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ وڏو ٽڪراءُ موجود آهي. سول حڪومت آمريڪي ۽ باهرين قوتن جي مفادن ۾ پنهنجو سپ ڪجهہ داوَ تي لڳائڻ لاءِ آتي آهي. جنهن تي فوجي قوت ڪنهن بہ طرح سان اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ جڏهن تہ آمريڪا ۽ ان سان لاڳاپيل ڏريون وري فوجي قيادت تي ذري جو بہ اعتماد نہ ٿيون ڪن، جنهن ڪري سول حڪومت کي پنهنجو ڪرڻ ان جي مجبوري آهي. اهو هڪڙو وڏو ٽڪراءُ جنهن جي پڙ ۾ سِول حڪومت پيسجي رهي آهي. تاريخ جو اهو بہ وڏو الميو آهي تہ سول حڪومت عوام تي اعتبار ڪرڻ بجاءِ ڪڏهن آمريڪا ۽ ان جي ساٿارين تي، ڪڏهن فوجي قوت ڏانهن واجهائيندي رهي آهي. ان جي نتيجي ۾ فوجي قوت جي سِول حڪومت خلاف وانگار وهندي اردو ميڊيا اڄ جيان سراپا عمل آهي. ان ڏس ۾ سياسي تنقيد کان وٺي ذاتي تنقيد تائين لهي اچڻ تائين اردو ميڊيا وسان نہ گهٽايو آهي، جنهن جو نندڙو ثبوت سنڌي ڪلچر تي تنقيد جي روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

سنڌي ميڊيا جو موقعي پرستاڻو رويو:

سنڌي ميڊيا جتي سنڌي ڪلچر کي اپارڻ ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿي، جنهن جو ثبوت 6۔ ڊسمبر تي جيڪو ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو پر سوال وري بہ ساڳيو آهي تہ چا سنڌي ميڊيا غير جانبدار آهي؟ جنهن جو جواب اسان کي انڪار ۾ ملي ٿو. چاڪاڻ تہ سنڌي ميڊيا جنهن سنڌ سان نئين عشق جي ابتدا ڪئي شروعات ڪري سنڌي ماڻهن کي جذبات جي وهڪري ۾ لوڙهيو آهي ان جي سنڌ سان عشق جي ابتدا ڏاڙيل ڪلچر، خوني جهيڙن ڏيکارڻ کان سواءِ باقي توهان ۽ اسان کي چا مليو آهي؟ صبح کان وٺي شام تائين ڏاڙيل ڪلچر ڏيکارڻ سنڌ سان عشق جي ابتدا آهي تہ سنڌ سان دشمنيءَ جي انتها باقي چاکي چئبو آهي؟ رهيو سوال تہ 6 ڊسمبر تي سول حڪومت جي اثر ۾ رهندڙ سنڌي ميڊيا کي وٺ ئي نہ ٿي ڏئي ان جو سبب ڪمرشل مارڪيٽ آهي. ڪمرشل مارڪيٽ ۾ گهڻ قوميون ڪمپنيون اشتهار انهن کي ڏيندیون آهن جنهن جا ٻڌندڙ گهٽا هوندا آهن. ان حوالي سان اردو ميڊيا جي وڏي مارڪيٽ آهي، جنهن کي ڏکڻ لاءِ بہ سنڌي ميڊيا کي وقتائتو ڏک هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيو تہ اردو ميڊيا فوجي قوتن جي اثر رسوخ ۽ سنڌي ميڊيا جو سول حڪومت جي سحر ۾ هڻڻ واري ماجرا بہ هيٺ کان وٺي مٿي تائين تفاوت جي صورت ۾ اپري آئي آهي. جنهن ۾ سنڌي ميڊيا، اردو ميڊيا کي وقتائتي شڪست ڏئي ڇڏي آهي. ان ڪري اقتصادي ۽ سياسي مفادن جي سحر ۾ اردو ۽ سنڌي ميڊيا کي ڏسڻ جي بہ ضرورت آهي. جنهن ۾ ٻئي ڏريون جڪڙيل نظر اچن ٿيون.

پ پ پ سرڪار جا مفاد:

پ پ پ سرڪار جيڪا جمهوريت جي وڏي دعويدار ڏر سمجهي ويجي ٿي. جيڪا اصل ۾ جمهوريت پسند آهي ئي ڪانہ، چاڪاڻ تہ جنهن بہ ملڪ ۾ جمهوريت ايندي آهي ان لاءِ پهرين لازمي شرط سيڪيولر هڻڻ آهي. جيڪا رياست مذهب جي بنياد تي نٿي هجي، جنهن جي آئين ۾ صلاحيتن آهر ماڻهو چونڊڻ بجاءِ مسلمان هڻڻ جو شرط هجي. معنيٰ تہ مذهب جي چانوَ ۾ رهندڙ جمهوريت، جمهوريت ناهي هوندي. جمهوري قدرن لاءِ رياست جي سيڪيولر روايتن کي جيستائين جنم نہ ڏنو ويندو تيستائين جمهوريت جي شڪل بگڙيل رهندي. جمهوريت رڳو ووٽ وٺڻ جو نالو ناهي هوندي. هميشہ جمهوريت ۾ عوام کي خواب ڏيکاري جاگيردارن جي حڪومت قائم ڪندڙ ڏر ڪنهن بہ طرح

سان جمهوريت پسند نہ آهي. جنهن پارٽيءَ جو سربراهہ بہ خانداني ورثي طور تي منتقل ٿيندو رهي اها جمهوريت جي دعويٰ بہ نہ ٿي ڪري سگهي. ٻيو تہ هن ملڪ ۾ جمهوريت سدائين فوجي مفادن جي تحت نالي ۾ ڏني ويندي آهي. ان ڪري هن حڪومت کي جمهوري حڪومت نہ پر سِول حڪومت چئجي تہ بهتر ٿيندو. پ پ پ سرڪار جيڪا سدائين سنڌ جي عوام کي جذبات جي بنياد تي ووٽ وٺي سنڌ کي پنجاب جي پيرن ۾ قانوني ۽ آئيني طرح ٻڌي اڇلائيندي رهي آهي. ان کي پنجاب جڏهن بہ اکيون ڏيکاريندو آهي تہ وري سنڌ ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي آهي. جڏهن موجوده سول حڪومت کي پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ اسٽيبلشمينٽ تڏا ويڙهائڻ جو پورو پورو فيصلو ڪيو آهي تڏهن هنن کي وري سنڌ ياد اچي ويئي آهي. جڏهن بينظير ڀٽو صاحبہ زنده هئي تہ نعرو لڳندو هو تہ "چئن صوبن جي زنجير-بينظير". وري جڏهن پنجاب مان بينظير صاحبہ جو لاش پهتو تہ پ پ پ وري مؤقف تبديل ڪندي چيو تہ "سنڌ جي راڻي شهيد راڻي". ڪاڏي وئي چئن ئي صوبن جي زنجير؟ هاڻي بہ ساڳي حڪمت عملي اختيار ڪندي پ پ پ پنجاب کي اکيون ڏيکاريون ۽ 6- ڊسمبر جي واقعي کي صدر زرداري جي حمايت ۾ سنڌي ماڻهن جي رد عمل طور تي واقعي کي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي تہ سڄي سنڌي قوم سرڪار سان گڏ آهي ۽ پ پ پ سرڪار هڪ دفعو ٻيهر عوام کي جذبات جي وهڪري ۾ آڻي پنهنجي ساک کي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رڌل آهي.

قومپرستن جو ڪردار:

سنڌي قوم جي وسيلن، ثقافت ۽ اقتصاديات جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندڙ قومپرستن پنهنجي سموري عرصي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو ڪنهن بہ طرح سان نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. انهن جي ناڪام حڪمت عملي هوندي بہ قومپرستن هن وقت جنهن مذهبي انتهاپسندي سان ويڙهاند ڪئي آهي اهو ڪيئن وساري سگهجي ٿو. اڄ تائين جيڪا بہ ڏر عوام کان ووٽ يا حمايت وٺڻ وڃي ٿي اها ڪنهن بہ مذهب جي بنياد تي نہ پر "سنڌ" جي نالي تي پنهنجو پاڻ کي ڪٽي وڃي ٿي. پنجاب يا سرحد ۾ مذهب جي نالي تي اڪثر ڏريون عوام کان ووٽ وٺن ٿيون پر سنڌ ۾ ڪابہ ڏر مذهب جي نالي تي ووٽ وٺي نہ ٿي سگهي. پلي اهي مذهبي ڏريون چونہ هجن. اهو ئي سبب آهي جو مذهبي جماعتون سنڌ جي مختلف ٻرندڙ مسئلن تي عوام ووٽ وڃن ٿيون. جڏهن تہ انهن ڏرين جو پنجاب ۾ مؤقف سنڌ جي ابتڙ آهي. پ پ پ بہ سنڌ مان پاڪستان جي نالي تي نہ پر سنڌ جي نالي تي ووٽ ۽ حمايت حاصلڪري ٿي. معنيٰ تہ "سنڌ" انهن جي ترجيحات ۾ آهي. اهو سمورو ڪريڊٽ قومپرستن ڏانهن وڃي ٿو جن سنڌ جي سيڪيولر روايتن کي برقرار رکندي "سنڌ" ۽ سنڌ جي مفادن کي اوليت ۾ رکيو آهي، جنهن لاءِ قومپرستن کي جس ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي. انهيءَ پسمنظر ۾ ئي قومپرستن سنڌي ثقافت جي ڏاڙي کي پنهنجو ڏاڙو ڪري جيڪا حمايت ڪئي اها بنا ڪنهن ذات ۽ ڪرسي بچائڻ جي مفادن جي هئي پر افسوس اهو آهي تہ قومپرستن ووٽ تنظيم ڪاري ۽ حڪمت عملين جي ڪوٽ سبب اهو ڪريڊٽ يا پيدا ٿيل رجحان کي پنهنجي طرف لاڙي نہ سگهيا يا انهن مان ڀرپور طريقي سان فائدو حاصل نہ ڪري سگهيا.

مرتضيٰ پٽو ڪيس:

جڏهن سڄي قوم ثقافتي ڏهاڙي ملهائڻ ۾ محو هئي، ان وقت ميئر مرتضيٰ پٽي جي قتل ڪيس جي عدالت فتويٰ ڏيڻ پنهيان به سرڪار وڏي حڪمت عملي تحت پاڻ بچائي ويئي. مرتضيٰ پٽي جي ڪيس سان تاريخ ۾ جيڪا ويساهه گهاتي ٿي آهي شايد تاريخ ۾ ڪنهن سان ٿي هجي ته سرعام ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪيو وڃي ۽ ان جو ڪوبه قاتل نه هجي ته بي بي سي جو اهو تجزيو سؤ سيڪڙو درست آهي ته "پڪين ٿونگا هٽي مرتضيٰ ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪيو." اهو پ پ پ سرڪار جو وڏو الميو چئبو جو ميئر مرتضيٰ کي پ پ پ دؤر ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ ان جي قاتلن کي به پ پ پ دؤر ۾ باعزت بري ڪري ڇڏيو ويو. 6- ڊسمبر جي لُڙ ۾ تمام وڏي قتل جي فتويٰ ننڍي ٿي وئي. جنهن جا فائدا به لاڳاپيل ڌريون حاصل ڪري ويون ۽ قوم پنهنجي ثقافت جي خوشيءَ ۾ محو ٿيندي رهي!؟

زوال پذير هنر ۽ پورهيت لاءِ ڪليل روزگار جا دروازا:

سنڌ ۾ هٿ جو هنر زوال پذير ٿيڻ سبب پورهيت جي روزگار ۽ گذر سفر تي لت اچي ويئي هئي. هالن جا اجرڪ ۽ گهر توڙي جيلن جي چؤديواري ۾ قيدين جي هٿن جون ٺهيل ٽوپيون جنهن انداز ۾ وڪرو ٿيون آهن، ان کي خوش آئنده عمل چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن چار ڪروڙ عوام مان صرف ڪروڙ ماڻهن ٽوپيون ۽ اجرڪ پاتا هجن ته به پورهيت جي گهر جي چلهه چڪي عرصي تائين اجهامي نه سگهندي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته هن هنر کي هٿي وٺائڻ لاءِ به ڪا حڪمت عملي جوڙڻ کپي. جڏهن ته ثقافت رڳو ٽوپي، اجرڪ تائين محدود نه ٿي ٿئي. ثقافت، موسيقي، شاعري، مصوري، رقص، راڳ رنگ، طرز تعمير، فنونِ لطيفه ۽ معاشري ۾ مروج عادتن، رهٽي ڪهٽي، اٺڻ ويهڻ، احساسن، جذبن ۽ زندگي گذارڻ جو فن به ثقافتي سيڙاڻپ جي دائري ۾ اچي ٿو. ٽوپي اجرڪ پائڻ سان ثقافت مڪمل طور تي اجاگر ناهي ٿي پر ثقافت جو هڪ پهلو سامهون اچي ٿو. جڏهن ته ثقافت جا ٻيا پهلو ساڳئي زوال پذيريءَ جي حالت ۾ آهن. ان ڪري ثقافت جي مڙني پهلوئن کي ملهائڻ لاءِ به جدوجهد ڪرڻي پوندي، ان جي واڌ ويجهه لاءِ ڪا حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي، ٻي صورت ۾ ثقافت سان پيار جي دعويٰ اڌ سچ آهي.

سنڌ جي قومي وجود سان جوڙڻ جو سوال:

ڪنهن به قوم کي ثقافت ناهي بچائيندي پر قوم ثقافت کي بچائيندي آهي. ثقافت قوم جي اهڃاڻ طور تي ڪم اچي سگهي ٿي پر ڪنهن به قوم لاءِ ثقافت ڪُل جز نه آهي. پر قوم جو جز اقتصاديات ۽ اقتصادي وسيلا هوندا آهن. ڪنهن به قوم جي ترقي، خوشحالي تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين ان قوم جا وسيلا محفوظ نه آهن، معاشي طور تي خوشحال قوم ئي بهتر ثقافت ۽ ثقافتي قدرن کي جنم ڏئي سگهي ٿي. سنڌي قوم جا سمورا معاشي وسيلا، سنڌي قوم کان کسيا ويا آهن. کير کي پير سمجهي کپائڻ عيب سمجهندڙ قوم اڄ ان موڙ تي پهتي آهي جو پنهنجا ٻچا وڪرو ڪري رهي آهي. ان ڪري سنڌي قوم کي پنهنجن وسيلن جي تحفظ لاءِ هاڻي اڳتي اچڻو پوندو. خالي پيٽ تهذيبن کي نه پر ڏوهن کي جنم ڏيندو آهي. خالي پيٽ سان دنيا جي ڪابه رنگيني رنگيني ناهي لڳندي، ساهر لڌيانوي چواڻي ته:

”مفلسي حِس لطافت کي مٽا ديتي هي،
پوک دِل نهين سگهندي آداب کي سانچون مين.“

هاڻ ان ڳالهه جي ذميواري سنڌ جي باشعور سياسي قيادت تي اچي ٿي ته هو هن موڙ تي سنڌي قوم جي رهنمائي ڪري ثقافت کان اڳتي قومي وسيلن، قومي وسيلن کان اڳتي قومي آزادي، قومي آزاديءَ کان اڳتي سوشلسٽ سنڌ ۾ قوم کي داخل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪمت عملي تيار ڪن. ٻي صورت ۾ ثقافتي ڏاڻن ملهائڻ سان قوم نه بچي سگهندي نه ئي کوان طريقي سان کو سنڌ بچائي سگهجي ٿي.

ايياز چواٽي ته:

تون جي مون کان پوءِ اچين،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،
مون کي ياد ڪرين.
سنڌڙي ساري ڳاڙهو کهنبو ٿي ويندين تيسين،
۽ جي ان ۾ قلڙيون قلڙيون منهنجي ذات ڏسين،
شال اهو سمجهين،
ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي،
پر جو سچ مچائي مچ،
سو مچ وڏي شيءِ آهي.

معاشي بحران جي ڏيڻ ۾ قاتل رياست

دنيا هن وقت وڏي مالياتي بحران جو شڪار آهي. ان جو بنيادي ڪارڻ سرمائيداريءَ جو عروج ۽ ان جي سامراجي شڪل اختيار ڪرڻ آهي. سرمائيداري سماج جڏهن انتها تي پهچڻ شروع ڪندو آهي تہ ان ۾ سوين بيماريون پيدا ٿيڻ شروع ٿينديون آهن. جنهن ۾ سماج مالياتي بحران کان وٺي ڪلچرلي، اخلاقي، سماجي توڙي قومي حوالي سان برائين جي ڏيڻ ۾ لهڻ شروع ڪندو آهي. هونئن تہ جاگيرداري سماج جي پيٽ ۾ سرمائيداري سماج پنهنجي جوهر ۾ وڌيڪ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جاگيرداري سماج ۾ مرڪزيت (Centralization) قومي منڊي نہ هئڻ سبب نہ ٿهي سگهندي آهي ۽ سماج کي ڪنهي ٿيڻ جو موقعو نہ ملندو آهي. پر جڏهن سماج جاگيرداريءَ مان سرمائيداري ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي. قومي منڊي جڙڻ سان ماڻهوءَ جي وچ ۾ گڏيل سوچ (Collective Thinking) پڻ جنم وٺندي آهي. جنهن ڪري سماج جي رفتار تيز کان تيز تر ٿي ويندي آهي. ماڻهوءَ جا پيداواري ذريعا، پيداوري اوزار توڙي پيداواري رشتا بہ تبديل ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو جاگيرداري سماج پنهنجي جياپي خاطر سرمائيداري سان ٽڪراءِ جي شڪل پڻ اختيار ڪندو آهي. پر جاگيرداري پنهنجي جوهر ۾ سرمائيداري سان ٽڪر جي حالت ۾ جاگيرداري جي شڪست لازمي امر بڻجي ويندي آهي. پر جڏهن سرمائيداري سماج ۾ انسان داخل ٿيندو آهي تہ ان کان بہ اڳتي وڃڻ لاءِ انسان جي اندر بي چيني پيدا ٿيندي آهي. اهو سماج سوشلسٽ سماج هوندو آهي. جنهن جي لاءِ سڏي يا اڻ سڏي طرح سان انسان جي اندر ۾ ان لاءِ تڙپ پيدا ٿيندي آهي. سرمائيداري سماج سوشلزم کان خوفزده هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سوشلزم ۾ پيداواري وسيلا وسيع تر عوام جي ملڪيت ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ سرمائيداري نظا جو بنياد صنعتي پيداوار ۽ ان جي کپت ۽ ورهاست تي مشتمل هوندو آهي. جنهن مان واڌو قدر (Super Value) ذريعي سرمائيدار دولت ميڙيندا رهندا آهن ۽ نتيجاً دولت چند هٿن ۾ گڏ ٿيندي ويندي آهي. سرمائيداري نظام جي هلندڙ ترڪل ڀائون معيشت جو هي فارمولو آهي تہ پورهيت طبقو ايترو تہ گهٽو ڪمائي جو سرمائيدارن جون تجوڙيون پرجي وڃن ۽ چلڪي پون جو اهي بچيل پئسا پورهيت طبقي کي ملندا. نتيجي طور تي پورهيت طبقو غربت جي هيٺين لکير کان بہ گذري ويندو ۽ امير کان امير ترين ٿيندو ويندو آهي. آخرڪار بحران جنم وٺندا آهن. جنهن جي خطرناڪ شڪل 18 آڪٽوبر 2008ع تي سڄي دنيا ڏسي چڪي آهي.

هي پهريون دفعو ناهي جو دنيا مالياتي بحران جي ور چڙهي آهي پر ان کان اڳ بہ 1929ع ۾ وڏو بحران (Great Depression) آيو هو. فرق ڇا هو جو شيون تڏهن سستيون هيون. پر انهن کي کو خريد ڪرڻ وارو ڪونہ هو. ڇو تہ ان وقت عوام وٽ ايترو فالتو پئسو موجود ڪونہ هو. هاڻي سموري دنيا وٽ پئسو آهي پر شيون تمام گهڻيون مهانگيون ٿي ويون آهن جو ماڻهن جي قوت خريد گهٽجي ويئي آهي. ماڻهن ۾ قوت خريد پيدا ڪرڻ لاءِ قرض ڏيڻ جو وسيلو پيدا ڪيو ويو. يعني سرمائيداري هڪ بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ سؤ ٻين بحرانن کي جنم ڏيندي آهي. قرض ڏيڻ واري روايت کي عام ماڻهن جي ضرورت بڻايو ويو آهي. خود آمريڪا جي اندر کپت جو اپار (Consumer Boom) اوڀر (Credit) وسيلي پيدا ڪيو ويو آهي. قرضن ۾ مختلف ڪيٽيگريز ناهيون ويون آهن. جنهن ۾

پهريائين وڏي اهميت وارا ڪسٽمر (Prince Customer) جن کي قرض وٺڻ ۽ واپس ڪرڻ جي تمام سگهه موجود هوندي آهي. جڏهن ته ٻيا (Sub Prince Customers) گهٽ اهميت وارا ڪسٽمر جن کي قرض واپس ڪرڻ جي سگهه مڙيو ئي گهٽ هوندي آهي. قرض واپس نه ڪرڻ جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي. ان جي وياج جي شرح وڌيڪ هوندي آهي. نتيجي طور تي قرض وسيلي عوامي ۾ قوت خريد ته پيدا ڪئي ويندي آهي پر اها به گهٽو وقت جتاءِ نه ڪري سگهندي آهي. ڪارل مارڪس چواٽيءَ ته "سرمائيدار ناٽي وسيلي ناٽو ڪمائيندو آهي." اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ آمريڪا جا 3 امير ترين ماڻهو دنيا جي 60 سيڪڙو عوام کان وڌيڪ ملڪيت رکن ٿا. آمريڪا جي 358 ارب پتن وٽ اڌ دنيا يعني 3 ارب عوام کان وڌيڪ ملڪيت آهي. آمريڪا جي 50 بئنکن کي دنيا جي 70 سيڪڙو سرمائي کي هلائڻ جو اختيار آهي. سرمائيدار جي سامراجي شڪل سبب اڄ خود آمريڪا جو مالي خسارو 90 هزار ارب ڊالر ٽي ويو آهي. ان جو پبلڪ خسارو هڪ لک 70 هزار 900 ڊالرن کان به وڌيڪ چڙهي ويو آهي. آمريڪا ۾ هڪ ڪروڙ 90 لکن کان وڌيڪ بيروزگار ٽي ويا آهن.

آمريڪا ۾ بي گهرن جو تعداد 200000 ٽي ويو آهي. ماڻهن خيما قائم ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته برطانيه ۾ 2010ع تائين 15 لکن کان وڌيڪ ماڻهو بيروزگار ٽي چڪا آهن. جاپان ۾ 55 لک ماڻهو بيروزگار ۽ جرمني ۾ 51 لک ماڻهو بيروزگار ٽي چڪا آهن. اٽلي جي مرڪزي بئنڪ مالي نقصان کان بچڻ لاءِ 700 ملازمن کي برطرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. 80 لک ماڻهو هر سال غربت جي ڪارڻ مرن ٿا. هي سرمائيداري جي انتهائي پيانڪ شڪل آهي. جيڪا تاريخ جي انتهائي بدترين شڪل چئي ويجي ٽي. هاڻي بينڪيت سامراج (Colonial Impalism) مالياتي سامراج (Financial Impalism) جي شڪل وٺي رهيو آهي. جيڪو اڄا دنيا کي مڪمل طور تي تباهي طرف وٺي ويندو.

پاڪستان جي معيشت جيڪا خود اڳ ۾ ئي ڏيوالي جي شڪار هئي. سا هاڻي اڄا به وڌيڪ بدترين شڪل اختيار ڪري رهي آهي. ملڪ جي معيشت مان 65 سيڪڙو ملٽي نيشنل ڪمپنين 25 سيڪڙو فوج ۽ 10 سيڪڙو سول سرمائيدارن جي هٿ وس آهي. ملڪ جي معيشت جا مکيه 44 ادارن سميت ڪل 700 ادارا وڪرو ڪري ڇڏيا آهن. باقي به 16 ادارا بچيا آهن. جن مان اسٽيل مل. پورٽ قاسم. پي آءِ اي. قادر پور گئس فيلڊ وڪري ڪرڻ لاءِ موجوده حڪومت رٿابندي ڪري ڇڏي آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته حڪومت عوام نه پر عالمي ادارن. سرمائيدارن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي رحم ڪرم تي هلي رهي آهي.

آمريڪي جنرل جارج مارشل ٻي عالمگير جنگ کانپوءِ مارشل پلان ڏنو هو (Don't Fight the Problem) مسئلن سان ويڙهه نه ڪريو. پهرين انهن کي سمجهو ۽ پوءِ حل ڪريو. هتي به پهرين مسئلي کي سمجهڻو پوندو پوءِ ئي ان جي حل لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ملڪ کي ڏيوالي کان نڪرڻ لاءِ غلط فارمولا استعمال ڪندي معاشي بحران کان بچڻ لاءِ حڪومت IMF کان 7.6 بلين ڊالر قرض ورتو آهي. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ملڪ ڏهالٽ کان بچي ويو. حقيقت ۾ ملڪ وڌيڪ ڏهالٽ ۾ ايندو. چاڪاڻ ته قرض بنا شرط جي نه ملندو آهي. ان ڪري جيڪڏهن IMF يا ٻيو ڪو ادارو پئسا ڏيندو ته پاليسيون به ان جي مرضيءَ سان ٺهنديون. وقتي طور تي معيشت کي بچايو ويندو پر مستقبل ۾ ملڪ اقتصادي طور تي مڪمل طور تي تباهيءَ جو شڪار ٽي ويندو. جنهن کي شايد دنيا جي ڪا به طاقت

بچائي نہ سگھندي. جيڪڏھن ملڪ کي معاشي بحران مان ڪيڏو ھو تہ سمنڊ پار پاڪستانين وٽ 184 ارب ڊالر ڪيش ۾ موجود آھن، پاڪستانين جا 14.7 ارب ڊالر پرڏيھ ۾ جڏھن تہ ملڪ ۾ 131 ارب ڊالر مخصوص ماڻھن وٽ آھن. جڏھن تہ ملڪ کي صرف 10 ارب ڊالرن جي بحران مان نڪرڻ جي ضرورت آھي. رڳو پارليامينٽرين ۽ سياستدان ئي صرف ھڪ مھيني لاءِ پرڏيھ ۾ رکيل ناڻو ملڪ ۾ جمع ڪرائن تہ ھوند بحران مان نڪري سگھجي پيو. پر ھتي بنا ڪنھن منصوبابندي جي سفر ڪرڻ سبب يقينن ملڪ کي تباھيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان فرشتا بہ بچائي نہ سگھندا. جڏھن تہ اربين روپيا ملڪ جي وڏين بلائن وٽ ڪرپشن جي صورت ۾ موجود آھن، جنھن جو عڪس اين آر او ۾ ڏسي سگھجي ٿو ھي تہ اھي ماڻھو ھئا، جيڪي حساس ادارن جي نظر ۾ اچي ويا، پر ان کانسواءِ بہ ملڪي معيشت جو وڏو ناڻو انھن ادارن کان اوجھل آھي. جن جي واپسي پڻ ڪي قدر عوام جي مفادن ۾ ڪم اچي سگھي ٿي. پر احتساب ڪندڙ ادارا پڻ احتساب جا مستحق آھن، ان ڪري ھي رياست گھڻ طرفي خطرن ۾ وکوڙجي ويئي آھي. دھشتگردي، ڪرپشن، عالمي سازشن کان وٺي آئيني توڙ‌ڦوڙ فوجي سازشن جي گھيري ۾ رھندڙ ھي رياست گھڻو وقت جڏاءِ ڪري اھو ممڪن نظر نہ ٿو اچي. ان ڪري ھنن حالتن ۾ آزادي پسند ڏريون جيڪڏھن تنظيمي طرح منظم انداز ۾ اڳتي وڌي اچن تہ رياست ھن کان اڳ ۾ ڪڏھن بہ ايترو ڪمزور نہ رھي آھي، جيڪا بنا ڪنھن نظرئي، رڻابندي جي سفر آھي. ان کي منطقي نتيجي تي پھچائڻ لاءِ حالتون مڪمل طرح سان سازگار آھن، پر ڇا اھي ڏريون سنجيده ۽ منظم آھن. جيڪي حالتن جي تبديلي ۽ انقلاب جي ڳالھ ڪن ٿيون؟!

ٽوڙهي ڦاٽڪ سانحو۽ شاگرد سياست

17_آڪٽوبر سنڌ جي تاريخ جو اهو ڏاڍو آهي، جنهن سڄي سنڌ کي سياسي طرح لوڏي ڇڏيو هو. خاص ڪري سنڌ ۾ شاگرد سياست ۾ 4 مارچ ڪانپوءِ 17_آڪٽوبر جو ڏاڍو اهم حيثيت رهي ٿو. باشعور قوم پنهنجي شهيدن جا ڏاڍا ملهائي پنهنجي سجاڳيءَ جو ثبوت ڏيندیون آهن. ڏاڍا ملهائڻ جا مکيہ ٻہ مقصد هوندا آهن، هڪ سبب اهو هوندو آهي تہ ان جدوجهد، تحريڪ، واقعي ۽ ان ۾ شامل ڪردارن کي ميڙتا ڏجي تہ جيئن اينڊڙ نسل ان مان اتساهہ وٺي، جيئن تاريخ ۾ اهڙي قسم جو ٻيهر ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي. ٻيو سبب ان تحريڪ جدوجهد ۽ ان جي خوبين توڙي خامين کي اڳيان رکي مستقبل جي رٿابندي ڪري نيون حڪمت عملیون ٺاهجن، پر هتي اسان وٽ روايتي انداز ۾ ڏاڍا ملهائي واهہ واهہ ڪري ٻہ ٽي لڙڪ وهائي ماتم ڪري گهر ويهي وڃي آرام ڪجي ۽ بس، نتيجي ۾ سنڌ ۽ قومي فڪر توڙي قومي تحريڪ مثبت رخ اختيار ڪرڻ بجاءِ روايتي انداز ۾ لفاظي ۽ ماضيءَ تي فخر ڪرڻ تائين محدود ٿي وئي آهي.

شاگرد سياست جو پسمنظر:

مهاتما گانڌيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "ڪنهن بہ سماجي تبديلي لاءِ عدم تشدد لازمي اخلاقي اصول، حڪمت عملي هجڻ گهرجي ۽ شاگرد سياست ان اصول جي سياسي نقش آهي." معنيٰ تہ شاگرد تعليم ۽ قوم وسيلي پنهنجي قوم جو وڏيڪ باشعور طبقو ٺئي ٿو. ان ڪري قوم جي تقدير جي تبديليءَ جو بار ان جي ڪلهن تي وڏيڪ پوي ٿو. شاگرد پنهنجي جوهر ۾ جيترو وڏيڪ باشعور ۽ علم سان آراستہ هوندو، اوترو ئي جلد قوم پنهنجي پيرن تي بيهندي آهي. اهو سبب آهي جو ڏکڻ ايشيا، ايسٽ تيمور، وينزويلا، انڊونيشيا، يوگو سلاويا ۾ جيڪي تاريخي تبديليون برپا ٿيون آهن انهن ۾ شاگردن جو اهم ڪردار رهيو آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي آزادي هجي يا بنگلاديش جي آزادي انهن ۾ شاگردن جي ڪردار کي ڪنهن بہ طرح سان نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

سنڌ ۾ شاگرد سياست:

هونئن تہ سنڌ ۾ شاگرد سياست جو سنڌ جي تاريخ ۾ ڊگهو سفر رهيو آهي، ترخانن، ارغونن، توڙي مغلن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻولي خاطر پنهنجي زندگيءَ جو نڏرانو ڏيئي، پنهنجون زبانون ڪٽرائي، پنهنجي ارڏائي ۽ بهادريءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ شاگرد سياست جا بنياد وڏيڪ مضبوط هيمون ڪالاٽيءَ قائم ڪيا. سکر ۾ جنم وٺندڙ هيمون ڪالاڻي 23 آڪٽوبر 1942ع ۾ گرفتار ٿيو 2 مهينا 25 ڏينهن انگريز سامراج جي ٽارچر ۾ سختيون سٺيون. ڪيس ليٽ جي لڪڻ سان اگهاڙي جسم تي ڪُٽڻ ڪانسواءِ ڪيس برف جي بلاڪ تي ليٽايو ويندو هو ڪيس چيو ويو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي غلطيءَ جي معافي وٺي تہ سندس سزا معاف ڪري سگهجي ٿي. پر هن اڙڪي انسان آڻ نہ مڃي ۽ آخرڪار 21 جنوري 1943ع تي ڪيس ڦاهي ڏني وئي. اڄ جيڪڏهن هيمون

ڪالاڻي تڪليفون ۽ سختيون نہ سهي ها ۽ موت کي لبيڪ نہ چوي ها تہ هو اڄ شاگردن لاءِ اتساهہ جو سبب نہ بڻجي سگهي ها. شاگردن جي جدوجهد هيمون ڪالاڻيءَ جو رت پي اڳتي سفر ڪيو آهي.

4_مارچ 1967ع جو واقعو:

4 مارچ جو ڏهاڙو جڏهن ڪنن تي گونجندو آهي تہ شاگردن توڙي سڄي سنڌ جي رت جي گردش تيز ٿي ويندي آهي. ائين ڪٽي چئجي تہ 4 _مارچ شاگرد جدوجهد جي عروج جو زمانو آهي هن دؤر ۾ شاگرد سياست سنڌ جي مڙني طبقن تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. هن دؤر ۾ جڏهن سنڌ ڪي سابق سنڌ لکڻ ۽ سنڌي پڑهائڻ تي بندش، مداخلت ۽ ون يونٽ ۾ سنڌ مڪمل طور تي پنجاب جي بينڪيت ٿي وئي تہ شاگردن پنهنجي حق جو علم بلند ڪيو. پنهنجي جدوجهد جو نعرو حيدرآباد جي ڪمشنر کي هٽايو هٽي شاگردن زبردست تحريڪ هلائي. ڪمشنر حيدرآباد خلاف هلايل تحريڪ سنڌ جي قومي تحريڪ جو اهجاڻ ٿي وئي. آخرڪار 4_مارچ 1967ع ۾ حيدرآباد جي شاگردن جي احتجاج تي ڪڙڪي پئي. شاگردن جو رت رستن، گهٽين، توڙي گهرن ۾ ريلا ڪري وهڻ لڳو. ڪيترائي شاگرد ٽارچر سيلن ۾ واڙيا ويا. شاگردن جي انهن قربانين جو نتيجو هو جو ون يونٽ جهڙو قهري ڪوٽ ڪري پيو. هي شاگرد سياست ئي هئي جنهن سنڌ ۾ قومي تحريڪ کي سگهہ بخشي ۽ اتساهہ ڏنو ۽ سڄي قوم کي قومي ڌارا ۾ ڪڍي ڪري بيهاريو. اهو ئي سبب آهي جو سائين جي ايم سيد شاگردن جي جدوجهد، ولولي ۽ قرباني جي جذبي کان متاثر ٿي آزاد سنڌ جو بار شاگردن تي رکيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آزادي جي نعري کانپوءِ پهرين تقرير ۾ واضح چيو تہ،"مان سنڌ جي وڏيرن، پيرن، جاگيردارن کي آزمائي چڪو آهيان،مون کي سنڌ جي آزادي ۽ آجپي جي واهہ ڪٿي نظر نہ آئي. ان ڪري مان سنڌ جو ڪيس توهان شاگردن اڳيان ڪٽي آيو آهيان." سائين جي ايم سيد تاريخ جي وڏن تجربن مشاهدن کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو تہ سنڌ ۾ وارثي ۽ مالڪي جيڪڏهن ڪري سگهن ٿا تہ اهي شاگرد ئي آهن. ان کانپوءِ اهو ثابت ٿيو تہ شاگردن نہ صرف تاريخ جي ڏيٽي کي اڳتي وڌايو پر ان تاريخي عمل کي نوان گس ۽ موڙ به ڏنا.

17_آڪٽوبر واقعي جو پس منظر:

17 آڪٽوبر 1984ع اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن شاگردن پنهنجي زندگيءَ جو ٻليدان ڏئي سڄي سنڌ کي واسي ڇڏيو هي اهو دؤر آهي جو سنڌ ۾ ايم آر ڊي توڙي مڙني مڪتبِ فڪر سان تعلق رکندڙ ڏريون عملي طور تي ويڑهاند ۾ رڌل هيون. هر تحريڪ ۾ شاگردن نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. خاص ڪري جيئي سنڌ جي سموري قيادت، اڳواڻي شاگردن وٽ هئي. ان ڪري قومي تحريڪ ۾ شاگردن جو نئون جوش جذبو ۽ قومي فڪر سان سرشار قافلو جڏهن سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا 150 شاگرد بسن ۾ سوار ٿي 3.00 وڳي منجهند ٽوڙي ڦاٽڪ وٽ پهتا تہ ڦاٽڪ بند هيو ۽ چؤطرف سانت چانيل هئي. سول ڊريس ۾ قانون نافذ ڪندڙ اداري جي سربراهہ قافلي کي انڊس هاءِ وي کان هيٺ لهڻ لاءِ جيئن ئي حڪم ڪيو تہ ريلوي بند جي چؤطرف لڪل قانون نافذ ڪندڙ اداري جي هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا. 5 ڄڻن جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ باقي ٻين زخمين کي بکتر بند گاڏين ۾ ڪٽي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪيو ويو جتي به کين سخت تڪليفن سان منهن

ڏيڻو پيو. هي سنڌ جي 35 منٽن جي مختصر جنگ هئي. جتي تند تلوارن سان وڙهي هئي.

اڇڻ جو مقصد:

شاگرد 17_آڪٽوبر تي پنهنجين اکين ۾ "مهين جي ڏڻي" جي بچاءَ جا خواب ڪٽي چانڀڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ "مهين جو ڏڻو بچايو" سيمينار ۾ شرڪت لاءِ روانا ٿيا هيا. چاڪاڻ ته انهن باشعور شاگردن جاتو ٿي ته مهين جو ڏڻو سنڌ جي عظمت جو تاريخي دستاويز آهي جنهن جو تحفظ ڪرڻ معنيٰ سنڌ جو تحفظ ڪرڻ آهي. جڏهن دنيا ايجا پنهنجو انگ ڏيڪڻ نه ڪي هئي ته تڏهن سنڌ پنهنجي فن، ادب، آرٽ، موسيقي، تجارت، سائنس، ٽيڪنالاجيءَ ۾ سڄي دنيا جي امامت ڪري رهي هئي. ان ڪري ڏڻي ڪي بچائڻ ڪي ماضي جي شاندار حصي ڪي بچائي خوشحال ۽ آزاد سنڌ اڏڻ برابر آهي. چو ته قومون پنهنجي ماضي جي تجربن، مشاهدن ۽ قومي ورثن کي سامهون رکي پنهنجي مستقبل جي اڏاوت ڪنديون آهن.

ميڊيا جو ڪردار:

ان وقت ميڊيا ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سرڪاري ميڊيا ٻي وطن پرست ميڊيا. سرڪاري ميڊيا جنهن جو گهٽي قدر اليڪٽرانڪ ميڊيا يعني ريڊيو ٽي وي ۽ ٿوري قدر پرنٽيڊ ميڊيا تي واضح اثر هيو. سرڪاري طور اها پروپئگنڊا ڪئي پئي وئي ته ڏوهارين سان پريل يونيورسٽيءَ جون ٻه بسون لاڙڪاڻي ويندي، پوليس سان مقابلي ۾ 5 ڏوهاري مارجي ويا ۽ ڪيترائي ڏوهاري گرفتار ڪيا ويا آهن. سرڪاري ان پروپئگنڊا جو سنڌ ڪانسواءِ ٻين صوبن توڙي عالمي سطح تي وڏو اثر پيو. ٻئي طرف سرڪاري ٻولڙيا سنڌي عوام کي گمراهه ڪندا رهيا، تنهن باوجود ٻه پرنٽيڊ ميديا ۾ ڪجهه وطن دوست اخبارن توڙي صحافين سنڌ جو ڪيس انتهائي ايمانداريءَ سان وڙهيو ۽ اهي باور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا ته اهي نج سياسي شاگرد هئا نه ڪي ڏوهاري. جيڪي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي شهيد ۽ گرفتار ڪيا ويا آهن. انهن وطن پرست اخبارن ۽ صافين جي مثبت ڪردار سبب سڄي سنڌ اٿلي پئي.

عوام جو ڪردار:

عوام سرڪاري پروپئگنڊا جو شڪار ٿيڻ بجاءِ سڌيءَ طرح سان شاگردن ڏانهن پنهنجون سڀ محبتون منسوب ڪيون. اهو ئي سبب آهي جو سڄي سنڌ ڪيترائي ڏينهن ان سوڳ ۾ ورتل نظر آئي ۽ عوام روڊن، رستن، تي سراپا احتجاج بڻجي نڪري آيو ۽ سرڪار خلاف پرپور مزاحمت ڪئي. سموري سنڌي قوم هن غم، غصي ۽ سوڳ ۾ متحد ٿي وئي جنهن جو سنڌ جي تاريخ ۾ مثال مشڪل ملي ٿو.

17_آڪٽوبر جا شهيد:

1_ شهيد عبدالمالڪ خشڪ:

هن شهيد ٿٽي ضلعي جي تعلقي گهوڙا ٻاري جي ڳوٺ درويش ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو محمد عيسيٰ

خشڪ هو. ڏهانت جي لحاظ سان سندس هاڪ شروعاتي تعليم ڪان ملي ٿي، هن پنجين درجي ۾ ڏهانت جو امتحان ڏني ضلعي ۾ پهريون نمبر ڪڍي پاس ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ ميٽرڪ توڙي انٽر ۾ اي گريڊ ڪڍي پاس ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا ونڊي جساف جو باضابطه ميمبر ٿيو. جتي هن جون سياسي سرگرميون عروج تي پهچي ويون. اهو ئي ڪارڻ هوجو سياسي سرگرمين سبب هڪ دفعو ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو. تنهن باوجود به هن جي جذبي، محبت ۾ ذري برابر به ڪمي نه آئي.

2_ شهيد ذڪريا ميمڻ:

شهيد ذڪريا ميمڻ مهراڻ يونيورسٽي جو شاگرد هيو. هن جو جنم 7 فيبروري 1962ع تي ڏني ضلعي جي ڏڙي شهر ۾ ٿيو. نائين درجي تائين ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين، ڏهين درجي ۾ بنورو هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين، انٽر ۾ بهترين پوزيشن حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو. جتي جساف جو باضابطه سرگرم اڳواڻ رهيو. سياسي سرگرمين سبب ڪيس هڪ دفعو ريسٽيڪيٽ پڻ ڪيو ويو. پر پوءِ اهو آرڊر 1983ع ۾ واپس ورتو ويو. تنهن باوجود هن جون تعيلمي سياسي سرگرميون جيئن جو تيئن جاري رهيون.

3_ شهيد انور علي عباسي:

شهيد انور علي عباسي جو تعلق ڳوٺ پکي تعلقي قمبر سان هو. سندس جنم 12_آگسٽ 1962ع تي سندس والد علي محمد عباسي جي گهر ۾ ٿيو. پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾، ڇهين ڪان ڏهين درجي تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڳڙ ۾، تعليم حاصل ڪيائين. ٻارهين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان ڪيائين. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪامرس شعبي ۾ داخلا ورتائين. شهادت وقت فائنل ييئر جو شاگرد هيو. 17_آڪٽوبر تي گولين لڳڻ ڪري سندس سڄو منهن ۽ جسم چڇرجي ويو هو. جنهن سبب سندس سڃاڻپ ڪرڻ انتهائي مشڪل هئي. اهو ئي سبب هيو جو ڪيس لاوارث ڄاڻائي واپڊا ڪالونيءَ ڄامشورو ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

4_ شهيد امان الله وسڌرو:

نوشهروفيروز ڳوٺ مچر ۾ حزب الله وسڌرو جي گهر ۾ جنم ونڊندڙ شهيد امان الله وسڌري پرائمري تعليم موري ۾، سيڪنڊري تعليم شهدادڪوٽ مان حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽي جي جيالاجي جي شعبي ۾ داخلا ورتائين. جساف جو ميمبر ٿيڻ ڪانپوءِ هن باضابطه سياسي سرگرميون شروع ڪيون. هن جي ولولي ۽ جذبي جو انداز سندس هن آخري آٽوگراف مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن ۾ هن لکيو آهي ته،"منهنجي آخري تمنا آهي ته سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ شهادت ماڻيان." ۽ هن جي ان خواب جي آخر ڪار 17_آڪٽوبر تي ساڃيان ٿي.

5_ منو بليدي:

منو بليدي سنڌ يونيورسٽي جو چوڪيدار هو. هن جي مزار ڄامشوري ريلوي اسٽيسن جي ويجهو آهي. 17_

آڪٽوبر جي شهيدن ۾ منو بليدي جو ڪردار سڀ کان اهم هيو. ڇاڪاڻ ته هو سرڪاري ملازم هوندي به ڌرتيءَ جي محبت هن جي نس نس ۾ سمايل هئي ۽ آخري دم تائين ڌرتيءَ جي آجپي لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهيو. يونيورسٽي ۾ سمورا شاگرد اڳواڻ توڙي ڪارڪن سندس سحر ۾ هوندا هئا. سرڪار جڏهن به ڪا شاگردن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ايندي هئي تڏهن هي هڪدم اها خبر شاگردن تائين پهچائيندو هو جنهن سبب ڪيترائي دفعا شاگرد ڪري نقصان کان بچي ويا.

شاگرد سياست جي ناڪام ٿيڻ جا سبب:

انقلاب کي آڻڻ لاءِ جيستائين انقلابي فڪر سان گڏ انقلابي پارٽي نه هوندي آهي تہ تيستائين انقلاب جي اچڻ جو تصور به نہ ٿو ڪري سگهجي. سنڌ ۾ انقلابي فڪر سان تعلق رکندڙ سڀني ڌرين وٽ خاص ڪري سنڌ جي محور ۾ ڪم ڪندڙ ڌرين وٽ انقلابي فڪر تہ هو پر انقلابي پارٽي نہ هئي، جنهن سبب سموريون سياسي پارٽيون گهٽي وقت تائين سياسي ميدان تي جٽاءُ نہ ڪري سگهيون. پارٽيون تيستائين نتيجا نہ وٺي سگهنديون آهن، جيستائين انهن ۾ پورهيت جو ڪردار نہ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ پورهيت انقلاب ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندا آهن، جنهن وٽ وڃائڻ لاءِ صرف زنجير ئي هوندا آهن ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا هوندي آهي. سنڌ ۾ بدقسمتيءَ سان قومي فڪر سان تعلق رکندڙ سڀني ڌرين پورهيت جي تاريخي ڪردار کان لاتعلق ٿي انقلاب جو سمورو بار شاگردن جي مٿان رکيو ويو. جيئن تہ شاگرد هڪ عرصي تائين شاگرد هوندو آهي. ان کانپوءِ شاگرد زندگي جي ٻئي شعبن ۾ داخل ٿئي ٿو. ان ڪري انقلاب لاءِ شاگردن تي پوري طرح بار سڄو سنڀاڻ ثابت نہ ٿيو آهي. انقلابي پارٽي نہ هجڻ سبب انهن سياسي شاگردن جي تعليمي ادارن مان نڪرڻ کانپوءِ سنڀال نہ ٿي سگهي ۽ اهي سماج ۾ اچي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ مصروف ٿي ويا. انقلاب لاءِ معاشي مفاد اهم هوندا آهن، جو تہ معاشي مفاد ويڑهہ لاءِ اتساهہ پيد اڪندا آهن، ان ڪري انقلابي ويڑهہ ۾ مڪمل طرح سان شاگردن تي پاڻڻ سڀني پارٽين جي وڏي غطلي ثابت ٿي آهي، ٻيو تہ رياست شاگردن جي سياسي ڪردار کي ڪرمنل فيڪٽر ۾ ملوث ڪري ڇڏيو تہ ڪن کي ايجنسين خريد ڪري ڇڏيو.ڪن کي ڪلاشنڪوف ۽ نشي جي ڏنڊي ۾ لاڻو ويو. نتيجي ۾ جيڪي سنجيده ۽ باعمل شاگرد هئا اهي به انهن جي گهيري ۾ اچي ويا، جيڪي گهربل نتيجا نہ ڏئي سگهيا ۽ ڏسندي ڏسندي شاگرد سياست پنهنجو اثر وڃائي ويٺي آهي.

هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي ؟

لينن چواڻي "One step forward, two step backward" يعني "هڪ قدم اڳتي ۽ ٻہ قدم پوئتي." پنهنجي هڪ قدم کي بچائڻ لاءِ ٻہ قدم پوئتي موٽڻ خراب ڳالهہ نہ آهي. جو تہ سياست ڏاڍي بي رحم ٿيندي آهي. جنهن جي سيني ۾ ڪا به دل ناهي ٿيندي، سياست جا پنهنجا ماڻا ماپا هوندا آهن ان ڪري سياست ڪنهن جي خواهشن جي نہ پر مادي حالتن جي تابع ٿيندي آهي. مادي حالتن جي تبديليءَ سان سياست ۾ نوان رخ، رستا، راهون تيار ڪبيون آهن، سنڌ جون حالتون ان نتيجي تي پهتيون آهن تہ سيني کي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجو ۽ پنهنجي سياسي پارٽين جو جائزو وٺي سنڌ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي، سنڌ ۾ سياسي تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ

پنهنجي پارٽي کي پورهيت طبقي سان ڳنڍي پورهيتن کي انقلاب جو محرڪ قوت سمجهي سياسي حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي. شاگرد هن تحريڪ ۾ ڪنهن حد تائين سياسي پارٽين لاءِ ڪارگر ثابت ٿي سگهن ٿا پر مڪمل طرح سان پنهنجون پارٽيون شاگردن جي اڳواڻي ۾ ڏيڻ هڪ دفعو ٻيهر اسان جي تاريخي غلطي هوندي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاگردن جي سياسي تربيت لاءِ ادارا قائم ڪيا وڃن. جيڪي شاگردن جي تربيت ڪن ۽ شاگردیءَ جي دور پوري ٿيڻ کانپوءِ به سياست ۾ انهن کي پارٽي جي ماتحت بڻائجي ۽ شاگردن کي منظم ڪرڻ کان اڳ پارٽي جي انقلابي بيهڪ ضروري آهي. جيڪڏهن انقلابي پارٽي نه هوندي ته انقلاب لاءِ رستو هموار ڪرڻ مشڪل نه پر ناممڪن هوندو.

سنڌ ۾ تاريخي ٻوڏ: سبب ۽ حل

ٻوڏ جي تباهيءَ سبب، سنڌ زبردست معاشي ۽ سماجي طرح سان متاثر ٿي آهي. ان کان اڳ ۾ سنڌ ايتري حد جي لڏپلاڻ ۽ تباهيءَ کانہ ڏٺي آهي. 1947ع ۾ جيڪا لڏپلاڻ ۽ سنڌي ماڻهن جو هڪ ٻئي کان ويجهڙو ٿيو ڏسجي تہ ان کان بہ وڌيڪ هاڃا هاڻي ٿيا آهن. ٻوڏون پاڻيءَ جون هجن، معاشي بحران جون هجن آبادي‌ءَ جون اهي گهٽائي نقصان ۽ سوال کڻي ٿيون اچن. سنڌو درياءَ جتي سنڌي تهذيب ۽ تمدن ۽ سنڌي قوم جي خوشحاليءَ جو ڪارڻ رهيو آهي، اتي ڪيئي تباهيون بہ پاڻ سان کڻي آيو آهي. وادئ سنڌ جي تهذيب جي اڏاوت ۽ بربادي‌ءَ جا سبب بہ سنڌو دريا جي ڪاتي ۾ اچن ٿا. هيءَ ٻوڏ جنهن کي سنڌي ماڻهون صدين تائين وساري نہ سگهندا، انهيءَ جي تباهيءَ جا سبب قدرتي گهٽ پَر هٿرادو وڌيڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياء جي موجن، مستين تي بند ٻڌڻ ۽ ان کي پنهنجي مرضيءَ سان سڪائڻ ۽ آباد ڪرڻ بہ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو.

ٻوڏ جا سبب:

ڪل ست درياءَ آهن جيڪي سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ رڻ لاءِ پنهنجو رخ دريا ڏانهن رکن ٿا. جنهن ۾ ٽي درياءَ ستلج، بياس ۽ راوي هندستان کي پاڪستان سرڪار ايوب خان جي زماني ۾ وڪرو ڪري ڏنا. جنهن جو ملندڙ پئسو پنجاب کي ڏنو ۽ باقي ٻن دريائن مان اٽڪ وٽ ڪابل درياء، جهلم، چناب درياء ۽ سنڌو درياءَ ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ لاءِ رستو ملي ٿو. پر ان کان بہ وڏا سبب بہ اونهاري ۾ پيل برف ۽ گلئشيرن جو تيزيءَ سان ڳرڻ، ميداني علاقن ۾ مينهن پوڻ ڪري نئن جي رستي سان داخل ٿيڻ آهي. جڏهن تہ بنگال ۾ مون سون هوائن جو جبلن تي مينهن وسائڻ، هوا ۽ داب (Pressure) گهٽ ڪري مون سون جي بارشن جو سلسلو جون کان سيپٽمبر تائين هوندو آهي، جنهن سبب بہ سنڌو درياء پنهنجي اوج ۽ موج سان سفر ڪري ٿو.

ٻوڏ جي سطح:

آبپاشي جي لحاظ کان ڏسجي تہ ٻوڏ جي سطح جا مختلف پئمانا مقرر ٿيل آهن، جنهن ڪري اسان اڪثر ڪري ٻوڏن جي سطح جي پرک نہ ڪري سگهندا آهيون. ٻن کان ساڍن ٽن لکن تائين ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي ايندڙ درياءَ ۾ هيٺين سطح واري ٻوڏ Low Flood چئبو آهي. ساڍن ٽن کان پنجن لکن تائين ڪيوسڪ پاڻي کي مٽين درجي واري ٻوڏ High Flood چئبو آهي. پاڻي جا وهڪرا جڏهن ستن لکن کان نَون لکن تائين هجن تہ ان کي مٽئين سطح واري ٻوڏ Very High Flood چئبو آهي ۽ جڏهن پاڻيءَ جا وهڪرا نَون لکن کان مٿي اچن تہ ان کي سپر فلڊ (Super Flood) چئبو آهي. گڏيو ٻڙاج جي رڪارڊ مطابق پاڻيءَ جا وهڪرا 1967ع کان 1972ع تائين ڇهہ لک ڪيوسڪ، 1973ع ۾ سپر فلڊ جا وهڪرا ڏهہ لک 83 هزار ڪيوسڪ، 1975ع ۾ بي سپر فلڊ ڏهہ لک 52 هزار ڪيوسڪ، 1976ع ۾ چوٿيءَ وارو وهڪرو ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1978ع ۾ چوٿيءَ وارو وهڪرو يارنهن لک

ڪيوسڪ، 1978ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1986ع ۾ يارنهن لک ڪيوسڪ، 1988ع ۾ پاڻيءَ جا وهڪرا يارنهن لک، 62 هزار 1989ع ۾ پاڻيءَ جا وهڪرا نوَ لک 44 هزار ڪيوسڪ، 1992ع ۾ ڏهه لک 88 هزار ڪيوسڪ تائين پاڻيءَ جا وهڪرا رهيا آهن. جڏهن ته ان کانپوءِ 2009ع تائين ڪابه سپر فلڊ نه آئي آهي.

ان عرصي دؤران وڏ ۾ وڏ پاڻيءَ جا وهڪرا 5 لک يا 6 لک ڪيوسڪ رهيو آهي. هن سال پاڻيءَ جو وهڪرو 11 لک 48 هزار ڪيوسڪ رهيو آهي. ڏٺو ويجي ته اهو ڪو ايڏو وڏو پاڻي جو وهڪرو نه آهي جيڪو سنڌ نه ڏٺو هجي پر اصل مسئلو 14 سالن کان وٺي آبپاشيءَ وارن جي لاپرواهيءَ بدانتظاميءَ سبب سنڌ کي وڏيڪ پوڳٽو پيو آهي. نه ته هوند گهٽ نقصان ۾ پاڻيءَ کي گذاري سگهجي پيو.

ٽوڙيءَ جو معاملو:

1932ع ۾ سکر بئراج نهڙ کانپوءِ انگريز سرڪار جيڪو آبپاشيءَ جو زبردست نظام ترتيب ڏنو اهو سنڌ جي ڪنهن به دؤر ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيتوٽيڪ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ درياء جي پاڻيءَ کي درست استعمال لاءِ ڪلهوڙن واهن جو بهتر ڄار وڇايو پر انگريزن جي دانائي جو ڪو مثال ئي ڪونهي. انهن ڄاڻايو آهي ته جيڪڏهن پاڻيءَ جا وهڪرا وڏي وڃن ته علي واهڙ کان ڪٽ ڏئي گهٽ کان گهٽ نقصان کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. روهڙيءَ کان اها چنبڙ، هاڪڙي درياءَ تائين وڃي پوندي آهي. سانگهڙ مان گذري ٿر جي واريءَ جو ڪس ڏئي ڪنري تعلقي جي اولهه ورندو ۽ بدين ضلعي جي ڏکڙ کان ڏيپلي تعلقي جي الهندي ڪنڊ تي سمنڊ ۾ وڃي ڪرندو آهي. جيتوٽيڪ ان پاسي کان ڪافي آبادي به ٿي ويئي آهي. چنبڙ روهڙي مان نڪري اچڙي ٿر ۾ داخل ٿئي ٿي. اچڙي ٿر ۾ واريءَ جي ڍٻڙ آهي جنهن ڪري پاڻي گهٽي قدر اتي جذب ٿي وڃي ٿو. وارياسي علاقي ۾ 60 سيڪڙو کان وڌيڪ ته پاڻي جذب ٿي ويندو آهي. جڏهن ته هن رستي سان 120 ڏينهون اچڙي تائين، ان کان پوءِ 90 ڏينهون هٿونگو اچڙي کان اڳتي آهن. هن رستي سان ٿي لک ڪيوسڪ پاڻيءَ گذاري سگهجي پيو. پر پنو عاقل چانوٽيءَ اينگرو جي فيڪٽرين ۽ منسٽر جي 6000 ايڪڙ زمين ۽ 3 فيڪٽرين کي بچائڻ لاءِ ٽوڙي کان غلط ڪٽ ڏياريو ويو يا گهاءُ لڳڻ ڏنو ويو. بي بي سي جي خصوص نمائندي مطابق جڏهن ٽوڙي بند ۾ گهارو هڪ فوٽ هيو ته جيڪب آباد جو ڊي سي او ان کي بند ڪرائڻ لاءِ پهتو پر رينجرس وارن ڪيس اهو ڪم ڪرڻ کان روڪيو ۽ پاڻي غوثپور ٽل، جيڪب آباد تائين اک چنب ۾ پنهنجي پوري جوبن سان اچي پهتو ته اتان جي هڪ وزير ان کي بلوچستان لوڙهڻ چاهيو جتي اڳوڻو وزيراعظم ظفر الله جمالي پنهنجي هٿياربندن سان اچي پهتو پر ان جي وَٽي کانپوءِ ٻيهر پاڻيءَ کي اوڏانهن ڪٽ ڏنو ويو. پاڻي جعفرآباد، اوستا محمد ٻوڙيندو، قبو سعيد خان، شهدادڪوٽ، قمبر، گاجي کهاوڙ وارهه، دادو جا گس وٽيو اڏ سنڌ کي ٻوڙيون، بيحال ۽ بي گهر ڪيون بنا ساهيءَ جي پنهنجي سفر تي روان دوان رهيو.

پنجاب جا مفاد:

ٻوڏ خيبر پختونخواهه، پنجاب ۽ سنڌ کي زبردست نقصان پهچايو آهي. خيبرپختونخواه جو جاني نقصان ته سنڌ کان به وڌيڪ ٿيو آهي. پنجاب جا به ٽي ضلعا تباهيءَ جو شڪار ٿيا آهن. انهيءَ سموري تباهيءَ جو ذميوار

پنجاب خود ئي آهي. چاڪاڻ ته ٻوڏ ڪان اڳ ۾ ڊيم ٻرڻ ۽ ڪٽنال وهائڻ جو زبردستي حڪم ڏيندڙ پنجاب، ضرورت وقت سنڌ سڃي سڪندي رهي ۽ پنجاب سي.جي ڪٽنال وهائڻ جا زبردستي نادري حڪم جاري ڪيا. جڏهن ته 1945ع جي معاهدي ۾ ۽ 1991ع واري تڪراري پاڻي معاهدي ۾ به واضع لکيل آهي ته ٻوڏ جي واڌو پاڻيءَ وقت ڪٽنال ۽ ڊيم ٻريا ويندا پر ان ڏاهه جي ابتڙ زبردستي ڪندڙ پنجاب سڪايو به سنڌ کي ۽ ٻوڙيوبه سنڌ کي. جيڪڏهن هن ٻوڏ واري صورتحال ۾ ڪٽنال ۽ ڊيم ٻرجن ها ته هوندي ڪنهن به طرح ايترو گهٽو نقصان نه ٿئي ها ۽ هي ٻوڏ قدرتي زحمت بجاءِ رحمت جا پيغام کٽي اچي ها! پر هي ملڪ شايد ٺهيو ئي پنجاب جي مفادن جي تحفظ لاءِ آهي. ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا جيڏانهن هٺ تيڏانهن ڪُپي وڃي.

سنڌ حڪومت جي غير ذميواري:

سنڌ حڪومت جيڪا سنڌ جي پٽسن تي به ان لاءِ پلجي ٿي ته جيئن سنڌ جي حقن جو تحفظ ڪري سگهي. پر هن سڃي خطري واري صورتحال ۾ به سنڌ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي رهي. آبپاشي کاتو. جنهن کاتي جو ڪم ئي صرف اهو آهي ته جيئن سنڌ جي آبپاشي نظام کي بهتر هلائي سگهجي، جڏهن ٻوڏ جا وهڪرا داخل ٿيا ته آبپاشي عملو ڪٽي به نظر نه آيو. ماڻهو پنهنجي مڙسيءَ تحت بندن جا گهارا ٻڌندا رهيا، بندن جي چؤڪسي به ڏينهن رات عام ڪوناٽا ماڻهو ڏيندا رهيا. جڏهن هر ڪم عام ماڻهو ڪري رهيو آهي ته باقي حڪومت يا ان جي ادارن جي هئڻ يا نه هئڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ڪيترائي وزير ته ٻرن ۾ وڃي لِڪا، ڪيترن ئي وزيرن کي گهارا هٽائيندي ڏٺو ويو ته آخرڪار هيءَ حڪومت مرض ڪهڙيءَ جي دوا آهي؟ ماڻهو پاڻيءَ ۾ ڦاٽل رهيا، انهن جي ڪيڻ جو ڪوبه مناسب انتظام نه هو. ٽرانسپورٽ جو بندوبست به ڪٽي نظر نه آيو. ٻه ويلا ماني ڏيڻ، خيمن جو بندوبست ڪرڻ، دوائون ڏيڻ، تحفظ ڏيڻ تائين سنڌ حڪومت بيوس نظر آئي، ڪراچيءَ ۾ ته سنڌي ماڻهن جي آمد کي روڪڻ لاءِ ڪيترن ئي ٻوڏ متاثرن تي گوليون هليون، ڪيترائي شهيد ڪيا ويا. هيتري بيوَسي ۽ لاچاري ڏسي سنڌ حڪومت تي ترس اچي رهيو آهي!!

جاگيردارن پنهنجون ڪيٽيون ۽ زمينون بچائڻ ۽ آباد ڪرڻ لاءِ درياء ۽ ڪٽنالن جا بند ڀاڃڻا ۽ ناهيا آهن. ٻيلن مان ڪاٽ جي وڍ ٽڪ به جاگيردارن بيوروڪريٽس سان گڏجي ڪئي آهي. جنهن سبب سنڌ جا ٻيلا مڪمل طور تي تباهيءَ جو شڪار آهن.

انگريزن بندن تي وڻ پوکرايا هئا چاڪاڻ ته وٽن سان بند مضبوط رهن ٿا. اهي سپ وَڻ اڪثر ڪري آبپاشي عملدارن ۽ جاگيردارن ملي پڳٽ ڪري گڏجي وڍرايا. جنهن جو نقصان به سنڌ کي پلٺ پيو. ٻيو ته درياء جي اندر پوکون ڪرائڻ، ٽيوب لڳائڻ، شڪارگاهون ايتري قدرجو پنهنجا بنگلا به درياء جي پيٽ ۾ ٺهرائي چڏيا آهن. درياءَ مان واري ڪيڻ لاءِ ڏينهن رات ٽريڪٽر هلندا رهيا. جنهن سبب به درياء جي ڪپرن کي

نقصان پهتو جنهن جو به ازالو ٿيڻ گهرجي.

پرڏيهي سازش:

ٻوڏ جي تباهيءَ جا جيڪي سبب سامهون اچي رهيا آهن. انهن ۾ هڪ دانشور طبقي ۾ هي بحث ٻه هلي رهيو آهي ته هن ٻوڏ پٺيان پرڏيهي هٿ ملوث آهن. آمريڪا موسميات ٽيڪنالوجي ذريعي گليشيئرن کي ڳارڻ لاءِ پاڪستان جي اترين علاقن ۾ طالبن ۽ القاعده کي شڪست ڏيڻ لاءِ افغانستان ۽ هندستان سان گڏجي هٿراڏو ٻوڏ ڪرائي آهي. ته جيئن القاعده ۽ طالبان جا خيبرپختونخواهه ۾ هٿيار تباهه ڪري سگهجن. پاڪستان جي فوجي چانوٽين ۽ ايٽمي اثاثن کي نقصان ڏئي سگهجي. ٻيو ته پاڪستان جا چين سان گهرائي وارا تعلقات متاثر ڪجن. پاڪستان ۽ چائنا شاهراهه قراقرم جي رستي سان ڳنڍيل آهن. ٻوڏ سبب چين ۽ پاڪستان ڪيترن ئي ڏينهن کان هڪ ٻئي سان ڪٽيل رهيا ڇاڪاڻ ته شاهراهه قراقرم مڪمل طور تي پاڻي هيٺ هو. جنهن سبب ٻنهي ملڪن کي ڪروڙن اربن جو نقصان پڻ پهتو آهي. ٽيون ته هٿرادو تباهي آڻي حڪمرانن تان عام ماڻهن جو ويساهه ڪٽائجي ۽ بک بدحاليءَ سبب گهرو ويڑهه ٽيندي ان جا فائد عالمي قوتون پنهنجي حَق ۾ ڪٽي ونڊيون. هن بحث تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي حڪمت عملي تيار ڪرڻ کپي.

دانشورن، سياسي، سماجي تنظيمن جو تاريخي ڪردار:

هن ڏڪئي گهڙيءَ ۾ سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جي ڪردار کي وساري نه ٿو سگهجي جن عوام کي اڪيلائي جي احساس کان آجوڪيو. سياسي ۽ سماجي تنظيمن ته هنگامي بنيادن تي ماڻهن لاءِ ٻه ويلا ماني، دوائون، خيما ۽ ٽرانسپورٽ جي سهولت لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون. ٻهراڙيءَ کان ڪراچي ۾ ويندڙن کي آباد ڪرڻ لاءِ قومپرست جماعتن جي تاريخي جدوجهد آهي. جن ڏينهن رات هڪ ڪري عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. سرڪاري سطح تي عوام کي آسرا ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه پلئه نه پيو ڪجهه ڏرين ته رينجرس ۽ پوليس جي مدد سان ٻوڏ متاثرين مٿان گوليون هلائي، سنڌي ماڻهن کي ڪراچيءَ مان بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر قومپرستن پنهنجي سر تي اهو بار کڻي سنڌين کي ننڊڻڪائي کان بچايو جيتوڻيڪ تنظيمي ڏس ۾ منظر نه هئڻ باوجود ٻه هي ڪوششون وساري نه ٽيون سگهجن. ان کان ٻه وڌيڪ عوام وائڙائپ جو شڪار ٽيڻ ۽ حڪومت جي مدد لاءِ واجهائڻ بجاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻه ڏينهن رات هڪ ڪري مصيبت کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري هن سڄي عرصي ۾ جتي مايوسيون پلئه پيون آهن. اتي اتساهيندڙ ڪردار ۽ عمل ٻه سامهون اچن ٿا. مثال طور تي ويهڙ (ڏوڪري لڳ) جي بچاءِ بند کي ٻڌندي عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڊڙي پنهنجي زندگيءَ جو دان ڏنو ۽ انهن جا لاش لڳندڙ جهلي بند جي روڙ ۾ وجي ڦاٽا ۽ روڙ بند ٿي ويئي، جنهن سبب ڳوٺن جا ڳوٺ وڏي نقصان کان بچي ويا. اهڙا ڪيترائي ڪردار سامهون آيا جن جون بي لوث ۽ اڻ ٽڪ ڪوششون ڪنهن ٻه طرح وساري نه ٽيون سگهجن ۽ اهڙن ڪردارن کي ميڙتا ڏيڻ لاءِ ٻه اسان کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي ؟

ٻوڏ سبب سنڌ جا 19 ضلعا زبردست متاثر ٿيا آهن. جنهن ۾ تقريباً فصل لڙهي ويا آهن. هڪ اندازي مطابق 10 ڪربن

جو نقصان ٿيو آهي ۽ ڪروڙ جي لڳ پڳ ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. ان ڪري سنڌ کي آفت سنيل قرار ڏئي سيئي ڊلون ۽ ٽئڪسون معاف ڪيون وڃن.

پر ڏيهي توڙي ڌيهي ملندڙ امداد جو 50 سيڪڙو سنڌ کي ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته هن ٻوڏ جو سڀ کان گهٽو نقصان به سنڌ جو ٿيو آهي ۽ ان امداد جي ورهائڻ کي صاف شفاف بنائڻ لاءِ بااعتماد ادارن کي اڳتي آڻڻ گهرجي.

ڪراچيءَ ۾ لڏي ايندڙن جي مستقل رهائش ۽ روزگار لاءِ حڪومتي سطح تي اپاءَ ورتا وڃن. ڪراچيءَ ۾ ڌارين جي قبضي ۾ آيل پلاٽ ۽ جڳهون سنڌين کي ڏنيون وڃن ۽ صنعتي ادارن ۾ سنڌين کي ترجيحاتي بنيادن تي اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن ٻوڏ جي اثرن کان عوام کي جلد رليف ڏئي سگهجي.

نظرياتي، تنظيمي، سياسي ۽ شخصي اختلافن باوجود به سيئي ڏريون سنڌي ماڻهن جي حادثاتي لڏپلاڻ واري عمل کي تاريخ جو موقعو تسليم ڪندي، ڪراچيءَ کي سنڌي ماڻهن جو مورچو ٻڌائي. "ڪراچي سنڌ آهي." نعري کي عملي روپ ڏيارڻ جو هن وقت کان وڌيڪ ٻيو ڪو موقعو ٿي نه ٿو سگهي.

آبپاشي کاتي جي ناقص ڪارڪردگي ڏسڻ کان پوءِ فوراً آبپاشي سڄي عملي کي تبديل ڪري نئون عملو مقرر ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته نئون عملو نئين جوش ۽ ولولي سان ايندو. ٻي صورت ۾ آبپاشي کاتي کي بند ڪيو وڃي جيڪو اداروڪم نه ڪري سگهي. ان کي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

نقصان جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ بااعتماد ادارن کان سروي ڪرائي وڃي ۽ ان نقصان جي ازالي لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن. جن وزيرن، جاگيردارن يا فردن پنهنجي مفادن خاطر گهارا هٽايا يا هن ڏکي گهريءَ ۾ عوام جو سهڪاري ٽيڊ بجاءِ ٻرن ۾ وڃي لڪا. انهن کي احتساب جي عدالت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن ايندڙ وقت ۾ ڪو اهڙا عمل نه ڪري سگهي.

جن فردن توڙي ادارن عوام جي مفادن ۽ سهولت لاءِ قربانيون ڏنيون انهن جي حوصلا افزائي لاءِ مناسب اپاءَ ورتا وڃن.

درياءَ جي جهلي بندن جي مرمت لاءِ مخصوص بجيٽ جاري ڪئي وڃي ۽ بندن کي مضبوط ڪري ٻيهر وٽڪاري ڪرائي وڃي. ٻوڏن ۽ برساتن ڪري جهنگلي جيوت لاءِ گاهه ٻوٽا جهجهي انداز ۾ ٽيندا ۽ ٻيلا پڻ ٻيهر اسرندا انهيءَ لاءِ حڪومتي سطح تي ڪوششون ورتيون وڃن ته جيئن ٻيهر جاگيردار ۽ بيورو ڪريٽ وٽن جي واڌي نه ڪن ته فطرت کي وڏ کان وڏ بچائي سگهجي.

ارسا (IRSA) جي جوڙجڪ نئين سري سان ڪئي وڃي ته جيئن ٻوڏ کان سواءِ ڏيمن ۽ ڪئنالن ۾ پاڻي نه وهايو وڃي ۽ پنجاب جي بالادستي پاڻيءَ تي نه رهي سگهي.

ٻوڏ ۾ 4 هزار کان وڌيڪ اسڪول ٻڏي ويا آهن ۽ جڏهن ته 7 هزار اسڪول اڃ ۾ ئي بند هئا. جنهن ڪري لکن جي تعداد ۾ ٻار تعليم کان محروم ٿي ويا آهن انهيءَ ڪري انهن جي ڪولرائڻ لاءِ جلد عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن ٻارن جو مستقبل تباهه ٿيڊ کان بچائي سگهجي.

ٻوڏ ۾ آمري ميوزم سميت سنڌ جي ننڍڙن وڏن ثقافتي شين کي زبردست نقصان پهتو آهي ان ڪري ثقافت کاتي کي اهڙن تاريخي شين جي سنيال ۽ تحفظ لاءِ پڻ متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

”ذوالفقار آباد“ سنڌ دشمن رٿا

سنڌ ۾ هن وقت سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڌرين جي وچ ۾ ذوالفقار آباد جو منصوبو زيرِ بحث آهي. سرڪاري سطح تي سمورا وسيلا ذوالفقار آباد شهر اڏڻ لاءِ راءِ هموار ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته سرڪار سان باقي اتحاد ۾ شامل ڌريون يا ته خاموش آهن يا مصلحت خاطر پنهنجي موقف کي اڃ چٽو پيش ڪري رهيون آهن. ٻئي طرف سنڌي عوام سان پنهنجو رشتو جوڙيندڙ ڌريون پنهنجو چٽو ۽ واضح موقف پيش ڪري رهيون آهن. انهن جي چوڻ موجب ته سنڌ کي نئين غلامي ۾ داخل ڪرڻ لاءِ نوان شهر اڏي سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ان ڪري سنڌ ۾ ان رٿا متعلق عوامي سطح تي به مونجهارا پيدا ٿي رهيا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي محسوس ٿي رهي آهي ته ان رٿا متعلق سهي ۽ تز ڳالهه عوام تائين پهچائجي.

دنيا جي تاريخ ۾ نوان شهر ٺهڻ ۽ ڍهڻ جوسلسلو اوائلي دؤر کان جيئن جو تيئن جاري آهي. ڪي شهر قدرتي آفتن ته ڪي انساني حملن ۽ انساني سماج جي وحشي پٽي جو شڪار ٻڌجي تباهه ٿي وڃن ٿا ته ڪي نوان شهر اڏي انساني تهذيب ۽ تاريخ جي سفر کي اڳتي وڌي وڃن ٿا. چاڪاڻ ته شهر ئي تهذيبن جو مرڪز ٿين ٿا. جتي تهذيب واڌ ويجهه ڪري ٿي ۽ پنهنجو سفر جاري رکي ٿي. اهو ئي سبب اهي جو دنيا جي ست ارب آبادي‌ءَ مان 4 ارب آبادي شهري زندگي بسر ڪري رهي آهي. ڳوٺن ۾ سهولتن جي اڻاڻ سبب اڪثر آبادي شهرن ڏانهن روزگار، تعليم ۽ صحت جي سهولتن خاطر تيزي سان منتقل ٿي رهي آهي.

هن خطي ۾ جيڪا آبادي شهرن ۾ داخل ٿي آهي اها اڪثر ڪري ڏاري آبادي آهي. جيڪا گهٽو ڪري جنگي حالتن سبب لڏ پلاڻ ۽ ڏڪار ڪري هتي سفر ڪري پهتي آهي ۽ ڪجهه لڏپلاڻ سامراجي تسلط کي قائم ڪرڻ لاءِ جاڙي واڙي ڪرائي پئي وئي آهي. جنهن سبب خصوصاً سنڌ ۾ ڏاري آبادي‌ءَ جو ايترو ته دٻاءُ وڌي رهيو آهي جو سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويا آهن. جنهن ڪري جيڪا شهرن کي تهذيبي اڏاوت ڪرڻي هئي اها سامراجي سازشن جي ور چڙهي وئي. سنڌ جي شهرن ۾ ڏاريا واپار، صنعت ۽ گذرِ معاش تي قابض ٿي ويٺا ته ٻئي طرف سياست ۾ انهن پنهنجو چڱو خاصو اثر پيدا ڪري ورتو. نتيجي طور تي سنڌ جي معاشي، سياسي ۽ سماجي صورتحال ۾ زبردست تبديلي آئي آهي.

سنڌ کي تاريخي طور تي جيڪو سفر جاگيرداري سماج کان سرمائيداري سماج ۾ ڪرڻو هو اهو پنهنجو رخ تبديل ڪري ويو. نتيجي ۾ سنڌ جا صنعتي شهر ڏارين جي حوالي ٿي ويا. صنعت تي اهي ڌريون قابض ٿي ويون ۽ سنڌي سماج جاگيرداري سماج ۾ اڃان به وڌيڪ ڦاسي پيو. جيتوڻيڪ رياست جاگيرداري سماج کي پنهنجي جيائپي جو اصل سبب سمجهي ٿي. ان ڪري سنڌ جيستائين جاگيردارن وٽ يرغمال هوندي تيستائين ان کي غلام رکڻ وڌيڪ آسان ۽ سؤلو ٿي پوندو. هڪ طرف صنعتي شهر ڏارين جي قبضي ۾ آهن ته ٻئي طرف جاگيرداري پنهنجي پيائڪ شڪل اختيار ڪري رهي آهي. انهن حالتن ۾ نون شهرن اڏڻ جو منصوبو سامراجي سازشن جو هڪ حصو آهي.

عالمي قوتن جا مفاد ۽ تضاد:

جيستائين سويت يونين هئي اوستائين دنيا جي طاقت جو توازن برقرار هو. مظلوم قومن ۾ طبقن جو سڀ کان وڏو سهارو سويت يونين هو. جيڪو سڌي اڀ سڌي طرح سان مظلوم قومن ۽ طبقن کي مدد ڏئي رهيو هو. 1991ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ طاقت جو مرڪز آمريڪا ئي بڻجي ويو ۽ باقي دنيا جي مختلف خطن ۾ هلندڙ سامراج مخالف تحريڪون ۽ بغاوتون ماڻار جون شڪار ٿي ويون. اهو ئي ڪارڻ هو جو سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ اشتراڪيت جي راهه تي گامزن چائنا پنهنجون پاليسيون تبديل ڪري سرمائيداري طرف جهڪاءُ پيدا ڪيو. جيڪو چائنا مائوزيتنگ ۽ چو .اين.لاءِ ڌاهڻ پئي گهريو اهو چائنا هڪ ماضيءَ جو خواب بڻجي ويو ۽ طاقت جي ڊوڙ ۾ سرمائيدارين سان وڃي ڪلهو هنيو. اڄ چائنا جا آمريڪا سان تضاد تہ آهن پر اهي تضاد بہ دنيا جي خطن تي قبضا ڪرڻ ۽ معيشت جي بازار ۾ ڏاڪو جمائڻ لاءِ آهن. چائنا ٽريڊ وار (Trade War) ۾ ايترو تہ اڳتي وڌي ويو آهي جو آمريڪا جي معيشت خود ڏيوالي جو شڪار بڻجي ويئي آهي. چائنا پنهنجي سستي شين جي اگهن جي ڪري خود آمريڪا جي منڊيءَ ۾ وڏو واپاري بڻجي ويو آهي. ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن (World Trade Organization) ۾ شامل وڏا مانگر ملڪ، هڪ هٽيءَ جي ڊوڙ ۾ چائنا کان خوفزده آهن، جنهن ڪري يورپي يونين ۽ آمريڪا هڪ طرف تہ ٻئي طرف چائنا منڊيءَ ۾ سيني کان ڳورو آهي.

هن خطي ۾ معيشت ۽ سياست تي چائنا جو اثر رسوخ آهي. ڇاڪاڻ تہ هو خطي ۾ واپار جو مرڪز بڻجي ويو آهي، جنهن ڪري هي خطو تضاد جو بہ مرڪز بڻجي ويو آهي. ايشيا تائين واپار لاءِ چائنا کي بندرگاهه ڪپي، جنهن لاءِ پاڪستان جي ساحلي پٽي تي چائنا پنهنجو ڏاڪو قائم ڪرڻ گهري ٿو. پاڪستان جي 11_سئو ڪلوميٽر ساحلي پٽي تي ڪراچي اهم ۽ واحد مرڪز آهي، جنهن تي بہ آمريڪا جو زبردست ضابطو آهي. جنهن ڪري چائنا گوادر پورٽ ڌاهڻ گهريو پئي پر مستقبل جي خطرن سبب آمريڪا عموماً ۽ خصوصاً بلوچن جي دوراندیشي ڪري گوادر پورٽ پايہ تڪميل تي پهچي نہ سگهيو. ان لاءِ ئي چائنا، شانزن شهر جي طرز تي ذوالفقار آباد اڏڻ چاهي ٿو. شانزن شهر جي آبادي پهريائين 4 هزار هئي جيڪا هاڻي هڪ ڪروڙ جي آبادیءَ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جتي هاڻي چار وڏا پورٽ بہ ٺهي چڪا آهن. ان پسمنظر کي سامهون رکندي چائنا هتان جي ملٽري سرمائيدار قوتن سان ناهه جوڙ ڪري ذوالفقار آباد اڏڻ لاءِ مڪمل طور تي تياري ڪري چڪي آهي، جنهن لاءِ سِول حڪومتن کي مُهري طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي.

ترقيءَ جو سراب:

چيو پيو وڃي تہ ذوالفقار آباد رٿا مڪمل ٿيڻ سان سنڌ ۾ ڪير جون ندیون وهندیون، ان شهر ۾ 22 هزار ڪارخانا قائم ڪيا ويندا. 2 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي ويندي، اسڪول، اسپتالون قائم ڪري سنڌ کي ترقي جي اعليٰ منزلن تي پهچايو ويندو ۽ جيڪا زمين سمنڊ ڦڙڪائي رهيو آهي ان کي بہ روڪيو ويندو. اهڙي قسم جي پروپيگنڊا لاءِ پ پ کي عمل جي ميدان ۾ لاٿو ويو آهي، جنهن جي اڳواڻي پ پ پ اڳواڻ تاج حيدر ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ پهرين مرحلي ۾ مهم هلائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ سول سوسائٽي جي ماڻهن سان ملاقات ڪري، انهن کي اعتماد ۾

وڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کان بعد ۾ 29-جون 2012ع تي تاج حيدر اسيمبلي ميمبرن کي گهرائي، اعتماد ۾ وڻڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ به ڏسجي ٿو ته 169 ميمبرن جي ايوان مان صرف 17- ميمبر ۽ باقي ميمبر شريڪ ئي نه ٿيا. جنهن ۾ به چيو پئي ويو ته اسان سنڌ جي خوشحالي چاهيون ٿا پر سنڌ جا قومپرست ترقي مخالف آهن ۽ هي ترقي نٿا چاهين. اهڙي قسم جا مختلف الزام هڻڻ پٽيان ڪهڙا سبب ۽ محرڪ آهن اچو ته انهن جو مختصر جائزو وٺون ته تاريخ جي رڪارڊ جي درستگي ٿي سگهي.

پهريون الزام اهو هنيو پيو وڃي ته قومپرست ترقي مخالف آهن. جڏهن گوادر پورٽ جي اڏاوت شروع پئي ڪئي ويئي ته ان وقت بلوچستان تمام گهٽا خدشا ڏيکاريا ته اسان اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا سين ۽ سيني ڏنو پئي ته گوادر پورٽ جي زمين جي وڪري جا اشتهار چائنا، آمريڪا، يورپي يونين ۽ عربن جي اخبار ۾ ڏڙا ڏڙ شايع ٿي رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي زمين جو ملهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

بلوچن خطرو محسوس ڪيو ۽ ان عمل خلاف زبردست مزاحمت ڪئي ته مشرف سرڪار چوڻ لڳي ته "بلوچ سردار بلوچستان جي ترقي نه ٿا چاهين اهي ترقيءَ جا وڌا دشمن آهن." پر جڏهن بلوچن مزاحمت جي ذريعي ان منصوبي کي وڌڻ نه ڏنو ته اڄ ساڳي منصوبي جي پايا تڪميل لاءِ سنڌ جي قومپرستن خلاف واويلا ڪئي پئي وڃي. سنڌ جا قومپرست جيڪڏهن ترقيءَ جا مخالف آهن ته پ.پ.پ سرڪار ٻڌائي ته ان سنڌ ۾ چار پيرا اقتدار ۾ رهڻ دوران ڪهڙا ترقيءَ جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن جو سنڌ جي تعليم، صحت، سماجي ترقي مڪمل طور تي تباهه حال ۾ آهي. سنڌ جا 49-هزار اسڪول مان 10-هزار اسڪول بند پيا آهن. باقي اسڪولن جي حالت به ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. هڪ لک ويهه هزار ٻوٽن مان 18-هزار ٻوٽن کي صرف ڳئس ملي آهي. جڏهن ته پنجاب جا سمورا وڏا صنعتي شهر ۽ علاقا سنڌ جي گئس ٻاري رهيا آهن. سنڌو درياهه تي پنجاب جي بالادستي هئڻ خلاف پ.پ.پ سرڪار سنڌ کي ڇا وٺي ڏنو آهي جو پاشا ڊيم سميت ڊيمن لاءِ بجيٽ رکي پئي وڃي. اقتدار کان ٻاهر رهندي ٽل ڪئنال جو اڳواڻ قائم علي شاهه صاحب اڄ ٻڌائي ته ٽل ڪئنال تارو تار وهي پيو ان لاءِ انهن جو ڪردار ڇا آهي؟ سنڌ جا ڪربين روپين جا معدني ۽ قدرتي وسيلن جي پيل ۾ پ.پ.پ سرڪار ڇا پئي ڪيو آهي. هن وقت تائين!؟ سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي روزگار ۽ تعليم تي بندش خلاف ٻڪ ٻاهر نه ڪيندڙ ڏريون چون ٿيون ته قومپرست ترقيءَ جا مخالف آهن؟ ان جي معنيٰ ته عالمي قوتن ۽ ملٽري سرڪار جي وانگار وهڻ لاءِ قومپرستن خلاف پروپيگنڊا ڪري، هن سنڌ دشمن رٿا کي پايه تڪميل تي پهچائڻ جي پ.پ.پ سرڪار ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي.

تاج حيدر چواڻي ته سنڌي اقليت ۾ تبديل نه ٿيندا چاکاڻ ته سنڌي ماڻهو ٻار گهٽا پيدا ڪري رهيا آهن. مجيوسين ته سنڌي ماڻهو ٻار گهٽا پيدا ڪري رهيا آهن پر سنڌ ۾ جيڪا آبادي آهي اها سنڌي ماڻهن جي پيدا ڪيل ته نه آهي، اهي ته روز ريلن ۽ ڪوچن وسيلي هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۾ اچن ٿا، انهن کي روڪڻ بجاءِ پ.پ.پ سرڪار انهن جي لاءِ 1973ع جي آئين ۾ دروازا کولي ڇڏيا آهن. جڏهن ته باقي به ڏارين جي لاءِ ڪابه قانون سازي نه لکت ۾ آهي نه عمل ۾. نتيجي طور تي سنڌي ماڻهو فلسطينن وانگر پنهنجي سرزمين تي وائڙائپ، ننڍڪائپ جي زندگي گذاري رهيو آهي. انهن لاءِ ڪو مستقل روزگار ۽ ترقيءَ جو ڪو رستو کولڻ بجاءِ پروپيگنڊا جي ذريعي ماڻهن جي

ڏهنن کي مسخ ڪرڻ ڪنهن گهري سازش جو حصو آهي. جنهن کان پليءَ پت واقفيت رکون ٿا.

ٽيون اهو چيو ٿو وڃي تہ سمنڊ سنڌ جي زمين ڳڙڪائي رهيو آهي، ان کي روڪڻ لاءِ 230 ڪلوميٽر پٽ Dyke اڏي ري ڪليم ڪئي ويندي. ديوار قائم ڪري، سنڌ کي تباهيءَ کان بچايو ويندو. ياد رکڻ کپي تہ هن وقت تائين سمنڊ سنڌ جي 24 لک ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. روزانہ 32_ايڪڙ زمين سمنڊ جي ور چڙهي رهي آهي. ان لاءِ "اُٽ تڏهن ٽي رڙيا، جڏهن ٻوريا ٽي سبيا." وانگر سنڌي ماڻهن شروعات کان وٺي دانهون پئي ڪيون آهن تہ سمنڊ ۾ پاڻي جو مقرر مقدار داخل ڪيو وڃي ۽ سنڌو درياتي ڊيم ۽ ڪٽنال نہ اڏيا وڃن پر پنجاب جي بالادستي سبب ڊيم ۽ ڪٽنال ۾ پاڻي ڇڏڻ، ۽ 1960ع ۾ پنجاب جا 3_ درياوڪرو ڪري هندستان کي ڏيڻ سبب سنڌو درياسڪي ٽيٽ ٽي ويو آهي. ان لاءِ جڏهن بہ سنڌي ماڻهن آواز بلند پئي ڪيو آهي تڏهن انهن کي الزام تراشي ڪري چپ رهڻ جا سبق پئي ڏنا ويا آهن. هاڻي سرڪاري سطح تي اعتراف ڪرڻ ڪانپوءِ ان جو ازالو ڪرڻ بجاءِ اهو چوڻ تہ ذوالفقار آباد ٺهڻ کان پوءِ اهو مسئلو حل ٿي ويندو. اهو سراسر سنڌي ماڻهن کي سراب ڏيکارڻ برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ ان سان 10_لک ايڪڙ زمين ري ڪليم ڪرڻ سان 300_ڪرب روپين جي ضرورت پيش ايندي. جڏهن تہ سنڌ جي موجوده بجيٽ 5_ڪرب مشڪل سان آهي تہ سنڌ جي 50_ سالن جي بجيٽ بہ وڌ ۾ وڌ 300_ ڪرب ٿيندي.

هن سڄي صورتحال ۾ عالمي ۽ علاقائي قوتن جي گڏيل مفادن سبب سنڌ ۾ ڊيموگرافيڪل تبديلي ۽ جاگرافيڪل ورهاڱي جا امڪان وڌيڪ واضح ۽ ڇٽا ٽي سامهون آيا آهن. جنهن کان سنڌ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سمورن سنڌ دوست ڌرين کي گڏيل لائحہ عمل طئہ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

ڪارل مارڪس چواٽي تہ "جڏهن ماڻهو اهڙن خيالن جي ڳالهہ ڪن جيڪي سماج ۾ انقلاب آڻين تڏهن اهي ٻيو ڪجهہ بہ نہ پر ان حقيقت جو اظهار ڪن ٿا تہ پراڻي سماج اندر هڪ نئين سماج جا عنصر پيدا ٿي چڪا آهن. ان ڪري سنڌي سماج ۾ جيڪا خطري جي لهر پيدا ٿي آهي ان لهر ۾ سنڌي سماج کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ منظم انقلابي پارٽي ۽ منظم مزاحمت جي اهميت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. ٻيو ذوالفقار آباد رٽا جي تڪميل لاءِ پ پ پ، پنهنجي اتحادين سان حصيدار آهي. ان ڪري اهي رٽا جي تڪميل لاءِ آخري حد تائين وڃي سگهن ٿا. ان سنڌ دشمن عمل خلاف عملي طور تي سنڌ جا قومپرست ئي ڪو بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ سنڌ جي وجود کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچائڻ جا ڪي ٻيا امڪان نظر نہ ٿا اچن.

سماج جي ترقيءَ ۾ تعليم جو ڪردار

سماج ۾ جيتري قدر فرد جي تعلق جو سوال آهي تہ فرد سماج لاءِ (Foundation Stone) جي حيثيت رکي ٿو. فرد گڏجي پنهنجي خاص مقصد لاءِ سماج کي جنم ڏين ٿا. سماج لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Socio مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ساٿي. فرد تنها زندگي جي سمورن ضرورتن کي پورو ڪري نہ ٿو سگهي. انهن ضرورتن جي پورائي لاءِ فرد سماج کي جنم ڏنو. معنيٰ تہ:

A group of people who join together for particular purpose""

يا ايئن ڪٽي چئجي تہ:

A particular community of people who share the same customs Law""

گڏجي رهڻ پر ڪنهن خاص مقصد لاءِ پر جيڪڏهن انهن جي گڏجي رهڻ جو ڪو مقصد ڪونهي تہ پوءِ اسان ان کي سماج نہ پر ماڻهن جو مجموعو (Crowd) چونداسين. انسان جڏهن ڪائنات ۾ قدم رکي ۽ آسپاس جي ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان جي زندگيءَ جون ضرورتون وڌڻ لڳيون تہ آهستي آهستي انسان هڪٻئي جي ويجهو اچڻ لڳو. گڏيل زندگي بسر ڪرڻ لڳو تہ انسان جو گڏجي رهڻ لازمي امر ٿي ويو تہ ان کي اسان سماج چئون ٿا.

اسان جنهن Community کي سماج چئون ٿا، ان سماج جي ترقيءَ ۾ جيترو تعليم جو حصو آهي اوترو شايد ٻئي ڪنهن شعبي جو مشڪل هجي. سڀ کان اول اهو ٻہ سمجهڻ گهرجي تہ ترقي خود آهي ڇا؟ ترقي آهي " Work on progress" يعني جتي توهان ٻيڻا آهيو ان کان ٻہ قدم اڳتي وڌڻ، بهتر کان بهتر ترين ڏانهن وک وڌائڻ کي اسان ترقيءَ جو نالو ڏيون ٿا. ان ترقيءَ جا پير تعليم آهي. جيڪڏهن تعليم جي اهميت ۽ افاديت لنوائي چڏيون تہ سماج جي ارتقا جي رفتار سست ٿي ويندي. چاڪاڻ تہ تعليم انسان کي شعور ڏيئي ٿي، زندگي، فطرت ۽ سماج کي سمجهڻ لاءِ پر اسان جڏهن لفظ ايجوڪيشن کي ڏسون ٿا تہ ان جي معنيٰ ٻيهي ٿي ٻاهر ڪڍڻ (Draw out) يعني ٻارن جي اندر جيڪي خوبيون ۽ صلاحيتون موجود آهن انهن کي ٻاهر ڪڍي حقيقت جو جامو پهرائڻ، لڪل خوبين کي نروار ڪرڻ نہ صرف اهي پر ٻار (فرد) کي زندگي گذارڻ جو ڍنگ ڏسڻ تعليم جو بنيادي مقصد ٻيهي ٿو.

Aristole چواڻي تہ :

"Education is the preparation of body and soul of life"

(تعليم جسم ۽ روح کي سنوت ۾ آڻڻ آهي) نہ صرف اهو پر تعليم جو مقصد فرد جي ذهني، جسماني ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ آهي. تعليم جو ڪم محض معلومات فراهم ڪرڻ نہ آهي پر مڪمل طور تي زندگي لاءِ ذهن ۽ جسم جي افزائش ۽ فطرت جي اخلاقي تربيت ڪرڻ آهي. ڪنهن ڏاهي جي چواڻي مطابق "تعليم جو مقصد رڳو جاڻ ڏيڻ نہ پر سماج مان جهالت ختم ڪرڻ آهي."

جهالت ان ڪري موجود آهي جو تعليم موجود ڪونهي. ايئن ڪٽي چئجي تہ اوندهہ جو وجود روشني جي غير

موجودگيءَ سبب آهي. تعليم ڏيئي مثل آهي. جتي به اونداهي ۾ انساني پؤ محسوس ڪري ٿو. اوندهه ڏپ جو سبب بڻجي ٿي، اتي تعليم انسان لاءِ آڌت جو ذريعو بڻجي اچي ٿي. اونداهي سماج ۾ هڪ تعليم اها آهي جيڪا انسان ۾ين کان حاصل ڪري ٿو ۽ ٻي تعليم اها آهي جيڪا انسان خود پنهنجو پاڻ کي ڏيئي ٿو. ٻنهي حالتن ۾ انسان پاڻ کي پرسڪون ۽ ڪارگر محسوس ڪري ٿو.

اوائلي دؤر جي انسان جڏهن شعور جي اک کولي ته هن فطرت جي رازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، اها ئي سوچ جي ارتقا جي سفر ۾ لاپائتي ثابت ٿي، جنهن ۾ انسان پنهنجي جياپي کان سواءِ ۾ين معاملن ۽ زندگي توڙي فطرت جي ڳجهه کي سمجهڻ لاءِ اڳتي آيو. ان دؤر کان اڄ جي جديد دؤر تائين انسان جي تعليم حاصل ڪرڻ جا مکيه ذريعا هي رهيا آهن:

i. مذهب ii. سائنس ۽ iii. فلسفو

انسان پنهنجي وس آهر نه صرف معاملن کي سمجهڻ شروع ڪيو پر ارتقا جي ڏاکڻ تي به چڙهڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي انسان فطرت سان ويڙهه ڪندي پنهنجي زندگيءَ جي بقا واري ويڙهه ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪائنات جي ڳجهن ۾ هٿ وڌا. جيتوڻيڪ مذهب انسان جي خوف ۽ بي سمجهيءَ سبب وجود ۾ آيا پر وقتي طور تي انسان جي اندر ۾ پيدا ٿيل بيچينيءَ کي اطمينان ۾ رکڻ ۾ ڪامياب هٿيار طور تي استعمال ٿيو ۽ اڳتي هلي مذهب انسان جي ذهني پرورش ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ جڏهن ته سائنس انسان جي وهمن جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ زندگيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ انساني زندگيءَ کي آرامده بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. فلسفي وري ڪائنات جي مسئلن جي سمجهاڻي صاف ۽ تز ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. فلسفي مبهم مسئلن جو منطقي انداز ۾ مطالعو ڪيو. سُڌَ جيان منجهيل سوالن حل ڪرڻ بجاءِ مذهب عقيدت جي دنيا ۾ ئي انسان کي ڦاسائي ڇڏيو. سائنس موجوده Matter تي غور ويچار ڪيو ۽ فلسفي سمورن شين جو گڏيل نموني شعور جي اک سان انسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سيکاريو. اهي ٽئي علم انسان جي لاءِ هر دؤر ۾ رهنما ثابت ٿيا آهن.

انهن ٽنهي علمن حاصل ڪرڻ جا ذريعا هڪ رسمي آهن ۽ ٻيا غير رسمي. رسمي تعليم اسان ڪنهن مخصوص ٿيل اداري ۽ طئہ شده نصاب ذريعي حاصل ڪريون ٿا ۽ غير رسمي تعليم اسان مٿين لوازمات کان ٻاهران پرايون ٿا. غير رسمي تعليم جو ڊگهو تاريخي پسمنظر آهي ۽ رسمي تعليم جو پسمنظر چند صديون پُنٺي ملي ٿو. اسان رڳو جيڪڏهن سنڌ تي نظر وجهنداسين ته سنڌ جا ڪيترائي عظيم ڏاها غير رسمي تعليم حاصل ڪرڻ باوجود به علم و ادب جي افق تي اڄ تائين جڳ مڳائيندا رهن ٿا. انهن ۾ شاهه لطيف، شاهه عنايت شهيد، جي ايم سيد، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي سميت ڪيترائي ڏاها انساني تاريخ جا روح روان آهن، جيڪي محدود وسيلن هوندي به سماج جي اڏاوت ۾ مثالي ڪردار ادا ڪري ويا. پر اڄ وقت جي نزاڪت کي سامهون رکندي رسمي تعليم ئي جديد دنيا پنهنجي مستقبل جي جوڙجڪ ڪري ٿي.

چيني قول آهي ته "هڪ سال جي منصوبابنديءَ لاءِ اناج پوکيو ڏهن سالن جي منصوبابندي سان باغ لڳايو ۽ سؤ سالن جي منصوبابندي لاءِ پنهنجا ايندڙ نسل پڙهايو." اهو ئي سبب آهي جو چيني قوم پنهنجي اڏاوت صدين جي تعليمي منصوبابندي تي عمل ڪري سڄي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها قوم جيڪا 1949ع جي انقلاب

ڪان اڳ آفيم ۾ ويهي نہ سگهڻ سبب سمهي استعمال ڪندي هئي. اڄ اهي دنيا جي سموري اقتصاديات تي ڏاڪو جمايون وينا آهن. اڄ چين ۾ 86 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ماڻهو تعليم يافتہ آهن ۽ دنيا ۾ گهٽي ڪان گهٽا اقتصاديات جا ماهر چين جا آهن. چين پرائمري تعليم کي بنيادي حيثيت سمجهي، دنيا ۾ گهٽي ڪان گهٽا پرائمري اسڪول قائم ڪري، پنهنجي قسمت کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

بي مهاڀاري (1939_1945ع) جنگ ۾ جنهن قوم جو حد ڪان وڌيڪ نقصان ٿيو اها جپاني قوم هئي. جنهن جا اهم شهر هيروشيما ۽ ناگاساڪي اڪ ڇنڇ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويا. جپان مڪمل طور تي تباهيءَ جي ڪناري تي پهتو پر جپاني پنهنجي ٽيل نقصان تي ماتم ڪرڻ بجاءِ، حوصلو هاري ويهڻ ڪان پنهنجي ملڪ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ جنبي ويا. دنيا جڏهن جپانين ڏانهن امداد موڪلي رهي هئي تہ انهن دنيا کي چيو تہ "اسان کي خيرات تي نہ هيرايو. جيڪڏهن توهان جي اسان سان واقعي ۾ همدردي آهي تہ اسان کي سٺا استاد ڏيو جيڪي اسان جي ايندڙ نسلن کي پڙهائين." هنن صحت ۽ تعليم جي شعبن کي سڌاريو ۽ ڏسندي ڏسندي هو پنهنجي پيرن تي بيهي ويا. ڇاڪاڻ تہ هنن کي خبر هئي تہ تعليم ڪان سواءِ ڪنهن ۾ قوم جي خوشحاليءَ جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. اڄ جپان دنيا جي خوشحال ملڪن ۾ صفِ اول تي آهي.

1980ع ۾ ملائيشيا ۾ مهاتير محمد جي اچڻ ڪانپوءِ ملائيشيا پنهجي خوشحاليءَ جو راز تعليم ۾ پروڙي تعليمي ادارن ۾ سڌارا پيدا ڪيا. جيستائين تعليم بهتر نہ هوندي تہ واپار، صنعت، ڪلچر، سياست، ادب، سماج ۽ زندگيءَ جي مڙني شعبن ۾ ترقي محال نظر اچي ٿي ۽ اڄ ملائيشيا پنهنجي محدود وسيلن هوندي ۾ پاڻ پرو ٿي گلوبلائيزيشن ۾ داخل ٿي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي.

ڪراچي جي علاقن لالو ڪيت ۽ ناظم آباد جيتري ملڪ سنگاپور جي بجيٽ پاڪستان جي بجيٽ جي برابر آهي. ان جو بنيادي سبب ۾ تعليم جي شعبي ۾ سنگاپور جو پاڻيرو هئڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپور ۾ 92 سيڪڙو تعليمي شرح آهي. سائوٿ ڪوريا تعليم جي شعبي ۾ 1950ع ۾ پرائمري تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ پهريون ڪوششون ورتيون. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ نجي ادارا قائم ڪيا. 1970ع جي ڏهاڪي ۾ انجنيئرنگ تي صلاحيتون استعمال ڪيون. 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ تحقيق تي پنهنجي ملڪي توانايون استعمال ڪري پاڻ کي ترقي يافتہ ملڪن جي صف ۾ بيهاريو آهي.

پر اسان جيڪڏهن پاڪستان جي حالتن جو غور ڪنداسين تہ اسان کي تعليمي ڏس ۾ خاص ڪري مايوسي پلئہ پوندي. هن وقت پاڪستان جي تعليمي شرح 36 سيڪڙو ڪان ۾ گهٽ بيٺي آهي. ڇاڪاڻ تہ ملڪ ٺهڻ ڪان وٺي هن وقت تائين تعليم تي ڏيان ڏيڻ فضول پئي سمجهيو ويو آهي. قومن جي عالمي اداري (U.N.O) جي چارٽر مطابق تعليم تي ملڪي بجيٽ جو 4.5 سيڪڙو خرچ ڪرڻ لازمي آهي. پر اسان وٽ ان جي ابتڙ 2.4 سيڪڙو خرچ ڪيو پيو ويجي. جنهن سبب پاڪستان دنيا جي 206 ملڪن مان انهن 20 بدنصيب ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جي تعليمي شرح گهٽ ڪان گهٽ آهي. تعليم ۽ صحت تي خرچ ڪرڻ بجاءِ بچاءِ جي شعبي تي 73 سيڪڙو خرچ ڪرڻ سبب پاڪستان جا 8 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير ڪان ۾ هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن ۽ 18 سالن ڪان گهٽ عمرجا ڏيڍ ڪروڙ ٻار تعليم ۽ صحت جي سهولتن ڪان محروم آهن. وڏي ڳالهہ تہ غربت جي شرح 20 سيڪڙو ڪان

وڌيڪ 46 سيڪڙو تي پهچي چڪي آهي. انهيءَ غربت سبب پنجن کان نَون سالن جي عمر جا 80 لکن کان وڌيڪ ٻارَ اسڪول وڃي نٿا سگهن. ملڪ کي جيڪڏهن تعليم کان ايجان بہ محروم رکيو ويو تہ عين ممڪن آهي تہ اسان ايجان وڌيڪ تباهيءَ جو شڪار ٿيون. تعليم کي جيڪڏهن اسان ترجيحات ۾ نہ رکيو تہ دنيا جي موجوده چئلينجن کي خاص طور تي گلوبلائيزيشن جي راکاس کي اسان توهان منهن ڏئي سگهون. اهو مشڪل نہ پر ناممڪن نظر اچي ٿو.

سنڌو درياءَ تاريخ جي آئيني ۾

سنڌو تي نالو ۽ ان جي معنيٰ:

جيالاجي جي ٽئين زماني ۾ Tertiary age سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو وڏو حصو ٽيٿيا نالي سمنڊ هو. هڪ اهڙو دور آيو جو هماليہ جبل ۾ اهڙا خطرناڪ زلزلا ٿيا جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي ڏيهان ڏور ٿي ويو. وقت بوقت تيز طوفان لڳڻ سبب واري پکڙجندي رهي. مينهن سبب واري وهندي رهي. زمين جا حصا وڏا ٿيندا رهيا. پاڻي ٺهڻ سبب جيڪو زمين جو وڏو حصو مٿي اپري آيو. اهو "سنڌ" جي نالي سان اڄي هلي تاريخ ۾ رقم ٿيو. زميني ۽ ساموندي تبديلين سبب سنڌ جو وجود ۾ اچڻ تاريخ جو وڏو اتفاق هو. سنڌ نالو سنڌو درياء جي ڪري پيو آهي. سنڌو ندي رواجي ندين کان تمام گهڻو وڏي هوندي هئي. سمنڊ جيان ڏيک پيئي ڏيندي هئي. سنسڪرت ۾ سنڌو جي معنيٰ "وڏو سمنڊ" آهي. سنڌو لفظ اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو شبد آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وهڻ. انهيءَ پسمنظر ۾ سنڌوءَ جي بنيادي معنيٰ آهي اها ندي جيڪا سدائين وهندي رهي. سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس هتي آيا انهن ۾ هن ماڻريءَ ۾ رهندڙن کي سنڌو (هندو) اُچار ڪيرائي انڊس (Indus) ڪيائون انڊو انڊوئي (Indoi) ۽ ندي کي سڏيائون انڊس (Indus) ۽ پوءِ سڏيائون انڊوڪوس ۽ بعد ۾ لاطيني ٻولي ڳالهائيندڙن انڊوس جو اچار ڪيرائي ڪيو "انڊس" ۽ هندستان کي "انڊيا" سڏيائون.

سنڌوءَ جا مختلف نالا:

ٽبيٽ ۾ هي ندي سنگي ڪباب يعني شينهن ندي جي نالي سان مشهور آهي. پاڪستان ۾ مهراڻ ۽ سنڌو ندي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پارسين جي زند اوستا ۽ ٻين ڏرمي پستڪن ۾ سنڌوءَ لاءِ "وهـ" لفظ جو هاڻوڪو پارسي اچار "ٻهـ" معنيٰ ڇڳو ڪتب آندل آهي. قديم ايراني لوڪ "مهراڻ" "مهرا" اچاريندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ايراني لوڪ "ڻ" جو لفظ اچاريندا ئي ڪونہ آهن. قراقرم ۽ هماليہ جي وچ واري حصي کي جتي وهڪرو سوڙهو ۽ اونهو هوندو آهي. اتي پورو درياء سڏيو ويندو آهي. جبل مان نڪرڻ کان پهرين هن سان ڪيترائي وهڪرا اچي ملندا آهن. تنهن ڪري اتان جا ماڻهو هن کي "اباين" يعني ندين جو پيءُ ڪوٺيندا آهن. چوڙ وارا ماڻهو هن کي مني پاڻي جو سمنڊ سڏيندا آهن.

سنڌو جي شروعات ۽ پڄاڻي:

سنڌو ندي جي شروعات متعلق مختلف ماهرن جا مختلف رايا آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌو دريا مانسرور ڍنڍ مان نڪري ڪشمير مان وهندو سنڌ جي ڏکڻ ڪناري تائين 1700 ميل سفر ڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. حقيقت ۾ سنڌو ندي جي شروعات مانسرور ڍنڍ کان ٽيهہ ميل پري سنگي ڪباب جي برفاني ڏارا مان ٿئي ٿي. مانسرور ڍنڍ نيپال جي اولهہ واري ڪنڊ جي اتر ۾ تبت جي سرحدن ۾ آهي، اهو علائقو تبت جو ڏکڻ آهي. اتي ڪئلاش پربت

واقع آهي. جنهن جي اوچائي 6714 ميٽر يا 22028 فٽ آهي. ڪٽلاش جبل جو رنگ گهرو واڱڻائي آهي، پر اهو ڪارو ڏسجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ان کي ڪٽلاش يا ڪالاش سڏين ٿا. ڪٽلاش جبل جي 15000 فوٽ اوچي ماٿري ۾ ٻه وڏيون ڍنڍيون آهن هڪ مانسرور ۽ ٻي راڪاس تال. سنگي ڪباب ٽٻيٽ ۾ آهي، جنهن جي معني آهي، "شينهن جو منهن" جنهنڪري اهو وڌيڪ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌو ندي ٽٻيٽ کان پنهنجو سفر شروع ڪري ٿي. ٽٻيٽ مان آبي ذريعي مان پاڻي ڪٽي ٻه سئو ميل هڪ ويڪري ۽ پٿريلي ماٿري مان ڏاڪي واري شڪل ۾ پارت ۾ لداخ وٽ پهاڙن کي چيري پنج سئو ميل وهڪرو ڪري پاڪستان جي سرحدن ۾ داخل ٿي پنجاب کي سرسبز ڪندي ڪشمور کان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي. پاڪستان ۾ سنڌو جي ڊيگهه هڪ هزار پنجاهه ميل آهي. هلندي هلندي عرب ساگر(سنڌي سمنڊ) کي پنهنجو پاڻ ارپي ٿي.

سنڌو ۾ ڇوڙ ڪندڙ درياواهه ۽ چشما:

سنڌو ٽٻيٽ کان ڏکڻ لهنوارو ٿي سمنڊ ڏانهن وهندو آهي، ٽٻيٽ کان تما واهه جي شڪل ۾ هوندو آهي. پر هلندي هلندي ڪيترائي چشما، ندين واهه ۽ مينهن جو پاڻي درياهه ۾ ملي سنڌو جي ڇاتي کي ويڪرو ۽ وسيع ڪن ٿا، اپرندي ڪناري کان چناب، راوي، بياس، ستلج ۽ جهلم درياهه سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. قديم دور ۾ گهگهر، جنهن کي هاڪڙو ۽ اڇلهه نقشن ۾ ان کي سرسوتي درياهه، جنهن کي وهند ۽ واهڙ ٻه چيو وڃي ٿو سو ٻه سنڌو ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هي درياهه هند ۽ سنڌ جي سرحد سمجهيو ويندو هو. جيڪو اڳتي هلي واريءَ ۾ زميني تبديلين سبب گم ٿي ويو. سنڌ جي اتر اولهه طرف کان وري ڪابل درياهه اٽڪ ۽ زوب (زاب) درياهه ديري اسماعيل خان وٽ سنڌوءَ ۾ اچي ڪرندا آهن.

سنڌو جي پاڻيءَ جو مقدار:

سنڌو طاس جي سيني درياهن جو گڏيل پاڻي 170 ملين ايڪڙ آهي، پاڪستان سرڪار پاران 1960ع ۾ سنڌو طاس معاهدو ڪري بياس، ستلج ۽ راوي جو 33 ملين ايم اي ايف ايڪڙ فوٽ هندستان کي وڪرو ڪري ڏنو ويو، جنهن سبب هاڻ سنڌو ۾ ڪل پاڻي 137 ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

سنڌو ۾ پاڻيءَ جو چاڑهه ۽ لاٿ:

سنڌو ۾ چاڑهه مارچ کان آهستي آهستي شروع ٿيندو آهي، سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ لهڻ لڳندو آهي. آگسٽ ۾ چاڑهه چوٽ تي هوندو آهي. هر طرح پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو آهي. سنڌو سمنڊ جيان ڏيک پيو ڏيندو آهي. پاڻيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار فيبروري ۾ ٿيندو آهي، سمورو سيارو سنڌوءَ ۾ پاڻي تري ۾ نظر ايندو آهي. سانوڻ ۾ چؤماسي جي برساتن ۽ گليشرن جي ڳرڻ سبب سنڌو پنهنجي مستيءَ ۾ اچي ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌو هُن مند ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي سيني درياهن کان وڏو نظر ايندو آهي.

سنڌو جا جاگرافيائي رخ:

جاگرافي توڙي جيالاجي جي ڏس ۾ سنڌ کي اوپر سنڌ ۽ اولهه سنڌ ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اوپر سنڌ سنڌو درياهه جي اوپر ورو حصو ۽ اولهه سنڌ وارو پاڻو سنڌو درياهه جي الهندي پاسي وارو علائقو آهي. جنهن جو کيرٿر جي اتاهين چوٽين جي حصي ۾ اچي ٿو ۽ ڪجهه حصي تي ندي وهي ٿي. هن ندييَ جا وري ٻي جاگرافي رخ آهن پهريون جابلو جيڪو ڪالاباغ تي ختم ٿئي ٿو ٻيو ميداني ۽ ريگستاني جيڪو ٺٽي جي لڳ ڀڳ ختم ٿئي ٿو ٽيون ٺٽي، بدين ۽ ڪراچي سامونڊ کان کارين تي ٻڌل کارين وارو علائقو آهي. سمنڊ کان ست ميل پري ۽ ٺٽي کان پنج ميل هيٺ سنڌو ٻن شاخن ساڄي طرف بگهاڙ ۽ کاٻي طرف ساتا (Sata) ۾ ورهائجي ٿو. ساتا جي موڪر هڪ هزار ڪن ٽيندي سمنڊ ۾ ڇوڙ مهل ستن شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. بگهياڙ ٻن واهڙن پٽي ۽ پيٽاڻي ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

سنڌوءَ جي پوڄا:

سنڌو جتي انساني زندگي جي جياپي جو ڪارڻ آهي، اتي روحانيت جو سبب ۽ ثابت ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهو سنڌو درياهه کي ان داتا سمجهن ٿا. جيڪڏهن سنڌوءَ جو پيٽ سڪي وڃي ته هوندي لکين بلڪ ڪروڙين انسانن جو جياپو ڪسجي وڃي. رگ ويدن ۾ به سنڌو کي ديوتا ڪري پوڄڻ جا آثار واضح نظر ۾ اچن ٿا. هندو ته نريلن، گنگا ۽ ڪرشنا جيان سنڌوءَ جي پوڄا ڪندا آهن. مسلمانن ۾ خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ گناهه ڪبيره مثل آهي، پر تنهن باوجود به مسلمان سارين جي ٻيجي سان پريل ڏيڻ ٻڌي سنڌوءَ کي ارپيندا آهن ته جيئن سنڌو موج ۾ اچي ۽ سڪار پيدا ٿئي. مهاڻا سنڌو کي سلامي ڏيڻ لاءِ پنهنجي بتيلي ۾ سنڌوءَ جو پاڻي هاري رسم ادا ڪندا آهن. عورتون پنهنجي ورن جي واپسيءَ لاءِ ڏيئا موهڻ ۽ جر کي جاڻون ڏيئي اڇڻ جا سانگ سجائيندڙيون آهن، جنهن جو عڪس پٽاڻي جي هنن سِٽن ۾ پَسي سگهجي ٿو:

جا جَرَ جاڻون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون،

*

اُييون تڙ پوڄين، وَهُون وڻجارن جون،
جر ٿر ڏيا ڏي، وڻن ڻڻ ٻڌي وائڙيون،
جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ پوڄارا پوڄئا.

سنڌو سبب سنڌ جي تباهي ۽ سنڌ تي حملا:

سنڌو جتي سنڌ جي تهذيب ۽ ترقيءَ جو رکوالو ثابت ٿيو آهي، اتي سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ به بڻيو آهي. موهن جي دڙي کان وٺي سنڌ جون سموريون تهذيبون سنڌوءَ جو رخ تبديل ٿيڻ سبب پنهنجو شاندار وجود وڃائي ويٺيون آهن. آرين جي حملي کانپوءِ اٽڪل هڪ هزار سال کن پوءِ ايران جي حڪمران سائرس اوپرندي ڏانهن

پنهنجي حڪومت وڌائي اچي هندوڪش سان دنگ ڪيو هو. سنڌو ماڻريءَ جي وچ واري حصي کان فتح ڪري پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو آهي. ايشيا جي وحشي ماڻهن اوپر ڏانهن وڌي سنڌو پار اڪري ۽ ان جي ٻنهي ڪنڊئين تي وسندڙن کي ڦريون لٽيو ۽ هزارين ماڻهن جا ڪنڌ ڪپيا، هندو راجائن ۽ هن درياهه جي ڪنار سان شڪار ڪيا. ٻڌ ڀڪشوئن ۽ گروئن هن جي ڪنڊين تي مٺ، مڙهيون ۽ استوپا اڏيا. مقدونيا جي سڪندر ۽ پنهنجي گهل سان سنڌو پار ڪيو هو. عرب ۽ سنڌو ماڻريءَ تي ڏوڪي آيا. عوام کي لٽيو ڦريو. افغانستان جي جابلو قبائيلن ۽ سنڌو جي ڪنڊين ۽ ڪنارن کي تباهه ڪيو. مغل حڪمرانن دهلي ڏانهن وڏندي درياهه پار ڪيو. انگريزن پر ائٽلانٽڪ جي ٻيٽن تان هلي اچي سنڌو تائين پهتا ۽ پوري صدي عوام کي ڦريو ۽ ورهاڱي وقت ۽ ڪٽلن جو رت سنڌوءَ ۾ شامل ٿيو. انهن سيني ڳالهين هوندي ۽ سنڌو جي سونهن، تاريخ، تهذيب ۽ جياپو هن دريا سان وابستہ آهي ۽ خود سنڌي قوم جو وجود ۽ هن سان لاڳاپيل آهي، تنهن ڪري سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ سان هن تاريخي درياهه جو وجود خطري ۾ آهي. هن درياهه جي تباهه ٿيڻ سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جو وجود داءَ تي لڳل آهي، جنهنڪري درياءَ جو وجود بچائڻ هن وقت جو سڀ کان وڏو مسئلو ۽ سوال آهي جنهن لاءِ انتهائي سنجيدگي سان مستقبل کي نظر ۾ رکندي فيصلي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنڌو ماڻر تهذيب جو عظيم اهجاڻ
"مُهين جو دڙو"

بنيادي طور تي انسان وٽ اڪيلائي وري زندگي ترڪ ڪري اجتماعي زندگي بس ڪرڻ پڻيان ٿي مقصد هئا. هڪ فطرت ۽ جانورن کان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ، ٻيو هم جنس وارن سان جماعت ۾ رهڻ ۽ ٽيون انساني نسل جي بقا لاءِ ٻار جي پيدائش ۽ پرورش ڪرڻ. انهن ڪنهي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي سماج اڏڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اها ضرورت ئي هئي جو انسان هڪٻئي جي ويجهو آيو. تهذيب توڙي تمدن جو هن ڪره ارض تي بنياد وڌو ۽ انسان هڪ تهذيب يافته زندگيءَ جو آغاز ڪيو. هونئن ٻه جيڪڏهن اسان تمدن لفظ کي ڏسنداسين ته اهو عربي ٻوليءَ جو لفظ "مدينة" ۽ "مدن" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي شهر. تمدن جي معنيٰ آهي پاڻ کي شهري بنائڻ يا شهري زندگي گذارڻ. ان کي سنسڪرت ۾ "سپيتا" يعني جماعتي زندگي چيو ويجي ٿو. جيڪڏهن انسان شهري زندگي گذاري ٿو ته، تهذيب جا بنياد پون ٿا. تهذيب لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ وضاحت ڪندي چيو آهي ته، "تهذيب لفظ "هذب" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "سنوارڻ". تهذيب جي معنيٰ آهي شائستگي." جنهن لاءِ هيٺين ڳالهين جو هئڻ لازمي امر آهي.

گفتگو جو انداز

علم

هنر ۽ فن جي تربيت

اصول ۽ نظريا.

تهذيب انساني سماج جو معراج هوندي آهي. جتي انسان زندگي گذارڻ جا سيڻي هنر ڄاڻندو ۽ سکندو آهي، جتي انساني زندگي سڪلتا ڏانهن سفر ڪندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو برٽرينڊ رسل تهذيب جي تشريح ڪندي چيو آهي ته، "تهذيب مان مراد آهي، سائنس جو غلبو ۽ ترقي." جنهن جي وسيلي ماڻهو پنهنجي زندگي آرام ۽ خوشيءَ سان گذاري سگهي. تهذيب يافته سماج ۾ انسان جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي. پر جڏهن اها تهذيب افراتفريءَ جو شڪار ٿيندي آهي ته، اها پنهنجي موت پاڻ مري ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته تهذيب آزاديءَ ۾ سفر ڪري وڌندي ۽ ضابطن توڙي ترتيب ۾ جوان ٿيندي آهي. پر جڏهن سماج انتشار جو شڪر ٿيندو آهي ته تهذيب جو موت فطري هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته منتشر سماج ۾ تهذيب جي ارتقا سست ٿي ويندي آهي ۽ تهذيب جي زوال جو آغاز ٿي ويندو آهي. انساني تاريخ جي سڄي سفر ۾ ٽي وڏيون تهذيبون ڳڻيون وڃن ٿيون.

مصري تهذيب

سميري تهذيب

سنڌو ماڻر جي تهذيب

ٿنهي وڏين تهذيبن جي حوالي سان الڳ بحث ڪرڻ بجاءِ اسان صرف سنڌو ماڻر جي تهذيب تي بحث ڪنداسين ته آخرڪار هيڏي وڏي دنيا جي تهذيب تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪيئن پهتي؟ پر ان کان ۾ وڏو المياو اهو آهي ته، اسان هن تهذيب جي اڃان نالي جو تعين ۾ نه ڪري سگهيا آهيون.

ڏڙي جو نالو: سرڪاري ڪاتي وارا سمجهن ٿا ته موئن جو ڏڙو (Mound of Dead) نالو ئي درست آهي، هو چون ٿا ته "مئن جو ڏڙو" غلطي کان "مئن" بدران "موهن" لکيو ويو آهي، ان جو صحيح اچار مهين جو ڏڙو ۽ ڪي مُهن جو ڏڙو چون ٿا. پر ٻنهي جي معنيٰ آهي، مات ٽيلن جو ڏڙو. پيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته سنڌي ۾ ماهو معنيٰ "خون يا ڪوس"، ڪٽي لٽ لڳي ۽ ماڻهو مري پئي ته چوندا آهن، ماهو ٽيو. ماهو جو ڏاتو سنسڪرت لفظ مش معنيٰ کهڻ يا ناس ڪرڻ آهي. پراڪرت ۾ ان جو اُچار "مهه" ۽ سنڌي ۾ "مهو ـ ماهو". ان جو واحد ٽيندو "مهي ـ ماهي." جمع ٽيندو "مهن، ماهن پر مهين" ۽ چيو وڃي ٿو. انهيءَ پسمنظر ۾ ڏسبو ته مهن جو ڏڙو معنيٰ مات يا خون ٽيلن جو ڏڙو (Mound of the Killed) پر هتي هن انومان کي ان ڪري ۽ درست نه ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته هن شهر جي ٽيل ڏهه سيڪڙو کوٽائيءَ مان لاشن جو تعداد آڳرين تي ڳڻن جيترو مس وڃي ٻيهندو.

سراج چواڻي ته ڏڙي مان لڏل ٿي چار مهرون اهڙيون آهن جن جي پڙهڻي "ڪوٽ مون"، "ڪوٽ غل مون" ۽ "ڪوٽ مهن" لفظ لڳن ٿا. هن جي خيال مطابق ڏڙي جي پوئين دؤر ۾ يا ٻئي يا ٽئين تهه واري ڪنهن شهر کي ٽل مهن، يا ٽل مون سڏيندا هئا. جنهن کي سميرين ۾ دل مون (دلمون) سڏيو ٿو وڃي. ڪن تاريخدانن اهو ۽ ٻڌايو آهي ته، جڏهن آريا سنڌ ۾ اول آهي ته انهن ساموندي ڪناري سان سفر ڪندي سنڌو دريا جي ڇوڙ ڪان داخل ٿي، سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آباد ٽيڻ شروع ڪيو ۽ جنهن جاءِ تي آرين اول رهائش اختيار ڪئي، ان جاءِ کي Mohan Jo Daro نالو ڏنو ويو هو. موهن آرين قبيلي جي سربراهه جو نالو سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته ڏڙي (Daro) جو مطلب پٽڻ (Port) آهي. جنهن کي سنڌي ۾ موهن جو پٽڻ چئجي ٿو. اهو قبيلو ڪنهن طرح سان ان نالي سان اسان وٽ مروج نظر اچي ٿو. جنهن ڪري ان کي مهين جو ڏڙو سڏڻ بهتر سمجهيو وڃي ٿو. سر ٻئنرجي ان نالي کي انگريزيءَ ۾ (Mohain) يا (Mohen_Jo_Daro) لکيو هو. ڇاڪاڻ ته انگريزن جڏهن کوٽائي ڪرڻ يا ان کان اڳ جڏهن عام ماڻهن کان ڏڙي جي باري ۾ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن عام لوڪ انهن کي مهين معنيٰ سامهون (Infront) جو ڏڙو (Mound) ٻڌائيندا هئا. اڄ ۽ توهان ڪنهن عام ماڻهو کان پڇندا ته اهي، ان کي ان مهين جو ڏڙو ڪري سڏيندا آهن ۽ عام ماڻهو جڏهن ڏڙي تي گهمڻ ويندا آهن، ته اهي چوندا آهن ته، اسان مهين تي پيا ويون. اهوئي ڪارڻ آهي جو دنيا جا مڙيو ئي آرڪيالاجيءَ جا ماهر ان کي مهين جو ڏڙو ڪري لکن ٿا. ڇاڪاڻ ته جيستائين ڏڙي جي نالي جي حقيقت پڌري نه ٿي ٿئي، تيستائين لوڪ ڏاهپ (Folk Wisdom) کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. باقي هن کي مثلن جو ڏڙو سڏڻ تاريخ سان هٿ چراند آهي. ڇاڪاڻ ته هتي لاشن جو انگ ايترو مليو ئي ڪين آهي ته ان لفظ کي بگاڙي پيش ڪرڻ درست عمل نه ٿو چئي سگهجي. هونئن ۾ ڏسجي ته جيڪي ۾ قديم ڏڙا آهن اهي سڀ مثلن جا ڏڙا آهن جيئرن جا ڏڙا ٽيندا ئي ناهن ته رڳو هن کي مثلن جو ڏڙو چوڻ غير عقلي، غير سائنسي ڳالهه آهي.

مُهين ڪي آباد ڪندڙ:

هتان جا اصل رهاڪو ڪولرين يعني ڪولهي، مهاڻا ۽ گهٽ ذات وارا هئا. پر سائنسي بنيادن تي چون ٿا ته مهين جي ڏڙي جي هن عظيم شهر جي رڃابندي ڪندڙ دراوڙ هئا، جن دکن مان نڪري سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪلدانيا تائين بينڪون قائم ڪيون. ڏڙي مان لڏل ڏانچن جي مشابهت سمنڊ جي اوپر ڪنارن تي رهڻ وارن قديم ماڻهن سان ملي ٿي پر حقيقت ۾ دراوڙ اصل هتان جا ئي سنڌي هئا. سنڌي هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ آباد هئا. ممڪن آهي ته اهي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا هجن. ڇاڪاڻ ته هي اقتصادي طور تي شاهوڪار هئا. ان ڪري ڏور ڏيساورن سان واپاري ناتا ۽ شين جي متاستا جو بندوبست به ڪري سگهندا هئا. سنڌو ماڻر جا رهواسي صاف ستڙا، شاهوڪار، فلاحي ۽ منظم سماج جا مالڪ هئا. ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته هن شهر جي اڏاوت آرين ڪئي آهي. جيڪا ڳالهه درست نه ٿي چئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته آريا بنيادي طور تي ڳوٺاڻا ماڻهو هئا. جڏهن ته دڙي جا ماڻهو شهري ۽ تهذيب يافته هئا. انهن باقاعده رڃابندي ڪري شهر جي اڏاوت ڪئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن شهر جي اڏاوت ڪندڙ دراوڙ ئي آهن.

فصل، پوکون ۽ جانور:

هتان جا ماڻهو ڪيتريون ئي پوکون به ڪندا هئا. جنهن ڪري هن تهذيب يافته ماڻهن کي شهري زندگيءَ سان گڏوگڏ زرعي حوالي سان به ماهر سمجهيو وڃي ٿو. ربيع جي فصل جا ته آثار واضع نظر اچن ٿا. پوک اڪثر ڪري سيلابن تي ڪندا هئا. ڏڙي جي کوٽائي مان ڪڻڪ ۽ جَوَن جا داڻا به مليا آهن. جيڪي ربيع جا فصل آهن. خريف جي فصل ۾ ڪپهه جو فصل سڀ کان اهم ۽ دلچسپ آهي. ڪپهه ۽ ڪپهه مان ٺهيل سوتي ڪپڙي کي سوميري سنڌو يوناني سيندان ۽ مصري سندال ڪري سڏيندا هئا. ڏڙي جي کوٽائيءَ مان سوتي ڪپڙي جا ٽڪرا به مليا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو ڪپهه جهجهي انداز ۾ ڪندا هئا. هي علائقو گرم رهيو آهي. جنهن سبب ڏڙي جي هر گهر ۾ ڪوهه ملي ٿو. مرڪزي تلاءَ ڏنڊيون ڏورا به جهجهي انگ ۾ ملن ٿا. هتي پوکيءَ لاءِ جن اوزارن جا نشان مليا آهن، انهن مان ڏاڻو ۽ هَرُ اهم آهن. ڪوڏر ۽ کوٽڻ جي رنبي جهڙا اوزار به مليا آهن. هر ڪاهيندڙ ڏڳي جون تصويرون به مليون آهن. جڏهن ته مينهون، گيندا، چيتا، شينهن، ڏاڙها ۽ هاٿي وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. ٻلهڻ، ٻلهٽيون (Dolphins) ۽ واڳون درياءَ ۾ عام جام هوندا هئا. درياهن ۽ ڏنڊين ڏورن ۾ مڇي عام هئي. جنهن ڪري هتان جا رهواسي مڇي کائو (Fish Eater) به سڏيا ويندا آهن.

مذهب:

مذهب جي ڏس ۾ ڏڙي جي کوٽائي مان ڪنهن به حصي ۾ اڄ تائين ڪوئي مندر نه ڪوئي عبادتگاهه ۽ نه وري ڪو اهڙو دستاويز مليو آهي، جنهن جي بنياد تي اهو پڪ سان چئي سگهجي ته، اتان جي ماڻهن جو مذهبي عقيدو ڪهڙو هو؟ باقي اتان لڏل مجسمن، مهرن، پٽرن ۽ نقشن جي آڌار تي قياس آرايون ڪيون ويون آهن. ڪيترن ئي ديوين جا بت توڙي ماتا ديوي جا بت لڌا ويا آهن، جن کي ڌرتي ماتا يا ماتا ديوي جا بت سڏيو وڃي ٿو. هن خطي ۾ ماتا جو تصور (Matri Archal) اوائلي زماني کان ملي ٿو. هو سمجهندا هئا ته ڌرتي اسان جي جياپي ۽ بقا لاءِ مهربان ماءُ

وانگر ان ۾ جل ڏني ٿي. هن وقت هندو ان ديويءَ کي امبا درگا ۽ ٻين نالن سان سڏين ٿا.

دنيا جي ملڪن ۾ اڄ تائين وٽن ۽ ٻوٽن جي پوڄا به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٿيندي نظر اچي ٿي. جيئن عيسائي نال جي وڻ ڪرسمس ٽري، يهودي شجرالحيات ۽ هندو سوم کي مقدس سمجهي ان جي پوڄا ڪندا آهن. دڙي مان پڻ ڪيترين ئي مورتيون مليون آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته، اتان جا ماڻهو وڻ جي، خاص ڪري پيپر جي پوڄا ڪندا هئا. نر جي وٽن جا به آثار پوڄا واري حالت ۾ مليا آهن. هتي وٽن کي پوڄڻ جا ٻه طريقا مروج نظر اچن ٿا. هڪ وڻ کي سڌي طرح پوڄيو ويندو هو، ٻيو وري وٽن کي روحن ۽ ديوين / ديوتائن جي جاءِ سمجهندا هئا.

جانورن کان خوف سبب انسان جانورن جي به پوڄا ڪندا هئا اوائلي دؤر ۾ خد اجو تصور خوفناڪ جانور يا ديوتا وانگر هو. سنڌو ماڻر جا رهواسي ڏڳي، سانهه، چيتي، هاٿي، گينڊي ۽ واڳونءَ کي ديوتا سمجهندا هئا. ڪن لڌل ٿبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته، نانگ کي به ديوتا سمجهندا هئا پر مان سمجهان ٿو ته هن تهذيب جا رهواسي اڪثر ڪري پاڻيءَ جا پوڄاري (Water worshiper) رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته پاڻي انساني جياپي جو وڏو ڪارڻ رهيو آهي. پاڻيءَ جي پوڄا عالمگير مذهبي اعتقاد رهيو آهي. جيئن هندو گنگا، جمنا کي ديوين جي حيثيت ڏيندا آهن. سنڌو ماڻر جا رهواسي به پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر سمجهندا هئا. ان جو اندازو هن مان به لڳائي سگهجي ٿو ته، هتي هر گهر ۾ ڪوهه، غسل خانا، وهنجڻ جي جاين ۽ ٻين پاڻيءَ جي استعمال جي شين ۾ ڪيئن نه محتاط نموني ۽ احترام سان منصوبا بندي ڪئي ائٿون. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌو ماڻر جي رهواسين لئه قرآن ۾ ذڪر "اصحاب رس" جي نالي سان ذڪر سورة "فرقان" ۽ سورة "ق" ۾ عاد، ثمود ۽ ٻين قومن سان گڏ آيو آهي. "اصحاب رس" ان قبيلي يا ماڻهن لاءِ چيو ويو آهي، جن جو ڪوهه (يا ڪوهن) سان واسطو هجي.

دڙي جي کوٽائي:

راکلداس بئنرجي قديم آثارن واري کاتي جي سپرنٽينڈنٽ جڏهن سکندراعظم جي ٻارنهن ٽلن، جن تي يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ نوشتا اکرايا هئا، تن جي ڳولا ۾ بيڪانير ۽ بهاولپور رياستن جا دورا ڪندو، مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل پيٽ ڳولیندو سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. تڏهن 1922ع ۾ لاڙڪاٽي جي پاسي دڙي جي آسپاس اچي ٽانيڪو ٿيو هو. جڏهن هتي جي ماڻهن انهيءَ کي ٽڪر جي ٽانون توڙي ٻين لڌل شين جا ڪجهه ٽڪرا ڏنا ته هن ان مان اندازو لڳايو ته، هت کا قديم ترين تهذيب لڪل آهي. بئنرجي سياري ۾ اتي کوٽائي شروع ڪرائي. قديم آثارن وارا اڪثر ڪري کوٽائي سياري ۾ ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. ڇاڪاڻ ته موسم سرد هڻڻ سبب کوٽائي ڪرڻ ۾ تڪليف گهٽ ٿيندي آهي. کوٽائي دوران بئنرجي کي عظيم سپيتا جون ڪيترين ئي يادگار شيون مليون. ان وقت هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل هو. هن اهي شيون گهرائي، انهن جا فوٽا الستريٽيڊ لنڊن نيوز ۾ ڇپايا: جنهن سڄي دنيا جو هن عظيم تهذيب طرف پنهنجو ڌيان ڇڪايو. ان کانپوءِ ان جي وڌيڪ کوٽائي لاءِ 1922ع اڪل هڪ هزار مزدور رکيائين. جن مان اڪثر ڪري بروهي ذات سان تعلق رکندڙ هئا. ڪِن ڪمائي خاطر ته ڪِن هن عظيم ورثي سان محبت خاطر ڊاڍو پيار سان پورهيو ڪيو. انهن مزدورن جا نالا توڙي ايڊريسون گم آهن. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته، انهن پورهيتن کي مان ڏيڻ لاءِ ڪوٺه ڪو يادگار قائم ڪري انهن

جا نالا ۽ ايڊريسون لکرايون وڃن. هن وقت تائين اٽڪل 33 ايڪڙ زمين جي ڪوٺائي ٿي سگهي آهي. جڏهن ته دڙي جو وڏو حصو اڄ تائين کوٽائي کان محروم آهي. سرڪار 20_اپريل 1953ع تي دڙي کي 655 گهنٽا ايراضي الاٽ ڪئي هئي. جنهن مان هاڻ ڇؤطرف قبضا ٿي ويا آهن. 43 ايڪڙ 22 گهنٽا سول ايوي ايشن وارن جي قبضي ۾ آهن. 11 ايڪڙ 16 گهنٽا ايريگيشن وارن والاري درياءَ جو بچاءِ بند اڏي ڇڏيو آهي، باقي بہ عملدارن ڪافي ايراضي ڪپائي ڇڏي آهي. اتي مقامي ماڻهو آبادي ڪن ٿا، جنهن سبب دڙي جي ايراضي ننڍڙي ٿيندي وڃي ٿي.

تباهيءَ جا سبب:

دڙي جي قدامت جا ڪل 9 دؤر آهن. جڏهن ته هن وقت تائين 8 سائيٽن جي ٽن دؤرن تائين کوٽائي ممڪن ٿي سگهي آهي. هن وقت تائين ٽيل ڏهہ سيڪڙو کوٽائيءَ مان هن دڙي جي تباهيءَ جا جيڪي سبب معلوم ٿيا آهن اهي بہ آخري ته نہ آهن، پر اصل سبب تائين پهچڻ لاءِ، راءِ هموار ڪرڻ لاءِ بنياد ضرور ثابت ٿيا آهن. هڪ اهو سبب بہ برسات جي پاڻيءَ جي چوڻن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. يا درياءَ جي رخ تبديل ٿيڻ ڪري هي شهر ان جي وَر چڙهي ويو آهي. ٻوڏن هن شهر کي ڪيترائي دفعا لوڙهيو هو ۽ ساڳي رڻابنديءَ مطابق ناهيو ويو هو. ٻيو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو ته سمر ۽ ڪلر سبب شهر ويران ٿيو آهي ۽ ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. لڏ پلاڻ ڪرڻ جو سبب اهو بہ تصور ڪيو وڃي ٿو ته، جڏهن شهر جي رهواسين جو واپار ختم ٿي ويو ته ڪاروبار بہ بند ٿي ويو. جنهن ڪري شهر ويران ٿي ويو. هڪ انومان اهو بہ آهي ته آرين اڇي شهر تي حملو ڪيو. حملي آور جيئن ئي شهر ۾ داخل ٿيا ان کان اڳ ۾ ئي ڪافي ماڻهو شهر ڇڏي ويا هئا. آخري دؤر ۾ مردن، عورتن توڙي ٻارن جا گهٽين ۽ جاين ۾ گڏيل ڪجهہ لاش ملیا آهن. جن ۾ ڪيترن تي گهرا گهاوَ بہ آيل آهن. انهيءَ کان بہ وڌيڪ زور سان آخري سبب اهو ڄاڻايو وڃي ٿو ته، هن شهر ۾ ڪا خطرناڪ بيماري داخل ٿي آهي، جنهن سبب ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهندي هتان هجرت ڪري دنيا جي مختلف خطن ۾ ويا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو دنيا جي مختلف خطن ۾ هن تهذيب جي باشندن جا آثار اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهن. ڪجهہ بہ هجي، پر اڄ تائين هن دڙي جي پڃاڻيءَ جا سبب مڪمل طرح سان معلوم نہ ٿي سگهيا آهن. هر محقق پنهنجي انداز سان انومان ظاهر ڪري رهيو آهي.

"بکر" تاريخ جي پرهه ڦٽي

انسان جي سموري تاريخ جنگين جي تاريخ آهي. ايترو انسان کي پي ڪنهن مخلوق نقصان ناهي رسايو جيترو خود انسان هڪ ٻئي کي پهچايو آهي. سگمنڊ فرائيڊ جي اها چواڻي درست ثابت ٿئي ٿي ته، "تهذيب انسان کي راس ناهي آئي."، اهو ئي سبب آهي جو انسان پنهنجي ترقيءَ لاءِ ايترو پورهيو ناهي ڪيو جيترو تباهيءَ لاءِ سامان ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي آهي. انسان جي وحشي دؤر کان وٺي هن جديد دؤر تائين اهو سلسلو جيئن جو تيئن جاري آهي. جتي انسان جنگي تباهيءَ جا گر هر دؤر ۾ نوان سکي ٿو اتي جنگي بچاءَ لاءِ پڻ ڪوششون وڌندو رهيو آهي. ڪوٽ ۽ قلعا به ان پسمنظرڪي سامهون رکندي ٺاهيا ويا. ڪوٽن ۽ قلعن ۾ هڪ ته انسان پنهنجو تحفظ ڳوليندو آهي ٻيو اتي ويهي جنگ ڪرڻ لاءِ مضبوط مورچو سمجهي آرام سان، جنگي تدبيرون جوڙيندو آهي. بکر جو قلعو به ان انساني ڪوشش جي هڪ ڪڙي آهي.

بکر جو شهر روهڙي ۽ سکر کان به پراڻو شهر آهي. اروڙ جي ويران ٽيڪ ڪانپوءِ اڪثر اتان جا رهاڪو هتي لڏي آيا. جنهن ڪري بکر جو مقام وڌي ويو. هي شهر سکر ۽ روهڙي وچ تي، سنڌو درياءَ جي ڪشادي پيٽ ۾ ٻيٽن جي هڪ لڙهيءَ مان وڌي ٻيٽ تي اڏيل آهي. هي ٻيٽ چن جي پهاڙيءَ جو آهي. جنهن جي ماپ اولهه اوپر 800 گز ۽ 300 گز موڪري آهي. ڊيگهه 25 فٽ ڪن اٽس. اروڙ جي تباهيءَ کان فوراً اروڙ جي ڦٽل آثارن مان سرون ڪڍائي بکر جو قلعو تعمير ڪرايو ويو. بکر جي نالي جي ڏس ۾ چيو وڃي ٿو ته سيد محمد شجاع مشهد مقدس ان ۾ رهندو هو. اتان حرمين شريف جي زيارت لاءِ سير ڪندي شيخ شهاب الدين سهروردیءَ جو مريد ٿيو. فرزنديءَ جو تعلق حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڇتي هلي سندس نائي بڻيو. سيد محمد شجاع جو فرزند سيد محمد مڪي، شي صاحب جي معصوم نياڻيءَ جي اولاد هو. جيڪو مڪي شريف ۾ ڄائو. جڏهن سيد محمد مڪي بکر باک ڦٽڻ مهل داخل ٿيو تڏهن چيائين ته، "جعل الله بکرتي في القلعة المباركة" (الله تعاليٰ منهنجو صبح مبارڪ جاءِ ۾ ڪرايو آهي.) جو اڇتي هلي لوڪ ۾ "بکرة" مشهور ٿي ويو. جو بکر ۾ گهڻي قدر مروج ٿي ويو. ڪن جو چوڻ آهي ته سيد صاحب کان ڪن پڇيو ته ڪٿي ٺڪاڻو ڪندي ته وراڻيائين ته جتي باک ڦٽڻ مهل بقر (ڍڳي) جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. لفظ وقت سان گڏ عام ۾ پنهنجو لهجو ۽ اچار تبديل ڪندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو "بقر" مان "بکر" ٿي ويو. هونئن عربيءَ ۾ بکر معنيٰ صبح ۽ بقر معنيٰ ڍڳو. ٻنهي لفظن جو اچار ساڳيو آهي. جيڪو اڄ تائين ساڳي نالي سان هلندو پيو اچي. نه ته ان کان اڳ ۾ بکر کي "فرشته" نالي سان سڏيو ويندو هو. پراڻن ڪتابن ۾ هن کي منصوره به چيو ويندو هو. 1544ع ڌاري شير شاهه سوريءَ چڙهائي ڪري ان جو نالو شير ڳڙهه رکيو. ستت سندس قلعي تي قبضو ختم ٿيو ۽ قلعي جو نالو ساڳيو ئي برقرار رهيو.

بکر جيڪو سکر ۽ روهڙي جي وچ تي قديم وقت کان اهم فوجي اڈو هو. بکر جي ٽڪ ۽ ڍڪ جا ڪيترائي دور رهيا آهن. بکر واري قلعي جي ڏس ۾ چيو وڃي ٿو ته 60ع ڌاري هڪ يوناني ليکڪ هن هنڌ کي بيهڪر (Behkar) جو ذڪر ڪيو آهي، معنيٰ ته انتهائي پراڻو آهي. 876ع ڌاري بغداد جي حاڪم هارون الرشيد هن قلعي کي نئين سري سان اڌايو. ٻيٽ جي اوچائي 25ـفٽ جنهن تي 30ـ35 فوٽ اوچيون ديوارون ٺاهيون ويون. قلعي کي ڏکڻ ۽ اوپر

طرف ۾ در هئا. قلعي جي مرمت ان کان اڳ نواب غلام صادق خان جي زماني 90_780ع ڌاري پڻ ٿي هئي. سامان مرمت لاءِ اُڇ مان گھرايو ويو هو. محمود غزنوي جي سپهه سالار عبدالرزاق هي قلعو 1020ع ۾ فتح ڪيو هو.

شاهه بيگ ارغون بکر جي قلعي کي نئين سري سان تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪانڌيرن واري زمين کي هن ساداتن کي روهڙيءَ ۾ جاگيرون ۽ سندون ڏيئي اروڙ جي قلعي ۽ جاين مان پکيون سرون ڪيڙائي 25 فوٽ اونچي ٽڪريءَ مٿان ٻٽي ديوارن سان قلعو تعمير ڪرايو هو. مٽس ڪنگرا تعمير ڪرائي، قلعي جي اوير ۽ ڏکڻ جي ڪنڊ تي هڪڙوبرج اڏايو. جنهن تان مجرمن کي هيٺ ڪيرايو ويندو هو. جنهن کي اڄ ۽ خوني برج چيو ويندو آهي.

بکر جي قلعي کي ٻٽي ديوار هئي پوءِ سلطان محمود ٽين ديوار ڏياري قلعي کي ست برج تعمير ڪرايائين، ست دروازا هٽايائين، جنهن سبب قلعو انتهائي مضبوط ٿي ويو. همايون 1536ع ۾ چوسا ۽ قنوج جي بن جنگين ۾ شير خان سوريءَ کان شڪستون کائي لاهور ۽ پوءِ روهڙيءَ پهتو. هن قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ بکر جي پرسان ٻهرلوءِ جي چار باغ ۾ 18 هزار چورس فوٽن جي چانوٽي هٽي وينو پر هن لاءِ بکر کي فتح ڪرڻ انتهائي مشڪل ٻڌجي ويو. نيٺ ناااميد ٿي سيوهڙ جي قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

91_1590ع ڌاري اڪبر بادشاهه بکر جو علاقو مير معصوم شاهه کي جاگير طور ڏيئي ڇڏيو. هن بکر جي قلعي کي نئين سر تعمير ڪرائڻ لاءِ باضابطه ڪم شروع ڪرايو. قلعي سان داراشڪوهه جي نسبت ۾ جوڙي وڃي ٿي. 1658ع ۾ دارا شڪوهه توبخاني، حرم ۽ ڪارخاني سميت لاهور آيو ۽ اتان ٻيڙين وسيلي سامان کڻائي قلعي ۾ اچي ترسيو هو. 1739ع ۾ نادر شاهه ڪابل کان لاڙڪاڻي آيو. ان کانپوءِ بکر جي قلعي کي ڪيرائي ان جي نئين تعمير پڻ ڪرايائين. هي قلعو ڪلهوڙن کانپوءِ تالپرن جي قبضي ۾ پڻ رهيو. 1838ع ۾ انگريزن جي قبضي ڪرڻ وقت 25 زبون عمارتون ۽ 115 ڏڪل عمارتن جا ڏڙا، جن مان کي زمين کان 15 ۽ کي 20 فوٽ اوچا هئا. مغلن جي دؤر ۾ عمارت، جنهن کي انگريزن پنهنجي بارود رکڻ جي لاءِ موزون سمهيو. انگريزن 35 هزارن جي خرچ سان قلعي جي مرمت ڪرائي، ان کي جنگي هٿيارن ناهڻ جو ڪارخانو قائم ڪيو. پهرين افغاني ويڙهه جي خاتمي کان پوءِ انگريزن هن قلعي کي سياسي قيدين لاءِ جيل طور تي ڪتب آندو. جنهن ۾ 320 قيدين رکڻ جي گنجائش رکي ويئي.

بکر جي مٿئين حصي ۾ درياهه جي هيٺ لهڻ سان ٻيٽ ظاهر ٿيندو آهي. هي ننڍڙو ڳتيل ٻيٽ جنهن ۾ خواجه خضر جو ٿان چيو وڃي ٿو. خواجه خضر لاءِ اهو تصور ڪيو وڃي ٿو ته مسلمانن جي ندين جي اٿل ۽ پاڻيءَ جي واسطي نگهبان آهي. اڄ تائين خصوصاً مسلمان ان کي باس ۾ ڏيئا ۽ گل ڏيندا آهن. درياءَ جي سوکڙي پلي لاءِ ۾ اها ڳالهه مروج آهي ته پلو بکر جي قلعي کان مٿي ڪونہ ٿو چڙهي. پر اهو خواجه خضر کي سلامي ڏيڻ لاءِ اوڏانهن ويندو آهي.

ڪوٽ ڏيجي قلعو

ميرن سنڌ لاءِ آخري جنگ 1843ع ۾ حيدرآباد پرسان مياڻيءَ جي ميدان ۾ وڙهي هئي. هن محاذ تي ٽالپرن 28 هزار ماڻهو ڪٽي ڪيا هئا. انگريزن جي 2800 فوج ۽ ٻارنهن توپون هيون. جنگ جو طبل وڳو ٽالپرن جي پاسي کان پنج هزار جوان مارجي ويا. انگريزن جي لشڪر مان 256 ماڻهو ضايع ٿيا. انگريزن جي جنگي حڪمت عملي جي نتيجي ۾ اسان جي فوج شڪست کاڌي. ميرن جي فوج ڇا شڪست کاڌي جڏ تہ سڄي سنڌ شڪست کاڌي ۽ غلامي جي سنگهرن ۾ جڪڑجي ويئي. انگريزن پنهنجي حڪومت جون سرحدون تہ وڌايون پر سنڌ جي آزاديءَ جو سج لهي ويو. غلامي ڪيڏي بہ سهڻي لباس ۾ چونہ هجي پر ڪڏهن بہ آزاديءَ جو نعم البدل نہ ٿي ٿي سگهي. ميرن جي صاحبيءَ سان سوَ اختلاف رکندي اهو ميڙو پوندو تہ ميرن جتي ڪيترائي يادگار تاريخ جي ورقن ۾ ڇڏيا آهن. اتي ڪوٽڏيجي جو قلعو ڪنهن بہ طرح سان نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

ڪوٽڏيجيءَ جو قلعو خيرپور ميرس کان ڏکڻ طرف ويهن ڪلوميٽرن تي اتر-اوپر قومي شاهراه تي ٽڪريءَ تي ڪَرُ ڪنيو بيٺو آهي. اها ٽڪري واريا‌سي چن جي پٽر جي ٺهيل آهي. قلعو ان ٽڪري جي چاڙ تي اڏيل آهي. ڪوٽ جي اڏاوت ٽر. جوڌپور ۽ جيسلمير جي ڏڪار جي ستايل ماڻهن صرف هر روز جوئر جي هڪ پاڻيءَ جي عيوض ڪئي. غريب ماڻهن جي رت ۽ پگهر سان ٺهيل هي قلعو 1797ع ۾ ميرسهراب خان جي تعميرات جي وزير سرائي محمد صالح زهري جي نگراني هيٺ جڙي راس ٿيو.

قلعي جي هيڻان قديم ۽ ڪٽل شهر جا نشان آهن. آثارن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون حصو ٽڪريءَ مٿان ۽ ٻيو حصو ٽڪري جي اوپر طرف لاهين تي آهي. مٿيون حصو شهر پناهہ جي اندر اچي ٿو ۽ هيٺيون حصو شهر پناهہ کان ٻاهر اڏيل آهي. مٿيون حصو ٻاهرين زمين جي سطح کان اٽڪل چاليهہ فوٽ اوچو آهي. اهو حصو اوپر کان اولهہ طرف ڇهہ سئو فوٽ ڊگهو ۽ اتر کان ڏکڻ طرف چار سئو فوٽ ويڪرو آهي. قلعي جو نالو احمد-آباد رکيو ويو. هي سڄو ڪوٽ پڪن سرن جو ٺهيل آهي. ڪجهہ جاين تي پٽر بہ استعمال ڪيو ويو آهي. ستر فوٽ بلند هن ڪوٽ جي اڏاوت لاءِ ۽ بچاءُ بنديءَ خاطر ٽي دفاعي لائينو ڏنيون ويون آهن. ٻيو تہ ڪوٽ هيٺ کان مٿي اپو ٽيندو سوڙهي شڪل اختيار ڪري ٿو. ڪوٽ اپ ڪپرن تي هڪ سبب لشڪر جو مٿي اچڻ ناممڪن آهي. جيڪڏهن اتفاقاً ڪو ماڻهو ديوار تائين رسد ڪري تہ بہ خطرو لاحق بڻجي پوي. ڪوٽ جي ٻيهڪ اهڙي آهي جيڪڏهن ڪو توپ جو گولو هڻڻ چاهي تہ بہ گولو اندر ڪرڻ مشڪل آهي. هن ڪوٽ جي اڏاوت ۾ ڪيترائي سال لڳا. چاڪاڻ تہ فوجي دفاعي پسمنظر کي سامهون رکي اڏاوت تي سپاهين جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. هڪ سپاهہ سالار جي هيٺ پنج سئو سپاهين جو جٿو ۽ سئو جي لڳ پڳ توپون برجن تي نصب ٿيل هيون. قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ شاهي دروازي مان داخل ٿيڻو پوي ٿو. جيڪو انتهائي مضبوط ڪاٺ جو ٺهيل آهي. هاٿين، گهوڙن ۽ ٻين جانورن جي حملي کان تحفظ لاءِ 234 ٽلها لوها نوڪدار ڪِلَ پڻ لڳل اٿس. هن جون چهنبون ٻاهر نڪتل آهن. دروازي جي ڀيگهہ پندرنهن فوٽ ساڌا نَوَ انچ ۽ ويڪر ڏهہ فوٽ آهي. منجهس دري پڻ رکيل آهي. دروازي پار ڪرڻ کان پوءِ اندر بيضي جي اڌ جهڙو سپاهين جي رهڻ لاءِ جايون ۽ حملي آور کي روڪڻ لاءِ مضبوط مورچا آهن. جڏهن تہ ٻيووچ تي دروازو ٻيهاريو ويو آهي. جنهن ۾ بہ

سئو اٺ لوها ڇهنبدار ڪل لڳل آهن. در جي اوچائي تيرنهن فوٽ آهي. ٻئي دروازي مان گذارڻ کان پوءِ ٻيو سرنگ وانگي دڳ شروع ٿئي ٿو. ان سرنگ نما رستي کي وري در ڏيئي بند ڪيو ويو آهي. دروازي جي ساڄي طرف کان توپن جي گولن رکڻ لاءِ جايون آهن. جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ گولا رکيل هوندا هئا. جنهن ڪري دشمن اندر داخل ٿئي تہ زنده واپس ٿيڻ جو امڪان ئي باقي نہ بچي. حقيقت ۾ ڪوٽ جو اصل ۽ اهم حصو هتان شروع ٿئي ٿو. قلعي جي چوڌاري برج ٺهيل آهن. برجن جي مٿان توپن ۽ بندوقن لاءِ مارا ٺهيل آهن. اهڙي نموني برجن تي توپون رکيل آهن جو هر طرف آسانيءَ سان گهمائي ۽ ڦيرائي سگهجن ٿيون. ڪوٽ ۾ اهڙا گهٽ ۾ گهٽ پنجٽيهہ ڪن برج آهن. اسان هر برج کي چئن پاڻ ۾ ورهائي سگهون ٿا. جيڪي جنگ حڪمت عمليءَ جو شاندار مثال آهن. جڏهن تہ انهن ۾ ڪجهہ شاهي برج بہ موجود آهن. جنهن ڪري سڄو ڪوٽ خوبصورت بڻجي پيو آهي. ان تي بيهي ڪوٽ جي هر حصي تي آسانيءَ سان نظر رکي سگهجي ٿي. جڏهن تہ ڏل جي هيٺان سرنگ نما گذرگاهہ مان آرام سان گذري سگهجي ٿو. اولهائين پاسي جي آخري ڪنڊ تي ويڪرو صفن صفا، ملڪ ميدان برج، ڪوٽ جي اوپر ۾ جيسلمير برج، اتر پاسي آخري ڇيڙي ۾ مريم برج ۽ ٻيا اهڙا برج، قلعي جي حفاظت لاءِ اهم مورچا آهن. ڪوٽ اندر ڪليل ميدان ۾ خيما هٽي، فوج کي پڻ رکيو ويندو هو.

فتح ڏل ۽ صفن صفا برج واري ميدان ۾ ڪوٽ جي اولهہ ڪنڊ تي ٻارنهن فوٽ گهرائي، ستٽيهہ فوٽ ڊيگهہ، ويهہ فوٽ ويڪر سان حوض نما کڈ آهي. جيڪا ڪنهن وقت ڍڪيل هئي. هن حوض کي اتر ۽ ڏکڻ پاسي ڪوٽ کان ٻاهرين کوهن کان علاوه مکيہ دروازي واري کوهہ جي پاڻيءَ سان پريو ويندو هو. هي حوض ڪوٽ اندر مٿيئن حصي ۾ رهندڙن کي پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪم ايندو هو. جڏهن تہ ضرورت آهر باقي استعمال لاءِ بہ هي پاڻي بہ ڪتب ايندو هو. شاهي دراوزي وٽ موجوده کوهہ مان بہ ڪوٽ ۾ رهندڙن جي ضرورت پوري ڪئي ويندي هئي. ميرن پورچوگيزن کان 90 ڪن توپون خريد ڪيون هيون. انگريزن کان بہ هٿيار ورتا ويندا هئا. توپن جي گولن ۽ بارود رکڻ لاءِ ڪوٽ جي ڏئين ۽ آخري دروازي جي بلڪل سامهون اولهہ طرف ٻاهرين ديوار ۾ غلام گردش سان گڏ ميدان ۾ بنا ڇت جي ڪمرا استعمال ڪيا ويندا هئا. ڪوٽ جي مٿئين حصي ۾ اوپر ڏکڻ طرف ديوار جي وچ تي ميرن جي رهائشگاهہ ۽ حرم موجود آهن. لڙائي کان سواءِ امن واري حالت ۾ بہ مير اچي هتي ترسندا هئا. جيئن مير سهراب خان وفات کان اڳ حڪومت پٽ حوالي ڪري قلعي ۾ رهائش اختيار ڪيائين. حرم جي ٻاهران ڪليل ميدان جي وچ ۾ ٽلهي کي ڪڇهرين ۽ ٻين محفلن لاءِ ڪتب آڻيندا هئا. ڪوٽ جي آخري ڇيڙي جيسلمير برج جي پرسان سرن جي ٽلهي کان بہ فوٽ کن مٿي سهڻي گلڪاريءَ سان تخت نظر اچي ٿو. جتي مير ڪنهن خاص ڏينهن تي دربار لڳائيندا هئا.

ڪوٽ جي مٿئين حصي ۾ حرم سامهون هڪڙي بئرڪ آهي. روشني، هوا لاءِ سورخن هوندي اهو اونداهو ڪمرو جنم ٽيپ ۽ عمر قيد جي سزا وارن قيدين لاءِ جيل خاني طور تي استعمال ڪيو ويندو هو.

اهو بہ تاريخ جو وڏو اتفاق آهي تہ هن قلعي ۾ ڪابہ جنگ نہ ٿي آهي، ان ڪري بہ هن قلعي کي ڪنوارو قلعو چيو ويندو آهي.

مڪلي: خاموش تاريخ

مڪلي جنهن جي نانءَ ٻڌڻ سان ذهن ۾ سوين تصور اپري اچن ٿا. مڪلي جيڪا سنڌ جي زنده جاويد تاريخ جو اٽوٽ حصو آهي، جنهن ۾ بظاهر ته خاموش قبرن، مقبرن جون قطارون آهن پر ان ۾ سنڌ جي جيئري جاڳندي تاريخ بيٺي آهي. جيڪڏهن ڪو تاريخدان هن ٽڪريءَ تي ئي صرف تحقيق ڪرڻ گهري ته هوندي سندس سموري ڄمار گذري ويڄي پر تاريخ مڪمل نه ٿيندي. مڪليءَ جي ڪک ۾ جتي سنڌ جي عظمت جا رکوال آرامي آهن، اتي اڻ ڳڻيون قبرون اهڙيون به آهن جن سنڌ جي سينڌ ڪي ميرو ڪيو داغدار ڪيو پر پوءِ به مڪليءَ انهن کي پنهنجي ڪشادي آڇر ۾ ان اميد سان جڳهه ڏني ته جيئن ايندڙ نسل انهن مان ڪا عبرت حاصل ڪري ۽ پنهنجي مستقبل جي اڏاوت لاءِ ڪو رستو هموار ڪري سگهن. سنڌ جي ڇهن سوَن ورهين جي تاريخ هن ٽڪريءَ ۾ محفوظ ٿيل آهي. ڪراچيءَ کان اوپر طرف اسي ميلن جي پنڌ تي ڪيرٿر جبل جي هڪ دور افتاده ٽڪريءَ جو هي ٽڪرو نيشنل هاءِ وي تي، ڏٽي کان ٻه ڪوميٽر الهندي، ڏکڻ کان پير پٽي جي مزار کان ونڊي، اتر ڏانهن ساموئي تائين 25_ڪلوميٽرن جي ڊيگهه تائين هن قبرستان ۾ مقبرن، مزارن ۽ قبرن جو تعداد 10 لک کن ٻڌايو ويڄي ٿو. هن قبرستان جي حوالي سان چيو ويڄي ٿو ته پهريون ماڻهو شيخ حماد جمالي دفن ٿيو. هي هڪ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. وفات کانپوءِ کيس مڪليءَ تي اڏيل مسجد پرسان دفن ڪيو ويو. ان کانپوءِ ٻين ماڻهن به سندس نقل ڪندي مڪليءَ ۾ دفن ٿيندا رهيا. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته هو واحد پهريون ماڻهو هو جيڪو ان ٽڪريءَ تي دفن ٿيو بعد ۾ هر فرقي ۽ هر قبيلي جا ماڻهو اتي دفن ٿيڻ لڳا. ڄام تماچي مڪلي تي وڏي جامع مسجد ٺهرائڻ وارو پهريون ماڻهو هو. جنهن لاءِ چيو ويڄي ٿو ته هو شيخ حماد جماليءَ جو شاگرد هو. جڏهن سلطان فيروز ڄام تماچيءَ کي دهليءَ قيدي ٻڌايو هو ته ان وقت ڄام تماچيءَ جي ماءُ شيخ حماد جماليءَ وٽ پٽ جي آزاديءَ لاءِ دعا پنڻ ايندي هئي. چيو ويڄي ٿو ته ان کان پوءِ ڄام تماچي ستت ئي آزاد ٿي ويو.

مڪليءَ جي نالي جي ڏس ۾ به تاريخ ۾ مختلف حوالا سامهون اچن ٿا. مسلمان هن ٽڪريءَ جي نسبت مائي مڪلي (مڪه لي) سان جوڙين ٿا. جنهن جي قبر ڄام نظام الدين جي مقبري، ڄام تماچي جي ٺهرايل مسجد جي ٻاهرين پاسي الهندي طرف آهي. ٻي روايت ۾ اهو به اچي ٿو ته هڪ درويش وجد ۾ اچي چيو ته: "هذا مڪه لي" (يعني هيءَ جاءِ منهنجي لاءِ مڪو آهي." ان کانپوءِ ئي هن ٽڪريءَ جو نالو مڪلي پيو. پر هندو لوڪ مڪليءَ جي ٽڪريءَ کي ڪالي ديويءَ سان منسوب ڪن ٿا. جنهن جو وڏو مندر ۽ تيرٿ آستان، مين روڊ واري وڪڙ ۾ ڏکڻ طرف آهي. جين مذهب ۾ گوسالو ۽ اجيوڪا اهم فرقا سمجهيا ويڄن ٿا. انهن مان اجيوڪا فرقي جو باني گوسالو مڪلي پوٽو آهي. مڪلي جي پڙهٽي به جدا جدا پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. مڪلي، منگلي، منڪلي. جڏهن ته گوسالو فرقي جي هڪ شاخ ڊيگامبر، مڪلي ٽڪر ۽ هنگلاج ۾ رهندا هئا. انهن جي آستانن، غفائن ۽ آمد و رفت جي سبب ڊيگامبر فرقي جي باني "منڪلي" جي نالي پٺيان انهيءَ ٽڪريءَ تي مڪلي نالو پوڻ جو تصور پڻ تاريخ ۾ اچي ٿو. اهو لفظ حقيقت ۾ پالي معنيٰ يوگي/ يا نانگو فقير آهي.

ڪراچي ويندڙ قومي شاهراهه مڪلي ٽڪريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. ڏکڻ واري اڌ ۾ عيد گاهه، مخدوم

محمد هاشم ٺٽوي، ابوالقاسم نقشبندي جلوه گاهه امام پير عالي، سيد محمد يوسف بکري ۽ چيڙي تي ڪلان ڪوٽ جو ڏنل قلعو ۽ ٻيا عجائبات آهن. اتر واري اڏ حصي ۾ شيخ حماد جمالي، عيسيٰ لنگوٽي، ملان عبدالرحمان عباسي (ملان لٽر) جامع مسجد، سيد علي شيرازي، شاهه مراد، سمن سلطانن جا مقبرا، ترخانن جا مقبرا، مغلن جون رانڪون ۽ ٻيون تاريخي جڳهون آهن. ايجان به پنهنجي سهولت خاطر هن قبرستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصي ۾ سمن سلطانن جون قبرون ۽ مقبرا آهن ۽ ٻئي حصي ۾ ارغونن ۽ ترخانن جون قبرون آهن. مکلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سڀ کان پهرين کاٻي پاسي هڪ چور کوهه آهي، ٻن حصن ۾ سوڙهيون ڏاڪڻيون، هيٺ کوهه جي ڪنڌي تائين وڃن ٿيون. کوهه جي ڪنڌيءَ تي پهچبو ته چؤطرف ورانڊو نظر ايندو، وچ ۾ کوهه آهي.

مکليءَ جو نالو مشهور ۽ معروف سمن جي دؤر حڪومت ٿئي ٿو. جڏهن جام نظام الدين 866هه کان 914 هه تائين آزاد سنڌ تي حڪومت ڪئي. سنڌي ماڻهو کيس پيار مان جام نندو سڏيندا آهن. سندس سنڌ لاءِ امن ۽ سکون، ايمان، اخلاق ۽ خوشحاليءَ جو دؤر سڏيو وڃي ٿو. سما جام انهيءَ ۾ ڪيترين ئي يادگار جايون ڇڏي ويا آهن. جهڙوڪ تغلق آباد عرف ڪلاڪوٽ جو قلعو اهم آهي. مڪمل طور تي برباد ٿيڻ ڪانپوءِ سومرن ڪلانڪوٽ تي عارضي گاديءَ طور تي اڏيو. سمن مکلي جي اتر ۾ نشيبي علائقي ۾ پنهنجي دارالسلطنت ٺاهيو. جنهن تي ساموئي نالو رکيو. ان جو مطلب آهي ته "سمن جو شهر". بعد ۾ ان کي تغلق يا تغرل آباد، ڪلياڻ ڪوٽ يا ڪلان ڪوٽ ڪوٺڻ لڳا. ڪن وري ان کي ٺڪر آباد به ڪري سڏيو آهي. جنهن جو مطلب آهي مڪيہ رهائش گاهه. جنهن جي پيڙهه جو پٿر ان وقت جي ٺاڪر رکيو. اهو قلعو هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. جنهن جو اندازو سوا ميل ڪن ٿيندو. ان قلعي جي چؤڌاري قدرتي وڏي کاهي آهي جيڪا پاڻيءَ سان هر وقت پريل هوندي هئي پر هاڻ اها مڪمل طور تي تباهه آهي. ميڪرا ڍنڍ، قبرستان جي اتر کان شروع ٿي اوپر کان ٿيندي ڏکڻ ۾ وڃي ڪلان ڪوٽ واري ڍنڍ سان وڃي ملي ٿي. هي قلعو ڪنهن زماني ۾ ڏکئي وقت دوران شهر وارن لاءِ جاءِ پناهه هو. اهو هاڻ تباهه و برباد ٿي ويو آهي.

سمن جو دؤر جتي سنڌ جي خوشحاليءَ جي علامت طور تي تاريخ ۾ ايري اچي ٿو اتي سنڌ جي سرحدن ۽ قومي بچاءِ لاءِ ويڙهه جو وڏو مثال جام نندي کان پوءِ دولهه دريا خان جو اچي ٿو. دريا خان لاوارث ڇوڪرو هو پر جام نندي سندس قابليت ۽ جوهر ڏسي ڪينس پنهنجي تربيت ۾ رکي وڃي وزيراعظم جي عهدي تي رسايائينس. سنڌ جي فوجن جي سپهه سالاري به سندس سپرد هئي. يارهين محرم الحرام تي سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ سپهه سالار جي قبر جام نظام الدين جي مقبري جي ويجهو اولهه پاسي کان آهي. ان ڇؤديواري ۾ ستاويهه قبرون ٻيون به آهن. رومانوي خيال سان تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ جام تماچي به مکليءَ جي عظمت ۾ اضافو ٻڌيل آهي. چريائپ يا جن کي دورا پون تن لاءِ علاج لاءِ عبدالله شاهه اصحابيءَ جو مقبرو پڻ مکلي جي آڪر ۾ موجود آهي. تغلق ڪوٽ جي نشيبي ۾ ملان لٽر (ملان عبدالرحمان) جي قبر پڻ آهي، ستين جو قبرون جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي ست پينرون سومريون هيون. سومرن کان سمن جي تخت وٺڻ کان پوءِ اهي پنهنجن کان الڳ ٿي ويون جڏهن شاهي لشڪر سامهون ايندي ڏٺائون ته پنهنجي عزت غير محفوظ سمجهيائون ته عزت جي تحفظ لاءِ دعائون گهريائون ۽ ان ۾ دفن ٿي ويون.

ٻئي حصي ۾ هڪ گمنام چٽي جاني بيگ جو مقبرو، تغرل بيگ جو مقبرو، باقي بيگ ازبيڪ جو مقبرو اوپر طرف جان بابا جو مقبرو، سلطان ابراهيم جو مقرو، اهنسا ٻائي، باقي بيگ ۽ عيسيٰ خان ترخان وڏي جا ترتيب وار مقبرا

۽ چٽيون آهن. سياست ۽ صحافت ۾ سنڌ جو وڏو ڪردار شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جون قبرون پڻ تاريخدانن لاءِ توجهه جو مرڪز رهيون آهن.

ننڍي جي رهواسين لاءِ اها ٽڪري نه فقط دفن گاهه ۽ عبرتگاهه هئي سندن تفريح جو پڻ وڏو مرڪز هئي. مزارن تي ميلا لڳندا هئا هر مڪتبءِ فڪر جو ماڻهو اتي اچي سڪون محسوس ڪندو هو. سترهين صديءَ ڏاري مڪليءَ تي "ڪير" نالي سان هڪ مڻي پاڻيءَ جو تلاءُ هو. مينهن (برسات) وسڻ سان تلاءُ پاڻيءَ سان پرجي ويندو هو. ان وقت هندو توڙي مسلمان قطارون ٺاهي تلاءُ سان پنهنجو ٽڪاڻو اڏيندا هئا.رڌپچاءُ به هتي ئي ڪندا هئا. خوشيءَ جو ڦهرُ پاسجندي محسوس ٿيندو هو. ڏکڻ اولهه ۾ "عيدگاهه" آهي جتي ننڍي جا ماڻهو عيد نماز پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. مڪليءَ تي ڪالي مندر ۾ رکيل مورتيءَ کي هنگلاج سڏيو وڃي ٿو. ڪالي مندر ۾ ننڍا ننڍا مندر جن ۾ گڻيش، هنومان ۽ شيو جون مورتيون، هڪ ڏرمشالا، هندن جي مقدس جڳهه طور تي سڃاڻپ رکن ٿيون. جڏهن ته بلوچستان ۾ هندو جوڳين جي مشهور تيرٿ هنگلاج، الهندي طرف ان ماڳ ڏانهن ايندي ويندي ياتري هن ٽڪريءَ تي ڪندا هئا.

آڪاڻي زماني کان اها رسم ٿي ويئي آهي ته هرهڪ طاقت وارو بادشاهه امير يا دولتمند ماڻهو يادگار طور تي اتي ڪا نه ڪا جاءِ ٺاهيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ مڪلي مقبرن ۽ قبرن جو مرڪز طور تي سڃاڻپ رکي ٿي پر تاريخدانن لاءِ جهجهو مواد فراهم ڪرڻ لاءِ وٽس انيڪ مواد آهي.

سُر سامونڊيءَ ۾ وهن جون وايون

لطيف سائين جي فڪر ۽ فن تي لکڻ توڙي ڳالهائڻ وڏو ڏکيو ۽ تحقيق طلب ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته لطيف جي مشاهدي جي اک انتهائي تيز ۽ حالتن جي تز نقشبندي جي مهارت رکي ٿي. لطيف تي لکڻ جا ٿي پهلو آهن، هڪ فني، ٻيو فڪري ۽ ٽيون آهي تاريخي پهلو. فني پهلوءَ جي ڏس ۾ شاعري جي پرک ڪرڻ جنهن تنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. لطيف جي فني پهلوءَ جي حوالي سان تمام گهٽ لکيو ويو آهي. اڪثر ڪري فڪري پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ تاريخي حالتن جو جائزو اهم آهي. ڇاڪاڻ ته هر فڪر مخصوص حالتن جي پيداوار هوندو آهي. حالتن جي تبديليءَ سان فڪر ۾ به تبديلي ايندي آهي. ان ڪري فڪر کي سمجهڻ لاءِ حالتن جو ادراڪ هڻڻ لازمي شرط آهي. لطيف جن حالتن جي پسمنظر توڙي پيش منظر ۾ جيڪي عڪس چٽيا آهن اهو تاريخ جو هڪ الڳ باب آهن، جنهن مان اسان اندازو يا اشارو ته حاصل ڪري سگهون ٿا پر ان جي چٽيءَ طرح ڄاڻ حاصل نه ٿا ڪري سگهون. ان ڪري اسان انهن ماڳن، فردن، توڙي تاريخي نشانين ڏانهن رجوع ٿيڻو پوندو جن جا اشارا لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏنا آهن.

سر سامونڊيءَ ۾ جن شين جي چٽبندي ٿيل آهي. اهي ڪيترن ئي قسمن جون آهن. مثال طور تي هن سر ۾ واپار جو پهلو عورت جي انتظار ۽ بيقراريءَ جي ڪيفيت، سمنڊ توڙي مهاڻن جي حالتن جو پهلو وغيره ملي ٿو. جن کي جانچڻ لاءِ وسيع جاکوڙ جو ڪم آهي. اسان صرف سر سامونڊي جي چند ماڻڪ، موتين جو ذڪر ڪريون ٿا، باقي هيرا ۽ جواهرن جي تلاش جو ڪم ايندڙ ٽهيءَ تي ڇڏيون ٿا.

وڻجارا: "وڻجارو" وڻج واپار (Trade) ڪندڙ کي چئبو آهي. هي وڻجارا عام واپارين کان منفرد آهن، جيڪي هڪ مخصوص موسم ۾ واپار ڪرڻ لاءِ ٻيڙا تيار ڪري گهران نڪرن ٿا ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن واپار سانگي وڃن ٿا. اهي اڪثر سياري جي هوائن سان جيڪي اتر کان ڏکڻ هلنديون هيون ته سفر تي روانا ٿيندا هئا. جنهن جو اشارو لطيف سائينءَ جي هن بيت مان ملي ٿو:

وڻجاري ڪانڌاءُ، مون وَر ويني گهاريو
لڳي اتر واءُ، ڏوليو هلڻ جون ڪري

وڻجارا اتر لڳي اسهندا هئا ته وَري بهار ۾ واپس ايندا هئا. هي وڻجارا ٽن قسمن جي ڪرت ڪندا هئا، هڪ ته سمنڊ مان مڇي ماري گذران ڪندا هئا، ٻيا وڻجارا سمنڊ مان موتي ۽ ٻيا جواهر ڪڍندا هئا. جڏهن ته انهن مان ڪجهه واپاري لنڪا ۽ عدن ڏانهن قرقل، ڦوٽا، قيمتي ڪپڙا وڪرو ڪندا هئا ۽ موٽ ۾ ماڻڪ موتي ۽ سون آڻيندا. معني ته هي وڏا سوداگر هئا، جيڪي عام شيءِ جو واپار نه ڪندا هئا. ٽيان وري ديس به ديس هڪ بندر جو مال ٻئي بندر تي پهچائيندا هئا ۽ ڪجهه وري سوداگري به ڪندا هئا. مجموعي طرح انهن سنڌي ٻيڙياتن جي ڪرت ٽن قسمن جي هئي. انهن وڻجارن ۾ به اڪثريت هندو وڻجارن جي معلوم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته وڻجارن جي وهن جيڪي ساڻ ڪيا

آهن اهي اشارو ڪن ٿا وڻجارن جو وڏو تعداد هندن سان تعلق رکي ٿو.

وَهن (زالن) جي ڪيفيت:

وڻجارا اڪثر ڪري واپار تي وڃڻ دوران پنهنجي وَهن کي ساڻ ڪٽي نه ويندا هئا. جنهن سبب انهن وهن جي ڪيفيت بيقراريءَ جي انتظاريءَ جي عالم ۾ گذري ٿي. لطيف سائينءَ جي هن سڃي سُر ۾ وَهن جي دانهن، ڪوڪ ۽ واين جو وَرلاپ ملي ٿو. پنهنجي وَرن کان وڏي عرصي کان پري رهڻ سبب وهن جو ميلاپ لاءِ من ماندو آهي تہ ٻئي طرف پنهنجون اکيون آسروند رکيون ويٺيون آهن تہ هنن جا فراق ۾ چاڪ چڪي پيا آهن.

نہ سي تڙ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جون،
سرتيون ساموندين جا، اڃ پڻ چڪيم چاڪ،
مارينم فراق، پاڙيچون پرين جا.

انساني پيڙا جي ڪيفيت شاعر کان سواءِ ٻيو ڪو سمجهي ٻہ نٿو سگهي. اندر ۾ وڻجارن سان ملڻ جي اڻ تڻ فراق جي اهڙي ڪيفيت جو ساعت ساعت پهر لڳي جتي انساني صبر جو پئمانو لبريز ٿيڻ لڳي ٿو. سڪ جا سلا وڌي وڻ ٽيا آهن. پر وڻجارن جو ڪو پتو ڪرو ئي نہ ٿو پوي. پر وڻجاري جي وَني تڙ تي وڻجاري جي آس ۾ گذاري ٿي.

ساموندي ساري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي ٿي ماري، انهن سندي ڳالهڙي.

وڻجاري جي وئي کان پوءِ وهون سَوَ سڏو ڪن ٿيون. سَوَ خيال من اندر سمائين ٿيون. وڻجاري سان جهيڙڻ جا خيال، ڪُجتن جا خيال، ڳلي لڳي ڳالهيون ڪرڻ جا خيال، سوچون وَهن جي سيني ۾ سانڍيل رهن ٿا. جنهن جو اظهار لطيف سائين هيئن ڪري ٿو.

جيڪر اچي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل ڏولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.

غربت جو منظر:

وڻجارن جي واپار سانگي وڃن ڪانپوءِ گهر ۾ جيڪا غربت جي حالت پيدا ٿي وڃي ٿي، اها ٻہ انتهائي ڀيانڪ شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ وڻجاري جي وئي کي وڏو عرصو گذري چڪو آهي. پوٽتي رهي کهي پونجي ختم ٿيو وڃي. گهر ۾ ڏڪر واري ڪيفت ٿي ويئي آهي جو گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ بچيو آهي. آونگ جيڪي مٿي ڏڪڻ لاءِ ڇت جو ڪم ڏين ٿا اهي ٻہ ڏهي پٽ ٿي ويا آهن. اهي ٻہ اڏارا آڻي سيءَ کان بچڻ لاءِ پناهہ ورتي ويئي آهي. انهيءَ آونگن ۾ ٻہ ٻين جا وَرَ ڏسي جيڪا وَهن جي ڪيفيت ٿي آهي اها لطيف سائين هيئن اظهاري ٿو.

اسان اڏارا آڻي، آونگ چاڙهيا،
منهن ڏئي مون آئيا، سمهان سيارا.

اپرن سيڪارا، پسيو وَر ٻين جا.

هي سموريون ڪيفيتون ڏسي، هانءُ جهريو پوي. تنهن باوجود به عورت جي وفاداري پنهنجي وَر ڏانهن ساڳي رهي ٿي. اڄ ۽ بُکَ ۾، اوکي سُکي ۾ پنهنجي وَر لاءِ واجهون وجهندي رهي ٿي. ڪڏهن به پنهنجي ور سان بيوفائي جو نه ٿي سوچي. اها تہ وفا ۽ پنهنجائپ جي انتها ٿي وڃي ٿي. لطيف کي عورت جي ان ادا گهڻو متاثر ڪيو آهي. ان عورت وَٽ سياري ۾ نہ سَوَڙ آهي نہ گبرو آهي. رات جي سرد پهر ۾ مٽي تي اوڌر لاءِ چني جا پوَت ريڑهيندي رات گذاري ٿي ۽ لطيف چوي ٿو:

اتر ڏَني اوت، نہ مون سَوَڙ نہ گبرو.
چارئي چَنيءَ پوت، ريڑهيندي رات گئي.

مڌ جو اصل متو ۽ متارا

جنهن ادب ۾ آفاقيت ۽ ادبيت هجي تنهن کي ڪلاسيڪل ادب سڏيو ويجي ٿو. ادب قومن جو املهه سرمايو هوندو اهي. جيڪا قوم ادب جي حوالي سان غريب آهي اها قوم سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته سياسي، سماجي، تهذيبي يا اخلاقي طور تي سگهاري هجي. ادب قومن جي نمائندگي جي حيثيت رکي ٿو ۽ شعوري طور تي انسان کي پختو ڪري ٿو. سنڌي ادب به پنهنجي ٻن ايڙائي صدين جي مختصر عمر ۾ سنڌي قوم جي تعمير ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو هڪ سچ آهي ته جنهن کان ڪو احمق ئي انڪار ڪري ٿو سگهي.

لطيف جي سنڌي ادب ۾ منفرد حيثيت رهي آهي. لطيف نه رڳو سنڌي ٻولي ۽ کي بچايو پر هن سنڌي تهذيب جي ساک کي نه رڳو نوان موڙ ڏنا، پر ان جي مستقبل جي اڏاوت به ڪئي آهي. لطيف سنڌ جو اهو وکيل آهي جنهن سنڌ جي ڪيس انتهائي مضبوط ۽ مدبرانه نموني سان وڙهيو اهي. اهو ڪڏهن سسئي جي پنهون کان اڳ ڪٽ جدوجهد جي صورت ۾ ته ڪڏهن پنهنجي لوئي لج بچائڻ لاءِ مارئي ته ڪڏهن عشق جي سفر ۾ سهٽي جي درياهه جي دهشتگردن کنن ۽ واڳن سان ويڙهه جي روپ ۾ هجي يا سنڌ جي مجموعي سورمن کاهوڙي، رامڪليءَ جا جوڳي يا متارن جي صورت ۾ هجي بهرحال هر لحاظ کان لطيف جو ڪردار مثيرو آهي. لطيف جديد ادب جو بنياد ۽ ڪلاسيڪل ادب کي عروج جي انتها تي پهچايو آهي. هن جي پيغام ۾ امن عالم ترقي بني نوع سمايل رهيو آهي. نه صرف اهو پر مذهب جي اصل روح کي سمجهڻ تي به زور ڏنو آهي، اهو ئي سبب آهي جو لطيف سنڌ جا عوامي ڪردار ڪٽي هڪ ئي وقت مذهبي تنگ نظري، رجعت پسنديءِ ڪٽرپڻي خلاف ويڙهه ڪئي آهي. ٻئي طرف پنهنجي ڪلچر جو پرم رکيو آهي. مثال طور تي جملي مذهب ۾ شراب حرام قرار ڏنو ويو آهي. پر لطيف شراب کي عالمي حوالي سان مقصد، آدرش طور تي ڪٽي رجعت پسنديءَ کي نندايو آهي ۽ ٻئي نموني سان ماڻهن ۾ انقلاب جو روح ڦوڪيو آهي. شاهه سائين سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ موکي ۽ متارن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪو هڪ غير معمولي ڪردار هو پر لطيف انهن کي نئين رُخ ۾ متعارف ڪرايو آهي. جيئن موکي هڪ ڪلال هئي جنهن کي هڪ انقلابي رهبر اڳواڻ طور ڏيکاريو ويو آهي. متارا ويڙهه ڪرڻ کان پوءِ موکي وٽ اچي پر ساهن ٽا. هونئن ته موکي روايت مطابق مومل جي محل ۾ شهزادن کي اندر وڃي ويندڙ ناتر جي ڏيءُ هئي. جنهن پنهنجي ماءُ جي وئي کانپوءِ پنهنجي ماءُ جو ڪاروبار سنڀاليو هو. جيڪو هڪ شراب جي بنيءَ طور ڇاتو ويندو هو جتي متارا جيڪي مختلف شهرن ڏانهن واپار سانگي ويندا ها ته ٿڪ موکيءَ جي مئخاني ۾ پٽيندا هئا. انهن روايتي ڪردارن کي امرتا ڏئي، لطيف انهن کي انقلاب، آزادي پسند ۽ انهن جي رهبري ۽ آدرش طور تي ڪنيو آهي.

جيئن هن بيت ۾ چئي ٿو:

جي اٺئي سڪ سرڪ جي، ته ونءُ ڪلاڙن ڪاڻي،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو وٽ ماڻي،
تِڪ ڏئي پِڪَ پيءُ تون، گهوٽ منجهان گهاڻي،
جي وَرِنَهَ وهاڻي، سو سر وٽ سرو ساهنگو.

اگر ماڻهوءَ کي پنهنجي آدرش، انقلاب ۽ آزاديءَ سان محبت آهي تہ پنهنجو سِر ڪٽي، (ماڻي) پنهنجي رهبر جي ڏسيل واٽ تي رکي. ڇاڪاڻ پنهنجي منزل اڳيان پڪ برابر بہ سر معنيٰ نہ ٿو رکي. آزادي پسند ماڻهوءَ جي زندگي پنهنجي مقصد لاءِ وقف ٿيل هوندي آهي، پر جيڪڏهن سڏڻيا سر ڏيڻ کان ڪيبائن ٿا تہ اهي پنهنجو مقصد حاصل نہ ٿا ڪري سگهن. جيئن:

سڏڻيا شراب جون، ڪُوهہ پچارون ڳن،
جي ڪات ڪلاڻن ڪيڀا، موتي پووڃن،
پڪون سي پيئن، سر جنين جا سٽ ۾.

جيڪي سَڏَ ڪري ڄاڻن انهن جو مقصد سان ڪوبہ لڳاءُ ڪونهي، ڇاڪاڻ اُهي پنهنجا سر پڪ کان پيارو ڪن ٿا. ڪلاڻين جي ڪات، دهشت، ڏاڍ، ظلم ۽ جبر کي ڏسي ڏڃن ٿا. پر اهي ماڻهو پنهنجو مقصد حاصل ڪندا جن جا سِرَ سٽ ۾ آهن. ايجان بہ وڏيڪ چئي ٿو تہ:

سنباهج سيد چئي، ڪاڻ ڪارڻ ڳنڊُ،
هي تنين جو هنڌ، متن پاسي مرن جي.

انقلاب جو پنڌ انتهائي اٽانگو آهي، جتي موت پنهنجو محبوب آهي. موت جو جامُ گڏوگڏ گردش ڪري ٿو. اتي ڪاڻ ڪارڻ ڪنڊُ سنباهي هلڻ گهرجي. هي مقصد انهن کي پلئہ پوندو جيڪي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ موت کي لبيڪ چون. هي ملهہ کو مهانگو ڪونهي.

ملهہ مهانگو قطرو سڪڻ شهادت،
ان عبادت، نظِر نياز پرينءَ جو.

عشق جي شراب جو قطرو وڏي ملهہ وارو آهي. ان جي قيمت شهادت کان گهٽ ڪونهي. پر انقلابي ماڻهو پاڻ کي ان راهہ ۾ قربان ٿيڻ ۾ عبادت سمجهن ٿا. هونئن بہ انقلابيءَ جو دين، ڌرم پنهنجو مقصد ئي هوندو آهي. ان سان ڪمٽمينٽ Commitment هوندو آهي. هُو آخري دم تائين اها ئي عبادت ڪندي گذاري ٿو ۽ انقلابي ڪڏهن بہ منزل ماڻڻ جي تمنا ۾ ناهن جيئندا. هو صرف جدوجهد جي علامت هوندا آهن.

مَرگر سڏ شراب جي، جي تون ٽارين ٽوهُہ،
پيتي جا نهن پاسي ٽئي، منجهان رڳن روح،
ڪاڻي چک ڪڪوهُہ، لاهي سر لطيف چئي.

شاهہ انهن کي خبردار ٿو ڪري تہ جيڪڏهن تون تڪليف کي ڏسي ڏڇين ٿو تہ ان کي حاصل ڪرڻ جي سڌ نہ ڪر. چاڪاڻ هي اهو شراب آهي جنهن جي پيئڻ سان نسن جو ستُ نڪريو وڃي.

عشق جي سفر ۾ فنا ٽيڻ ئي بقا آهي. ڇو تہ جا شيءِ فنا مان جنم ونڌي ٿي سا بقا آهي. اها بقا ستارن جي روح ۾ پٿر ۾ باهہ جيان سمايل آهي. پٽائي چئي ٿو:

آڻي اتر واءُ، موکي مٽ اپٽيا،
متار اتهہ ساءِ، اچن سر سنباهيو.

صبح جو سوير اتر جو واءُ لڳي ٿو مونکي پنهنجي مڌ جا مٽ کولي ٿي ۽ اچي شراب جي بوءِ سموري فضا ۾ ڦهلجي وڃي ٿي، ان بوءِ کي متارا سڃاڻي ونڻ ٿا ۽ سر سنباهيون ٿا اچن، هو وري ويڙهہ لاءِ سندرا ٿا ٻڌن، پنهنجي زندگي اڻپڻ لاءِ اتاولا ٿا ڏسجن. اها محبت جي انتها آهي. پياڪن جي اُڃ بہ عجيب آهي جو هڪ چاڙهين ٻئي جي طلب ڪن ٿا. پر جي سمنڊ منهن ڪن ٿا تہ سرڪيائي ڪين ٿي ٿئي. جيئن:

جهہ سي اڇڻ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُڃَ،
سائي ٽيندين اُڃَ، هي پيتو! هو آڻ ڪي!

هو جڏهن اڳڻ (ميدانِ جنگ) ۾ اچي ڪنا ٽيندا تڏهن سارو شراب پي صفايو ڪندا هنن کي تڏهن بہ اهڙي ئي اُڃ رهندي جو اڄا هڪ پي پورو ڪندا تہ مٽان چوندا. "ٻيو ڪي آڻ."

سنڌيءَ ۾ لفظ متارا جون بہ معنائون آهن، هڪ مت وارو ۽ سمجهہ وارو، ٻيو سپريا پهلوان. اهي پهلوان جڏهن آزادي ۽ انقلاب جي پنڌ ۾ مري وڃن ٿا تہ پٽائي انهن جي رهبري، انقلاب جو درس ڏيندڙ موکيءَ کي چئي ٿو تہ هاڻ تنهنجي رهڻ جو ڪو جواب ڪونهي ڇاڪاڻ تہ اُهي پياڪ نہ رهيا آهن. هيٺ چوي ٿو:

متارا مري ويا، موکي! تون پي مَرُ،
تنهنجو ڏوس ڏمر، ڪونہ سهندو ان ريءَ!

مرشد جو ڏمرُ طالب ري ڪير سهندو. اي ڪلال هاڻ تون بہ مَرُ تہ امر ٿين. خواجہ حافظ شيرازيءَ پڻ انهيءَ شراب (آدرش) کي معنيٰ خيز بڻائي ڇڏيو آهي، جيئن چئي ٿو تہ:

بکوي مي فروشانش بہ جامي درنمي گيرند،
زهي، سجاده تقويٰ کہ يک ساغر نمي ارزد.

(معنيٰ تہ نمازين کي جنهن پاڪ مصلي تي ناز آهي سو اسان مستن (آزاد پسندن) جي دنيا ۾ شراب جي هڪ پيالي جي بہ مترادف ناهي.)

بهرحال! پٽائي موکي، متارن جي قصي کي ابدي زندگي ڏئي ڇڏي آهي. جدليات ۽ انقلاب جي سائنس مطابق جيستائين انقلابي اديب عوام سان پنهنجي ويجهڙائيءَ وارا لاڳاپا نہ ٿو رکي جيستائين هو عوام جي احساسن، آدرشن، خيالن، امنگن جي ترجماني نہ ٿو ڪري ۽ سندن مستقبل جي لاءِ ڪا راهہ متعين نہ ٿو ڪري تيستائين هو ڪوبہ مؤثر ڪردار ادا نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي وري عوام ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري سگهي ٿو اهو ئي سبب آهي جو پٽائيءَ پنهنجون پاڙون عوام ۾ کوڙيون آهن جنهن کي ڏسي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ پٽائي هر دؤر جو عوامي ترجمان شاعر آهي ۽ رهندو.

س ا س ڏوڪري جي مختصر تاريخ

عهديدار (قيام کان وٺي 2006ع تائين)

1963ع کان 1976ع تائين سيڪريٽري ڪامريڊ حيدر جويو.

1977ع کان 1980ع تائين سيڪريٽري امداد قاضي.

1980ع کان 1982ع تائين سيڪريٽري قربان گاڏهي.

1983ع کان 1986 تائين سيڪريٽري مظفر علي کوهارو.

02 آڪٽوبر 1987ع سيڪريٽري ديدار سولنگي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري صلاح قاضي، آڊيٽر شيراز سولنگي، خزانچي سميع قاسماڻي.

09 آڪٽوبر 1987ع کان 21 آڪٽوبر 1988ع

سيڪريٽري ديدار سولنگي، ج س صلاح قاضي، آڊيٽر شيراز سولنگي، خزانچي سميع قاسماڻي، ڪائونسلر انور ابڙو.

04 نومبر 1988ع کان 08 جنوري 1990ع.

سيڪريٽري صلاح قاضي، ج س ناصر زهراڻي، خزانچي سميع قاسماڻي، آڊيٽر شيراز سولنگي، ڪائونسلر قاضي آصف.

15 جنوري 1990ع کان 15 جنوري 1991.

سيڪريٽري نثار کوکر، جوائنٽ س. ناصر زهراڻي، خزانچي نصرالله ڪولاچي.

18 جنوري 1990ع کان جنوري 1992.

سيڪريٽري ناصر زهراڻي، جوائنٽ سيڪريٽري عزيز منگي، خزانچي، گلاب سومرو آڊيٽر نصرالله ڪولاچي، ڪائونسلر نثار کوکر.

07 فيبروري 1992ع کان 15 جنوري 1993ع.

سيڪريٽري عزيز منگي، جوائنٽ سيڪريٽري سڪندر علي هليو خزانچي گلاب سومرو آڊيٽر واحد منگي، ڪائونسلر انور ابڙو.

22 جنوري 1993ع کان 22 جولاءِ 1993ع.

سيڪريٽري عزيز منگي، جوائنٽ سيڪريٽري عاشق جتوئي، خزانچي واحد منگي، آڊيٽر محمد علي شاهه، ڪائونسلر ناصر زهراڻي.

(نوٽ: 21 مئي 1993ع تي عزيز منگي لاڙڪاڻي جو رابطا سيڪريٽري چونڊجڻ بعد هيٺين باڊي چونڊي وئي.)

23 جولاءِ 1993ع کان 31 ڊسمبر 1993ع.

سيڪريٽري خير چنہ، جوائنٽ سيڪريٽري عاشق جتوئي، خزانچي واحد منگي، آڊيٽر محمد علي شاهه، ڪائونسلر ناصر زهراڻي.

31 ڊسمبر 1993ع کان ڊسمبر 1994ع.

سيڪريٽري عزيز منگي، جوائنٽ سيڪريٽري ادل سولنگي، خزانچي محمد علي شاهه، آڊيٽر عاشق جتوئي، ڪائونسلر خير چنه.

13 جنوري 1995ع کان 18 جنوري 1996ع.

سيڪريٽري خيرمحمد چنه، جوائنٽ سيڪريٽري گلاب سومرو، خزانچي محمد علي شاهه، آڊيٽر شهمير سومرو، ڪائونسلر عزيز منگي.

19 جنوري 1996ع کان 06 فيبروري 1997ع.

سيڪريٽري خيرمحمد چنه، جوائنٽ سيڪريٽري شهمير سومرو، خزانچي گلاب سومرو، آڊيٽر رشيد زهراڻي، ڪائونسلر حمزعلي سوهو.

07 فيبروري 1997ع کان 11 جنوري 1998ع.

سيڪريٽري شهمير سومرو، جوائنٽ سيڪريٽري گلاب سومرو، خزانچي رشيد زهراڻي، آڊيٽر مشتاق بڙدي، ڪائونسلر ڪامريڊ حيدر جويو.

25 جنوري 1998ع کان 24 مئي 1998ع.

سيڪريٽري خيرمحمد چنه، خزانچي عيسيٰ ميمڻ، ڪائونسلر حمزعلي سوهو.

(نوٽ: ٻين عهدن تي چونڊ نه ٿي سگهي، بعد ۾ 24 مئي 1998ع تي خير چنه ۽ حمز علي سوهو ذاتي مسئلا ڄاڻائي عهدن تان مستعفي ٿي ويا. جنهن ڪري 07 جون 1998ع تي نئين چونڊ ڪرائي وئي.)

07 جون 1998ع کان 24 جنوري 1999ع.

سيڪريٽري شهمير سومرو، جوائنٽ سيڪريٽري حمز علي سوهو، خزانچي گلاب سومرو، آڊيٽر اعجاز ميمڻ، ڪائونسلر انور ڏنگڙائي.

24 جنوري 1999ع کان 16 جنوري 2000ع.

سيڪريٽري شهمير سومرو، جوائنٽ سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ، خزانچي گلاب سومرو، آڊيٽر حاڪم منگريو، ڪائونسلر مشتاق بڙدي.

30 جنوري 2000ع کان 25 فيبروري 2001ع.

سيڪريٽري حاڪم مگريو، جوائنٽ سيڪريٽري گلاب سومرو، خزانچي مظفر منگي، آڊيٽر شهمير سومرو، ڪائونسلر خير چنه.

04 مارچ 2001ع کان 03 فيبروري 2002ع.

سيڪريٽري حاڪم مگريو، جوائنٽ سيڪريٽري گلاب سومرو، خزانچي مظفر منگي، آڊيٽر شهمير سومرو، ڪائونسلر خير چنه.

04 مارچ 2001ع کان 03 فيبروري 2002ع.

سيڪريٽري حاڪم مگريو، جوائنٽ سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ، خزانچي گلاب سومرو، آڊيٽر شهمير سومرو، ڪائونسلر مظفر منگي.

03 فيبروري 2002ع کان 29 ڊسمبر 2002ع.

سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري علي بخش پنهل، خزانچي گلاب سومرو، آڊيٽر منظر ميتلو، ڪائونسلر انور ڏنگڙائي.

29 ڊسمبر 2002ع کان 18 اپريل 2003ع.

سيڪريٽري ديدار سولنگي، جوائنٽ سيڪريٽري حمز علي سوهو، خزانچي علي بخش پنهل، آڊيٽر گلاب سومرو، ڪائونسلر انور ڏنگڙائي.

(نوٽ: 18 اپريل 2003ع تي ديدار سولنگي ذاتي مصروفيتن جو سبب ڄاڻائي مستعفي ٿي ويو.

20 اپريل تي شاخ جي جنرل باڊيءَ جو هنگامي اجلاس ڪوٺائي نئين باڊي تشڪيل ڏني وئي.)

20 اپريل 2003ع کان 4 جنوري 2004ع.

سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري علي بخش پنهل، خزانچي غفور زهراڻي، آڊيٽر گلاب سومرو، ڪائونسلر انور ڏنگڙائي.

04 جنوري 2004ع کان 02 جنوري 2005ع.

سيڪريٽري غفور زهراڻي، جوائنٽ سيڪريٽري احمد جتوئي، خزانچي آزاد جروار، آڊيٽر ديدار سولنگي، ڪائونسلر ادل سولنگي.

02 جنوري 2005ع کان 19 مارچ 2006ع.

سيڪريٽري اقرار پيرزادو، جوائنٽ سيڪريٽري مجيد زهراڻي، خزانچي راحيل قاضي، آڊيٽر مظهر ابڙو، ڪائونسلر ادل سولنگي.

19 مارچ 2006ع کان موجود باڊي.

سيڪريٽري سارنگ پٽ، جوائنٽ سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ، خزانچي آزاد جروار، آڊيٽر عبدالحق ساريو، ڪائونسلر ديدار سولنگي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوکريءَ جا موجوده عهديدار ۽ ميمبر.

سارنگ پٽ، عيسيٰ ميمڻ، آزاد جروار، عبدالحق ساريو، ديدار سولنگي، ادل سولنگي، انور ڏنگڙائي، اقرار پيرزادو، ڪامريڊ حيدر جويو، احمد جتوئي، مظهر ابڙو، امام الدين پٽ، عرفان راهي، ظهير بسمل، غفور زهراڻي، سجڻ سنڌي، رجب سولنگي، راحيل قاضي، راشد قاضي، منير سومرو، جيئيم سيد جويو، احمد ڪوسو، حمز علي سوهو، مجيد زهراڻي، علي بخش پنهل ۽ زبير ڀگهيو.

پروگرام

ليڪچر: سنڌي شاعري جو تخليقي پهلو، تاج جويو، 18.01.1988ع.

پٽائيءَ جو نظريو – انور پيرزادو، 1988ع.

سنڌ ۾ دهشتگردي، نسل پرستي ان جا ڪارڻ ۽ حل: انور پيرزادو. جولاءِ 1990.
سنڌ ۾ نظرياتي گهوٽالو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ. 13 نومبر 1992.
وائي ۽ ڪافي جي فني ڇنڊڇاڻ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ/سرور منگي. 30.03.1997ع.
ڪميونزم جو ماضي حال ۽ مستقبل. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ. 13.10.2000ع.
شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو. 04.11.2001ع.
انساني جو فن ۽ ٽيڪنڪ. موهن لعل پريمي. 28.07.2002ع.
سماج ۾ خودڪشيءَ جا وڌندڙ لاڙا. ڊاڪٽر عنايت مگسي. 11.08.2002ع.
ادب جو سماجي ڪارج. عزيز منگي. 01.12.2002ع.
مزدور جدوجهد جو تاريخي پسمنظر. اصغر سنڌي. 04.05.2003ع.
پٽائي ۽ ڪاهوڙي تحريڪ. لطف پيرزادو. 20.06.2003ع.
تصوف جو سماجي ڪارج- سڪندر علي عباسي. 18.04.2004ع.
مزدور جدوجهد. عادل عباسي. 02.05.2004ع.
سنڌ ايڪيهين صديءَ ۾. جاويد قاضي. 30.05.2004ع.
غزل جي فني بيهڪ ۽ تاريخي پسمنظر. رياضت برڙو. 19.12.2004ع.
ادب جو انقلابي ڪردار. عاصم آخوند. 10.05.2005ع.

مشاعرا:

آگسٽ 1992ع صدارت انور ڏنگڙائي.
13 آگسٽ 1993ع. صدارت. جواد جعفري.
14 اپريل 1995ع. صدارت. غلام نبي گل. خاص مهمان وفا ناٿن شاهي.
30 مارچ 1997ع. صدارت. فيض پيرزادو.
14 فيبروري 1999ع. صدارت. خيرمحمد چنہ. (بسنت مشاعرو).
06 فيبروري 2000ع. 1999ع واري بادبيءَ کي الوداعي پارٽي ۽ مشاعرو.
18 ڊسمبر 2001ع. صدارت. گلاب سومرو. (مشاعرو ۽ محفل موسيقي).
24 فيبروري 2002ع. صدارت. عيسيٰ ميمڻ. (مهين جي ڏڙي تي مشاعرو ۽ محفل موسيقي).
19 آڪٽوبر 2003ع. صدارت. ايار گل. (سرور منگي جي ياد ۾).
04 فيبروري 2004ع. صدارت. ادل سولنگي. (عيد مشاعرو).
14 نومبر 2004ع. صدارت. آزاد جتوئي. (عيد مشاعرو).
22 جنوري 2005ع. صدارت. ادل سولنگي (عيد مشاعرو).

رهاڻ/شام

واجد سان رهاڻ. صدارت. رزاق مهر. 17 اپريل 1991ع.
ادل سولنگي سان رهاڻ. صدارت. ڊاڪٽر ادل سومرو. 16 نومبر 2002ع.
انور ڏنگڙائي سان رهاڻ. صدارت. رياضت ۾رڙو 25 ڊسمبر 2003ع.

پڪنڪ

27 جون 2003ع. دادو ڪئنال جي ڪپ تي سونهري پل وٽ.
11جولاءِ 2004ع. دادو ڪئنال جي ڪپ تي سونهري پل وٽ.
17 جولاءِ 2005ع تي ..... جي اڳيان سنڊوءَ جي ڪپ تي.

مهورت

ڏوٽي انهيءَ ڏيهه جا (انور ڏنگڙائي) صدارت. ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي 15 مارچ 1994ع.
ادبي گل (موهن لعل پريمي) صدارت. ڊاڪٽر بشير احمد شاد. 18 ڊسمبر 2005ع.

سالگره

سائين جي ايم سيد جي سالگره. صدارت شهمير سومرو. 16 جنوري 2000ع.
سائين جي ايم سيد جي سالگره. صدارت اصغر سنڊي. 29 جنوري 2005.

لطيفي ميڙاڪا

لطيفي رهاڻ. صدارت سلطان احمد ابڙو. 17 جون 2000ع.
جشن لطيف. صدارت انور ڏنگڙائي. 28 اپريل 2002ع.

آجياڻو/الوداعي پارٽي

عيسيٰ ميمڻ کي 15 جولاءِ 2001ع تي پاڻي ڪيس ۾ جيل ياترا کان پوءِ آجياڻو.
نون آيل ميمبرن جي مان ۾ آجياڻو. صدارت علي بخش پناڻ. 14 آگسٽ 2003ع.
نون ميمبرن جي مان ۾ آجياڻو. صدارت غفور زهراڻي 17 آگسٽ 2003ع.
نون ميمبرن جي مان ۾ آجياڻو. صدارت عبدالحق ساريو. 28 مارچ 2004ع.
ڏوکري ڪاليج جي نئين پرنسپال جي مان ۾ آجياڻو صدارت ديدار سولنگي 15 مئي 2005ع.
تعلقي ڏوکريءَ جي 54 صاحب ڪتاب شخص جي مان ۾ آجياڻو. خاص مهمان نثار احمد کهڙو. 18.03.2000ع.
سال 2001ع واري بادِيءَ کي الوداعي پارٽي. صدارت حاڪم مگسريو. 17 فيبروري 2002ع.

سال 2003ع واري بادِيءَ کي الوداعي پارٽي. صدارت غفور زهراڻي. 25 جنوري 2004ع.
سال 2005ع واري بادِيءَ کي الوداعي پارٽي. صدارت حيدر جويو. 02 اپريل 2006ع.

کهاڻي ويهڪ

16 سيپٽمبر 1994ع. صدارت ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ.
29 اپريل 2001ع. صدارت منظور کوهيار.

تعزيتي ميڙ

هدايت منگي جي لاڏاڻي تي. صدارت علي گوهر بٽ. 26 ڊسمبر 1999ع.
سرور منگي جي لاڏاڻي تي. صدارت عيسيٰ ميمڻ. 11 مارچ 2001ع.
خيرمحمد چنہ جي لاڏاڻي تي. صدارت روشن ڪوري. 28 آڪٽوبر 2003ع.
ڊاڪٽر شمس سومرو جي لاڏاڻي تي. صدارت گلاب سومرو. 21 ڊسمبر 2003.
شيخ ايازجي ياد ۾ ميڙاکو. صدارت عبدالحق ساريو. 28 ڊسمبر 2003ع.
رمضان نول جي لاڏاڻي تي. صدارت ادل سولنگي. 31 جولاءِ 2005ع.

ورسيون

شيخ ايار. صدارت شهمير سومرو. 30 ڊسمبر 2001ع.
سرور منگي جي پهرين ورسي. صدارت امجد منگي. 07 اپريل 2002ع.
هدايت منگي (پنجين ورسي) صدارت. رضوان عمراڻي. 24 ڊسمبر 2004ع.
راجا ڏاهر جي 1293هين ورسي. صدارت احمد جتوئي. 19 جون 2005ع.
حيدر بخش جتوئي. صدارت ديدار سولنگي. 21 مئي 2005ع.
شيخ ايار. صدارت موهن لعل پريمي. 01 جنوري 2006ع.
استاد بخاري (13هين ورسي). صدارت ادل سولنگي. 09 آڪٽوبر 2005ع.

متفرق

پنهنجي کهاڻي پنهنجي زباني. ڪامريڊ مولوي عبدالله لغاري. 05 نومبر 2000ع.
مذاڪرو. ادب ۽ سياست جو ڪردار. صدارت استاد گل محمد دايو. 25 جون 2006ع.

سنگت شاخ ڏوکريءَ جا کهاڻيڪار

نثار کوکر. قربان سنديلو صلاح قاضي، ناصر زهراڻي، انور ڏنگڙائي، رشيد زهراڻي، دولهہ دريا خان، مختيار ميمڻ، عيسيٰ ميمڻ، ارشد نواب ميراڻي، گلاب سومرو.

شاعر

ادل سولنگي، فيض پيرزادو، عزيز منگي، شهمير سومرو، خيرمحمد چنو، انور ڏنگڙائي، طارق امر آريجو، مشتاق بڙدي، عاشق جتوئي، مظفر منگي، عبدالحق ساريو، حاڪم مگريو، منظر ميتلو، رجب سولنگي، سرور منگي، عيسيٰ ميمڻ، قربان جتوئي، سارنگ پٽ، احمد جتوئي، احمد ڪوسو، جيئيم سيد جويو، عرفان راهي، اسد ڀگهيو، جان محمد سومرو، ظهير بسمل، زبير ڀگهيو.

صحافي/ڪالم نويس/مضمون نويس

نثار ڪوڪر، قاضي آصف، صلاح قاضي،، ادل سولنگي، گلاب سومرو، حمز علي سوهو، مجيد زهراڻي، علي بخش پٺاڻ، اقرار پيرزادو، عيسيٰ ميمڻ.

ڏوڪري شاخ پاران ڏنل سندون (03_2002)

لطف الله پيرزادو (لطيفيات)، عزيز منگي (ادب)، ديدار سولنگي (تحقيق)، نظر محمد ڪنپر (تعليم)، نثار ڪوڪر (صحافت) منور ابڙو (آرٽ/مصوري)، چٽل زهراڻي (لوڪ ادب)، عطا محمد پان (سماجيات)، اصغر مگٽهار (موسيقي)، انور ڏنگڙائي(لسانيات)، موهن لعل پريمي (سچل تحقيق)، استاد حيات مگٽهار (راڳ)، غلام فاطمه ميراڻي (سماجيات)، قربان مگٽهار (متي نواز)، ڊاڪٽر ضمير منگي (طب)، روشن ڪوري (لوڪ ادب)، الله بخش منگي (تعليمدان)، ڊاڪٽر مظفر ڪوهارو (طب)، ادل سولنگي (شاعر/اديب)، علي شير ٺهيم (لطيفيات)، حفيظ قاسماڻي (آرٽ)، محمد ادريس سومرو (صحافت).

ڏنل ايوارڊ

حاڪم مگريو (س ا س ڏوڪري لاءِ خدمتن عيوض 2002ع).
گلاب سومرو (س ا س ڏوڪري جو بهترين خزانچي 2002ع).
منظر ميتلو (س ا س ڏوڪري جو نئون شاعر 2002).
حيدر جويو (س ا س ڏوڪري جو بنياد وجهڻ عيوض 2002)ع.
عيسيٰ ميمڻ (س ا س ڏوڪري جو بهترين ورڪر. 2004ع)ع.
حمز علي سوهو (س ا س ڏوڪري جو نقاد. 2004ع).
جبار ميمڻ (س ا س ڏوڪري جو سهڪاري صحافي طور. 2004).

ڏنل شيلڊون (ادبي خدمتن عيوض) 2001ع.

موهن لعل پريمي، ادل سولنگي، انور ڏنگڙائي، سرور منگي، عادل عباسي، منظور ڪوهيار، نثار شاهين ۽ عزيز منگي کي.

س ا س ڏوڪري پاران ڪيل احتجاج/ بک هڙتالون/ مارچ/ مظاهرا

20 جنوري 2001تي منڌار سولنگي ۽ حسين بخش ناريجو جي ڏاڙيلن کان بازيابي لاءِ پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي واڪ.

03 فيبروري ۽ 06 فيبروري 2002ع تي ڏوڪري ۽ لاڙڪاڻي پريس ڪلب اڳيان منڌار سولنگيءَ جي بازيابي لاءِ علامتي بک هڙتال.

10 فيبروري 2002ع پريس ڪلب ڏوڪري اڳيان ٽل ڪٽنال خلاف بک هڙتال.

مهين جي ڏڻي مان چوري ٿيل نواردات جي واپسي ۽ چورن جي گرفتاري لاءِ مختلف تاريخن ۽ هنڌن تي احتجاجي ڏرٽا ۽ بک هڙتالون ڪيون ويون جن جون تاريخون ڏجن ٿيون.

سن 2002ع 29سيپٽمبر 20 آڪٽوبر، 03 نومبر، 17 نومبر، 24 نومبر.

سن 2003ع، 08 جون، 04 جولاءِ، 14 سيپٽمبر، 23 نومبر.

سن 2004ع، 14 مارچ 2005ع، 17 سيپٽمبر 2006ع سنڌي ادبي بورڊ جي غير سنڌي چيئرمين خلاف مرڪزي سڌ تي علامتي بک هڙتال.

04 سيپٽمبر 2005ع. س ا س مرڪز جي سڌ تي ڪالاباغ ڊيم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.

شاخ ڏوڪريءَ لاءِ اعزاز

1992ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي بهترين شاخ جو سرٽيفڪيٽ ڊاڪٽر تنوير عباسي هٿان ان وقت جي سيڪريٽري عزيز منگي وصول ڪيو.

2004ع ۾ مرڪز پاران سنڌ جي بهترين شاخ طور نامزدگي ٿي.

05 آگسٽ 2005ع تي ڏوڪري تعلقي جي تعليمي بچاءَ جي سلسلي ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ Save Education Forum (SEF) جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن جي اڳواڻي س ا س شاخ ڏوڪري ڪري رهي آهي.

سنگت طرفان هر مهيني جي پهرئين آچر تي لطيف شناسي تي هڪ اپياسي ميڙاڪو ٿيندو آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ شرڪت 20 هوندي آهي.

سياسي، ادبي ۽ سماجي شخصيتون

هِند ۽ سِنڌ جو سورمو: هيمون ڪالاڻي

شيخ اياز لکيو آهي تہ "مان اڄان تائين اهو فيصلو نہ ڪري سگهيو آهيان تہ تاريخ شخصيتن کي ٺاهيندي آهي يا شخصيتون تاريخ کي ٺاهيندیون آهن." بهرحال ڪنهي حالتن ۾ تاريخ کي پنهنجي سفر کي جاري رکڻ لاءِ شخصيتن جي قربانين جي ضرورت رهي ٿي. تاريخ جي ارتقا جو سفر جڏهن سست ٿيڻ لڳندو آهي تہ تڏهن تاريخ کي رت جي ضرورت پوندي. تاريخ جو جياپو آهي رت ۽ شايد دنيا جي تاريخ کي ڳولي ڏسو توهان کي تاريخ جي وک وک تي شهيدن جي رت جا نشان نظر ايندا. سنڌ ۾ بہ راجا ڏاهر، دودي سومري، مخدوم بلاول، دولهہ دريا خان،م هوشو شيدي، سورهيہ بادشاهہ کان هيمون ڪالاڻي تائين شهيدن جو مقدس رتُ، وک وک تي توهان کي نظر ايندو. سنڌ جي سمورن سورمن کي چڏي ڪري اسان صرف اڄ هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جا پيرا ڪٽنداسين.

پيدائش ۽ پرورش:

سکر جي ڪالاڻي ڪٽنب ۾ پيسو مل جي گهر ۾ 23_مارچ 1923ع ۾ جنم وٺندڙ هيمو ڪالاڻيءَ جو اصل نالو "راهي هيمن" هو پر پيءُ ماءُ جي اڪيلي پٽ هئڻ سبب ڪيس پيار ۾ لاڏ ڪوڏ مان "هيمون_هيمون" چوندا هئا. هو تڪل ميونسپل اسڪول ۾ پڙهيو. ڪرشن منڊل جيمخانا ۾ ڪسرت ڪندو هو. تيز مينهن ۾ سنڊوندي اڪري پار ڪندو هو. لئنسڊائون پل تان سنڊوءَ ۾ ٽپا ڏيندو هو. سکر ۾ نم جي چاڑهي تي يڪساهي سائيڪل تي چڙهي ويندو هو. ڪڍڻي راند ۾ بہ سندس ڪو ثاني نہ هو. ڪاسيءَ تي چڙهڻ وقت هيمون جي عمر 19 سال هئي. پاڻ مٽرڪ پاس ڪئي هئائين.

سياسي تربيت:

هيمون جو چاچو منگهارام ڪالاڻي نوجوانن کي سياست، انقلاب ۽ آزاديءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ "سوراج سينا" نالي جماعت ٺاهي هئي جنهن ۾ 19_20 کان 25 سالن جي عمر جا نوجوان انهيءَ جماعت ۾ شامل هئا. انهيءَ جماعت جو هيمون ڪالاڻي بہ ميمبر ٿيو. جتي هن تعليم سان گڏوگڏ ترڻ، ڪثرت ڪرڻ کان علاوه پنهنجي هم عصرن ۾ سياسي سجاڳي آڻڻ لاءِ متحرڪ رهيو. ان ساڳئي عرصي ۾ سکر سينٽرل جيل جي سامهون کرڙي جي تاريخي ميدان تي قومپرستن ۽ ترقي پسندن جي ڪانفرنس ۾ محمد امين کوسي جي تقرير سندس ڏهن تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا. جڏهن تہ سندس آدرشي اڳواڻ پڳٽ سنگهہ جنهن جي تصوير سندس گهر ۾ لڳل هئي ۽ ان جا گيت ڳائيندو وتندو. هڪ ڏينهن تہ هو پنهنجي ڳلي ۾ رسي وجهي رهيو هو ماڻهن جي سبب پڇڻ تي ٻڌايائين تہ مان ڏسڻ گهران ٿو تہ پڳٽ سنگهہ ڪيئن ڦاسيءَ تي محسوس ڪيو هوندو. اهي سڀ عمل هيمون جي ذهني ۽ سياسي تربيت ڪرڻ ۾ ڪارائتا ثابت ٿيا. جڏهن اڄان اٽن سالن جو مس ٿيو هو تہ پاڻ جيڏن جا ٽولا ٺاهي ترنگو جهنڊو کڻي سکر جي گهٽين ۾ ٻارن سان گڏ آزاديءَ جا نعرا هڻندو وتندو هو. سندس ماءُ بہ انگريزن خلاف سندس ذهن تي اثر ڇڏيا. آزاديءَ جي هلچل جيئن تيز ٿي ولائتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو تہ هيمون باندر سئنا سان گڏجي پراڻي سکر ۽ نئين سکر مان

روزانو هزارين رپين جو ولائتي ڪپڙو گڏ ڪري ساڌ ٻيلي جي سامهون ساڙڻ ۾ بهرو وٺندو هو.

"حر گوريلا جنگ ۽ هندستان خالي ڪريو"

تحريڪ جا هيمون تي اثر:

آگسٽ 1942ع ۾ ڪانگريس هندستان خالي ڪريو تحريڪ (Quit India Movement) هلائي. جنهن گوري سرڪار جون پاڙون اکيڙي ڇڏيون. بيشمار فساد ٿيا. سرڪاري آفيسن ۽ عملدارن تي حملا ڪيا ويا. ٽاٽا ساڙيا ويا. گانڌيءَ جي نعري "ڪرو يا مرو" (Do or Die) ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو. سڄي پارت ۾ وڏي انقلابي هلچل مچي ويئي ۽ ان ساڳئي عرصي ۾ سنڌ ۾ حر گوريلا جنگ جو آغاز ٿي چڪو هو. پير صبغت الله شاهه پاڳاري انگريزن کي ٽوڙا ڇڙائي ڇڏيا هئا. سنڌ جي پهرين منظم گوريلا جنگ هئي. هنن ته انگريز سرڪار جو قانون به هٿ ۾ ڪنيو هو. ٽنڊي آدم (ضلع نوابشاهه) پرسان لاهور ميل کي حُر گوريلن ڪيرائي وڏو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو برصغير تي انگريزن پهرين مارشل لا به ڪراچيءَ کي ڇڏي ڪري سنڌ ۾ لڳائي هئي. ان عرصي ۾ سنڌ اندر حر تحريڪ جا چاليهه هزار سنڌي شهيد ٿيا ۽ ست هزار سنڌي عورتن جي عصمت دري ٿي. انهن واقعن به هيمون تي انگريزن خلاف زبردست اثر ڇڏيا هئا.

ٽرين کي ڪيرائڻ جي ڪوشش:

هيمون ۽ ان جي ساٿين کي اطلاع مليا ته انگريز ملٽريءَ سان پريل هڪ ٽرين سکر مان لنگهي ڪوئيٽا بلوچن کي ڪچلڻ لاءِ اسلحو ۽ فوجي کڻي وڃي رهي آهي. ته هنن اهو فيصلو ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ ٽرين کي اتي پهچڻ نه ڏيندس. ان وقت سکر پراڻي جي شمشان گهاٽ ۾ هنن جي خفيه گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ ڪيترائي ساٿي شريڪ هئا. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ هيمون اڪي ٻيهي رهيو ته اهو ڪم مان ڪندس. آخرڪار پرچو وڏيارتي ۽ سندس سؤٽ عيشي وڏيارتي اهي ٽيئي ساٿي گڏجي مخدوم جماڻي پير جي سامهون ڪڙائي سيدن جي گهر وٽ، ريل جي پٽڑي اکيڙڻ لڳا. ٽاڙو ان جي پرسان هو. پرچو وڏيارتيءَ پري کان ماڻهو ايندو ڏسي ساٿين کي کسڪي وڃڻ لاءِ چيو پر هيمونءَ ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. آخرڪار پڪڙجي پيو ۽ جڏهن ته سندس به ساٿي پڇي ويا. اها 23_آڪٽوبر 1942ع جي چانڊوڪي رات هئي ۽ رات جا 12 مڪمل ٿي چڪا هئا. هيمون کي پڪڙائڻ پنيان پنجابي پوليس وارو فيروز خان هو جنهن انگريزن سان نمڪ حلالي ڪندي سنڌ جي سورمي کي پڪڙايو.

ڪيس ۽ سزا ۽ جيل ۾ ارڏائپ:

هيمونءَ کي گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس طرح طرح جا عذاب ڏنائون. ايتريقدر جو سخت سرديءَ ۾ به هيمو تي برف جي ڪينن (نادين) تي اگهاڙو 21 ڏينهن تائين سزا ڏيندا رهيا پر تنهن باوجود به ٻاهر ٻاڪ نه ڪڍيائين. آخرڪار سکر ڪورٽ مارشل لا ۾ هيمون کي عمر قيد جي سزا ڏني ويئي. سندس اهو فيصلو نظرثانيءَ لاءِ حيدرآباد جي مارشل لا ڪورٽ کي موڪليو ويو. جتي انگريز بي رحم رچرڊسن عمر قيد جي سزا کي سزاءِ موت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هن تي مقدمو هلائي پچيائونس ته توکي ڪجهه چوڻو آهي، چيائين ته، "مونکي افسوس آهي جو مان ٽرين

ڪيرائي نہ سگھيس.“ هن کي معافي ونڻ لاءِ پڻ زور رکيو ويو پر چيائين تہ”معافي ونڻ ڪنهن ديش ڀڳت جو وڙ نہ آهي.“ جيل ۾ سندس ماءُ بہ معافيءَ لاءِ آئي هئي پر ان کي بہ سِڏو چيائين تہ”هڪ تون منهنجي ماءُ آهين ۽ بي ڏرتي ماءُ آهي. مون کي ٻنهي جون عزتون پياريون آهن ۽ هاڻي ڏرتيءَ جي عزت خاطر قربان ٿي رهيو آهيان. مون کي نہ روڪ.“ هن جي ماءُ بہ ان عمل مان خوش ٿي ۽ کيس چيائين تہ ”مون کي توتي فخر رهندو ۽ جيڪڏهن تون شهيد بہ ٿي وئين تہ مون کي ڪو ارمان نہ رهندو.“

آخر اهو 21ـ جنوري 1943ع وارو ڏينهن بہ آيو جڏهن پرهہ ڦٽيءَ جو هيمون کي تختِ دار تي آندوويو. ڦاهي جي ويل، سويرِ اٿيو ”گيتا“ پاٺ ڪري، ڦاهيءَ جي جاءِ تي جلاد کان رسي ونڊي پاڻ پنهنجي هٿن سان ڳچيءَ ۾ وڌائين. ڦاسيءَ تي چڙهڻ وقت ”انقلاب زنده باد“ جا نعرا هڻي ڦاهيءَ کي سرخرو ڪري ويو.

پارت ۾ هيمون کي مڃتا:

1947ع ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ هيمون ڪالاٽيءَ جا ماءُ، پيءُ، چيمپور ڪالوني بمبئي ۾ رهائش پذير ٿيا. اتي 1951ع ۾ شهيد هيمون ڪالاٽي يادگار منڊل قائم ڪيو ويو. ان منڊل پاران هر سال هيمون جي شهادت جو ڏاڙو ملهائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. اتي اڪل پارت سنڌي پنچائت فيڊريشن بمبئي وارن جي محنت سان چيمپور ڪالوني ۾ هڪ هزار وال پلاٽ تي هيمون جو يادگار قائم ڪرايو ويو ۽ سندس امڙ ماتا جيني مائيءَ کي ”سنڌو ماتا“ جو لقب ڏنو ويو. سندس امڙ 1986ع ۾ 90ـ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويئي. جڏهن تہ سندس جيئري سڀ کان وڏو اعزاز پارت جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ جي ڪوشش سان 1984ع ۾ هيمون ڪالاٽيءَ جي نالي سان يادگار ٽڪلي جاري ڪرائي. اڄ بہ سڄي پارت ۾ سنڌي رهن ٿا، هيمون ڪالاٽيءَ کي پنهنجو سورمو سمجهن ٿا ۽ انهيءَ جا ڏاڙا پڻ ملهائين ٿا.

سنڌ ۾ هيمون ڪالاٽيءَ کي سڀ سنڌي مسلمان خواه هندو پنهنجو سورمو تسليم ڪن ٿا ۽ ان جا ڏاڙا ملهائڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا. ان ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ هيمون هند ۽ سنڌ جو سورمو آهي ۽ رهندو. عبدالحڪيم ارشد جي هن خوبصورت سٽن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي هيمون کي ٻيٽا ڏئي سگهجي ٿي تہ:

اڄ يي تنهنجي ياد اچي ويئي،
اڄ يي منهنجا لڙڪ لڙي پيا.
اڄ يي تنهنجون ڳالهيون ساريم،
اڄ يي ساڳي جنگ لڳل آ،
اڄ يي ساڳي باهہ ٻري پيئي.
اڄ يي سنڌڙي سڏڪي پيئي،
اڄ يي ڦاهي ماندي آهي.
اڄ يي ڏرتي ماتا جي دانهن،

مون کي جھنجھوڑي جاڳايو،
هيمون منهنجا دوست!
مان تنهنجي روح کي سامهون آڻي،
سنڌڙي سان ٿو قول ڪريان،
جيجل جيسين جيئر رهندس،
تيسين تو لئہ لکندو رهندس!

ويهين صديءَ جو باغي شاعر: شيخ اياز

شروعاتي دؤر ۾ انسان ٻوليءَ کي رابطي جو ذريعو بڻايو. چاڪاڻ ته ٻوليءَ وسيلي اسان پنهنجي خيالن، خوابن، جذبن، احساسن ۽ ضرورتن کي تڪڙو اظهاري سگهون ٿا. هونءَ ته موسيقي، مصوري، ڊانس، فنون لطيف سان لاڳاپيل سمورا موضوع به اظهار جو ذريعو آهن پر ان اظهار سان گهڻي دير ۽ مشڪلات پيش اچي ٿي. جنهن سبب انسان ٻوليءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. ٻوليءَ جون پاڙون به سماج ۾ ئي هونديون آهن. سماج کان سواءِ ٻوليءَ جو وجود به باقي نه ٿو رهي. ٻوليءَ جي تبديلي سماجي ۽ معاشي تبديليءَ سان مشروط هوندي آهي. سماجي ۽ معاشي تبديليءَ سان نه صرف ٻولي پنهنجي جوهر ۾ ان تبديلي کي ڪٽندي آهي پر ان تبديليءَ لاءِ اهم ڪردار ادا پڻ ڪندي آهي. ٻولي جڏهن ادب جو رخ اختيار ڪري ٿي ته ان جي وسعت ايجان به وڌيڪ گهري ۽ اهم ٿئي ٿي. چاڪاڻ ته ادب نه صرف سماج جو مطالعو ڪري ٿو پر سماج کي هڪ ڪيئن گهرجي، ان جو تخيل به پيش ڪري ٿو. ان ڪري ئي ادب جو سماج جي سموري تاريخي سفر ۾ اهم حصو ڳڻي سگهجي ٿو. ادب کان سواءِ ڪڏهن به سماج توڙي قوم جي تڪميل جو سوال اٽڪورو پاسجي ٿو. جيتوڻيڪ سماج توڙي قوم کي پائڻ تڪميل تي سياست وڻي وڃي ٿي پر ان جا دڳ، پيچرا ۽ مقصد توڙي منزل ادب متعين ڪري ٿو. ان ڪري سماج جي تبديليءَ ۾ ادب جو سهارو وڻي جن تاريخ جي وڏن ماڻهن ڪردار ادا ڪيو آهي انهن ۾ ويهين صديءَ جا سنڌ ۾ به وڏا نالا، جي ايم سيد ۽ شيخ اياز جي صورت ۾ سامهون اچن ٿا. ويهين صدي سنڌي ادب جي ڏس ۾ اهم صدي ليکي ويندي آهي چاڪاڻ ته هن صديءَ ۾ سنڌي ادب عروج جي بلندين کي وڃي ڇهيو آهي. جي ايم سيد سنڌي نثر ۾ اهم ۽ وڏو نالو آهي جنهن وقت جي ضرورت کي محسوس ڪندي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي دستاويزي شڪل ۾ شناخت ڏني. هن جي قلم جا موضوع صرف ۽ صرف قوم جي خوشحالي ۽ مستقبل جي اڏاوت رهيا آهن. ايار به ويهين صديءَ ۾ جيڪا سنڌي ادب کي وسعت بخشي آهي اها لطيف کان پوءِ ٻئي ڪنهن دؤر ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي پئي اچي. ايار ۽ جي ايم سيد ان ڪري وڏا ليکڪ نه آهن ته انهن گهڻا ڪتاب لکيا آهن پر ان ڪري به وڏا ليکڪ آهن چاڪاڻ ته انهن مروج ريتن، رسمن خلاف بغاوت ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج ۾ جدت پسنديءَ جا نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن. اڄ اسين هتي صرف شيخ ايار جي شاعري ۾ جيڪي بغاوت جا اولڙا نظر اچن ٿا، انهن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ايار جديد سنڌ جو باغي شاعر آهي.

سماج سان بغاوت:

سماج انساني ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ جنم ورتو آهي. شروعاتي دؤر ۾ انسان پنهنجي طريقي ۽ پنهنجي مفادن لاءِ جيئندوهو. اڄتي هلي انسان جون ضرورتون وڌيون فطرت ۽ وحشي جانورن جي خوف سبب اڪيلي سر انهن کي منهن ڏيڻ انتهائي مشڪل ٿي پيو ته ان ضرورت ۾ انسان هڪٻئي جي ويجهو اچڻ شروع ٿي ويا. ائين سماج ٺهيا ۽ سماج جون ريتون رسمون توڙي قانون ٺاهيا. اهي سڀ قانون ۽ ضابطا انسان کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ٺاهيا ويا هڪا پر اڄتي

هلي اهي انساني آزادي ۽ جياپي لاءِ زنجير ٽوڙجي ويا. جيئن روسو چيو آهي ته "انسان آزاد ڄائو آهي پر هو هر هنڌ سنگهرن ۾ ٻڌل آهي." ان حالت ۾ انسان پنهنجي حالتن جي تبديليءَ لاءِ بغاوتون ٻه ڪيون آهن. خصوصاً هر جينيئس سماج سان بغاوت جو علم پهريائين کوڙينيدو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر جينيئس پنهنجي دؤر جي متنازعہ شخصيت ٽوڙجي ويندو آهي. چاڪاڻ ته جيئن عام ماڻهو سوچيندو آهي ائين سماج اندر جينيئس ماڻهو ناهي سوچيندو. جينيئس ماڻهو زمان يا مڪان جون بندشون ٽوڙيندو آهي سڄي تاريخ اهڙن مثالن سان پري پئي آهي.

"اياز ٻه جينيئس هو. يقيناً سماج سان بغاوت کان پاڻ کي ڪنهن ٻه طرح بچائي نہ سگهيو. سندس ادبي، سياسي توڙي شخصي زندگيءَ مان سماج سان بغاوت جا عڪس چٽي طرح سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن چوي ٿو:

باغي آهيان، باغي آهيان تنهنجو آءٌ سماج،
توسان وڙهندو رهندو منهنجو هر هڪ رت ڦڙو.

اياز جي هي بغاوت سماج کي ڏوڏي ڇڏي ٿي، سماج ۾ هونئن ٻه جيئڻ جا ٻه رستا آهن يا ته سماج سان Compromise ڪري ڇڏجي يا بغاوت ڪجي. اياز پوئين رستي کي اوليت ۾ رکيو. هن جي سموري تخليقي سفر جو مواد "سماج" مان ڦٽي نڪري ٿو. پر "لوڪ وهي لهنوارو ۽ تون اپو وهہ اوپار." واري فلسفي کي رهنما بنائي اياز عمر پر سماج سان وڙهندو رهيو ۽ يقيناً اياز هن ويڑهہ ۾ ڪٽيو. جيڪڏهن اياز سماج سان Compromise ڪري ها ته اياز صدين جو پڙاڏو بنجي نہ سگهي ها پنهنجي فتح کي محسوس ڪندي اياز چوي ٿو:

نانءُ ڇڏيوسين،
ڏرتيءَ تي ٿر ٿانءُ ڇڏيوسين
پنهنجي من جي پيڇي ڪارڻ
ڏن جو پيڇو ڪونہ ڪيوسين
نيڻ ڀڄي پيا ويڻ ٻڏاسين.
ڪجهہ ٻه ورائي ڪونہ چيوسين.
ڪيئي ورهيہ وهہ پيتي آهي
ماڻهن ليکي هارائي آ،
سچ ته بازي جيتي آهي
اي دل ـ هاڻي بس ڪر.

استحصالي قوتن خلاف بغاوت:

انسان متيءَ مان ٺهيو آهي. متيءَ سان محبت فطري آهي، جنهن متيءَ جي سڱندڙ کي نہ سڃاتو اهو وقت جو وڏو منڪر تصور ڪيو وڃي ٿو. جيڪو ماڻهو متيءَ سان محبت خاطر پنهنجي زندگيءَ کي قربان ڪرڻ لاءِ آتو رهي ٿو. اهو ئي انسان متيءَ جو حق ادا ڪري ٿو. مِتيءَ جي سڱندڙ لٽيندڙ قوتن خلاف انهن ماڻهن جي رت ۾ بغاوت جا عنصر هميشہ گردش ۾ رهن ٿا. خصوصاً اديب اهڙن استحصالي قوتن خلاف آواز بلند ڪن ٿا چاڪاڻ ته شاعر اديب متيءَ جي

عظمت جا رکوالا ٿين ٿا. اياز جي شاعريءَ ۾ اهڙن استحصالي ڌرين خلاف بغاوت جي چٽنگ دکندي نظر اچي ٿي، جيئن اياز چوي ٿو:

اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ، تو نيهن اياز نپايو آ،
تو ڀاتا گيت بغاوت جا، تو لاٿا زنگ ضميرن جا.

جنهن دؤر ۾ ڌرتي جي مان ۽ عظمت جي ڀالهه ڪرڻ ڪاريهر تي پير رکڻ برابر هئي. اياز ان دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ کي زرهه بڻائي وڙهيو. هن پنهنجي ذات وسيلي تلوارن سان ويڙهه ڪئي. انقلاب ۽ آزاديءَ جو نانءُ ونڊ سان ماٺهو چرڪندا هئا. پر "ايازَ" پنهنجي شاعري کي ايڏو ته رومانٽڪ انداز ۾ پيش ڪيو جو ڀاڙها ڀيرو پنهنجي سرن تان سانگو لاهي سندرو ٻڌي ميدان عمل ۾ لهڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن جيئن چوي ٿو:

ڪو ڪيئن نه ڊوڙي مقتل ڏي،
آ رَتُ ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪم ڪيئن نه موتي زندان ڏي،
ٿا زلف ڇڪن زنجيرن جا.

اها ايازجي ڪمالیت هئي جو هو نه صرف انهن استحصالي قوتن خلاف پاڻ بغاوت ڪئي پر پنهجي قوم کي پڻ ان بغاوت ۾ ساڻ کڻي وڙهيو.

هن ڪائنات کي هلائڻ پنڌيان پورهيت جا هٿ آهن. پورهيت انساني زندگيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهي ٿو. سماج ۾ جڏهن ذاتي ملڪيت جو تصور اپريو ان ڏينهن کان طبقاتي سماج جا بنياد پيا. بنيادي طور تي ذاتي ملڪيت سبب ئي انسانن جي وچ ۾ ويڇا وڌيا. انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ ۾ طبقاتي نظام خلاف جن جدوجهد پئي ڪئي آهي. ايازانهن سان پنهنجو رشتو جوڙيو آهي. لينن چوڻ تہ "صحيح انقلابيت مان مراد حقيقي حالتن ۾ صحيح پاليسي جي چونڊ ڪري سگهڻ آهي." ايازانهن حالتن کي سمجهي پروڙي ۽ درست پاليسيءَ تي عمل ڪندي پورهيت کي سجاڳيءَ جو پيغام ڏيندي چوي ٿو تہ:

ڀاءِ انقلاب ڀاءِ
جيئن زمين آسمان
جي ڪلي پئي زبان
زندگي اٿي چئي
انقلاب ـ انقلاب، ڀاءِ انقلاب ڀاءِ.
ڏوڏ هن سماج کي
لوڏ سامراج کي
ٽاهه ڪو نئون نظام
جو چڱو چوي عوام
هي نظام آ خراب

انقلاب ـ انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

اياز هر استحصالي قوت خلاف هو. استحصال ڪهڙي به شڪل ۾ چونہ هجي اياز ان خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ پورهيت کي سنيهو ڏنو آهي. موٽر کي مهڙو سمجهي ٿو هونئن به جيڪي انسان وڙهندي ماريا ويون ٿا ۽ ترقيءَ تان واريا ويون ٿا. اهي ئي انسان تاريخ کي پنهنجي سفر تي روان رکڻ ۾ محرڪ ڪردار طور تي ايري اچن ٿا. هڪ انقلابيءَ کي ميدان جنگ ۾ وڙهندو ڏسي اياز چوي ٿو.

واجهہ نہ وجهہ تون وَڌ ڏي، رت وهي تہ بہ رڙهہ،
پوئين ويرَ بہ وڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.

رجعت پسندن خلاف بغاوت

تاريخ ۾ مذهبن انساني بهتريءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انساني ذهن ۾ جڏهن ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ خيال پيدا ٿيو ان وقت ڏنڏلا تصور خوف ۽ عقيدت جي شڪل وٺڻ لڳا ۽ اڳتي هلي عقيدت ۽ خوف مذهب جي شڪل اختيار ڪئي ۽ سماج ۾ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مسئلن کي مذهب جي ڇتي هيٺ آڻي انسان کي سڪون ۽ آڏت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پوءِ اڳتي هلي مذهب کي سماج جي استحصالي قوتن پنهنجو مورچو بڻائي سماجي ارتقا کي بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي نتيجي طور تي سماج ۾ بغاوت اٽڪر ٿي پئي. هر دؤر ۾ سماج جي اندر ڏاهن ماڻهن مذهبي رجعت پسنديءَ خلاف بغاوت جو منصوري آواز بلند ڪيو. چاڪاڻ تہ سماج جي ارتقا عقيدت، ذاتي پسند يا ناپسند جي بنياد تي نہ پر سائنسي انداز ۾ ٿيندي آهي.ا ن ڪري سماج کي ارتقائي مرحلي مان گذارڻ هر ڏاهي جينيئس ماڻهو جي فطرت ۾ شامل ٿئي ٿي.

اياز بہ انهن ماڻهن جو تسلسل هو جنهن مذهبي رجعت پسنديءَ خلاف بغاوت جو ڪلمو پڙهيو. اهو بغاوت جو سڏ ايڏو تہ پرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو هر ماڻهو جي ترجماني محسوس ٿئي ٿي، جيئن چوي ٿو:

ها ڪٽو ساري خدا پئي اٿو
مون ڪنيو آهي فقط چنگ و رباب،
سئو پيغمبر راتڙي جي خاموشي،
صحيفا آ مون لئہ ماهتاب.

ڪيڏو شاعراٿو تخيل ملي ٿو تہ سؤ صحيفا هن لاءِ مهتاب آهي. صحيفا مقدس ڪتاب فطرتي منظر کان وڌيڪ نہ آهن. ڪيڏي نہ اياز پنهنجي مهارت کان ڪم ونڊي انهن شين کي رد ڏنو آهي. علي الاعلان انهن کي چوي ٿو تہ ساري خدائي ڪٽو مون کي اها خدائي نہ ٿي ڪپي فقط چنگ ۽ رباب ڪپي. جنهن سان ويهي چند پل انسان کي سڪون ملي ٿو ۽ سڪون ئي ساري خدائيءَ کان وڌيڪ معنيٰ خيز بڻجي وڃي ٿو.

شراب کي مذهب حرام قرار ڏنو آهي، پر اياز شراب کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪري بغاوت ڪئي آهي. سگمنڊ فرائيڊ چواڻي تہ "شاعر ۽ ڪلاڪار توڙي چريي ۾ ڪوئي خاص فرق ڪونهي پر انهن ۾ بنيادي فرق هيءُ آهي تہ چريو تخيل/خيال کي ڪل سمجهندو آهي پر شاعر يا ڪلاڪار ان تخيل/خيال کي حقيقت سان ڳنڍيڻ جي

ڪوشش ڪندو آهي.“ جڏهن شراب پيئڻ سان ماڻهو تخيل ۽ حقيقت جي وچ ۾ سفر ڪندو آهي، اياز ان جو سهارو ونڊي هڪ ته مذهبي پابنديءَ کان بغاوت ڪري ٿو ٻئي طرفان کي فني انداز ۾ ايڏو خوبصورت ڪري سامهون آڻي ٿو جو ائين محسوس ٿئي ٿو جڙ ته ساري ڪائنات شراب جو پيالو هجي ۽ انسان جو تخيل ان ۾ مدهوش ٿي اياز جي شاعريءَ جو روپ ونڊي اچي ٿو.

پياليءَ ۾ چانڊوڪي آهي،
ان ۾ ڪوئي فڪر به ناهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام،
پيئُ انهيءَ مان جڳ جڳ جيئُ،
پري پري او پياسا پيئُ.

ايان به ڪِرپ واري انداز ۾ مذهبي پوشاڪ پائي انساني ترقي جي مخالف قوتن خلاف ۽ جهالت جي تبليغ ڪندڙ ملن کي چوي ٿو:

هيءَ ڀاڙهي ڏاڙهي ملان جي،
هيءَ ڪاري چوٽي پانڊي جي،
مون لاءِ ٻنهي ۾ ڦير نه آ،
ٻئي آگ اجهاڻل ٽاندي جي.

ايياز جي شاعري وک وک تي بغاوت جي خوشبو لڳائي عوام سان مخاطب ٿئي ٿي:

ڪنهن نئين ڪفر جي ٻني خوشبو
شعر منهنجو لڳائي آيو آهه

ايياز جي سموري شاعريءَ جو سفر، بغاوت جو سفر آهي. اڄ ضرورت آهي ته ايياز جي بغاوت کي سمجهون ۽ ان سڏ جو پڙاڏو ٻڌجي پئون ته هوند نئون سماج اڏڻ ايڏو مشڪل به ڪونهي.

قومي تحريڪ جو ديو مالائي ڪردار: عرفان مهدي

سياست ڏاڍي بي رحم ٿئي ٿي، جنهن جي سيني ۾ ڪا دل ناهي ٿيندي. احساس، جذبا ڇا ٿيندا آهن، سياست انهن کان بي خبر ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ ته سياست ته صرف معروضي ۽ معاشي حالتون ڏسندي آهي. ان جي سيني ۾ دل به پلا ڇو هجي؟! دنيا ۾ تبديلي جو محرڪ صرف سياست آهي، دنيا ۾ ڏکئي کان ڏکيو موضوع به سياست. الائي ڇو سنڌ ۾ شيخ اياز ۽ عبدالواحد آريسر کي ته سياست ۾ رومانس نظر ايندو آهي. اياز کي ته مقتل ڏي ڊوڙندڙ نوجوانن کي رت ۾ مهنديءَ جي خوشبوءِ نظر اچي ٿي. زندان ڏي موٽڻ به محبوب جي زلفن سان پيٽا ڏيڻ ۽ ٽر جي واريءَ سان جنم ونندڙ نازڪ ۽ نفيس عبدالواحد آريسر ته آزاديءَ کي ڳاڙهي ڪنوار سڏڻ ۽ ان لاءِ رت ۾ ڳاڙهي ٿي وڃڻ جي نوجوانن کي صلاح ڏيندي خبر ناهي ته سياست ۾ به رومانٽڪ انداز ڪيئن ٿو نظر اچي؟ الائي ڇو سياست جو لفظ ٻڌندي منهنجوته هانءُ ئي ڏکي ويندو آهي ته هي ڪمڙو مقتل گاهه آهي جتي وڃڻ ڪانپوءِ به ماڻهو سرخرو ٿي ٿو وڃي. اذيتون به اذيتون نه ٿيون لڳن. محبوب جي زلفن ۾ راتيون گهارڻ بجاءِ جيلن جون راتيون به محبوب جي ادائن جهڙيون لڳن ٿيون.

يه ڪس ني هم سي لهو ڪا خراج ڦر مانگا،
ايي تو سوئي ٿي مقتل ڪو سرخرو ڪرڪي.

انهيءَ سياست جي رومانس ۾ محبوب جي ٻانهن کي الوداع چئي ايندڙ اهي نوجوان جن ڪڏهن گهر ۾ دڙڪو به نه ڪاڏو اهي ايتريون سختيون برداشت ڪندي به سرها ڏناسين ۽ ڪيترائي نوجوان پنهنجي جوانيءَ جا ڦوهه ڏهاڙا سياست کي ڏيڻ باوجود به پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ اڪيلا رهجي ويا. سياست جي بي رحمين جي ڪري ڪٽان جا به نه رهيا. آڪاش انصاريءَ جي هنن سٽن جيان،

ڦاهيءَ جا ڦندا چمڙ کان به وياسين،
دنيا جا ڏنڊا ڪرڙ کان به وياسين،
نه تون ئي مليون نه ڪنهن جا ٿياسين،
هِتان کان به وياسين، هُتان کان به وياسين،
مرڻ جي مزي کان به محروم ٿياسين،
۽ جيئندا رهياسين اڌورا اڌورا،
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا.

اهڙين بي رحمين جو شڪار ٿيندڙ سنڌ جو ڪيرو عرفان مهدي به آهي. هالن ۾ 31 جولاءِ 1966ع ۾ جنم ونندڙ عرفان جنهن تيزيءَ سان زندگيءَ ۾ برانگهون پاتيون سو مان ڏسي سچ پچو ته حيران رهجي ويو آهيان ته ڪو وقت جي وهڪري کي ايڏو به پوئتي ڇڏي سگهي ٿو ڇا؟ هالا جيڪي سنڌ جي اجرڪ ۽ جنبيءَ جي ڪمن جي لحاظ کان الڳ سڃاڻپ رکي ٿو پر ان لاءِ هي به مشهور آهي ته هالن جا ماڻهو ڏاڍا ڏکيا ٿين ٿا. هالن جي اشتقاق مان معلوم ٿئي ٿو ته ان شهر جو باقي مزاج ڪيئن هوندو. (هالا: ها معنيٰ ها ۽ لا معنيٰ نه) مطلب ته ها به ۽ نه به. ان مزاج رکندڙ شهر ۾ سنڌ جو

ڳيرو جنهن لاءِ شايد شيخ اياز چيو هو تہ:

ڳاڙهو ڳيرو سنڌ جا، تون ئي منهنجو خواب،

تون ئي آن جواب، صدين جي سوال جو.

عرفان واقعي بہ صدين جي سوال جو جواب ٻڌجي آيو هو. جنهن جي رڳ رڳ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار پريل هو. جنهن ننڍپڻ ۾ ئي سياست ۾ وک پاتي هئي. جنهن جي فطرت ۾ هڪ شاعر، هڪ اديب، هڪ ڪمٽيڪار، هڪ بهترين مقرر، هڪ بهترين دوست، هڪ بهترين پاڻ، هڪ بهترين پيءُ، هڪ بهترين سياستدان هئڻ جون خوبيون هيون. جنهن جي ذاتي لائبريري ۾ ڏهہ هزار کان وڌيڪ ڪتاب هجڻ. اهو ڪردار ديو مالائي ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ 25 سال عمر ۾ ماڻهو اڃان هوش سنبالي ئي نٿو ۽ عرفان ان عمر ۾ سڄي سنڌ جي سياسي، علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ٽرٽلو مچائي ٿو ڇڏي ۽ اڄ جڏهن ڪو چوي ٿو تہ عرفان خودڪشي ڪري ڇڏي آهي تہ دل ڪيئن ميڃي تہ سڄي سنڌ کي زندگي سان جهد ڪرڻ لاءِ پتوڙيندڙ موت جي آغوش ۾ سڪون محسوس ڪيئن ڪري ٿو؟

خودڪشي لفظ بظاهر تہ زندگي جي چرپر رڪجڻ جو نالو آهي. جڏهن اسان مان قوت مدافعت جي گهٽائي ٿي تہ خودڪشي لازم امر ٿيو پوي. پر مان سمجهان ٿو تہ زندگي جو ڏيئو اجهائڻ رڳو خودڪشي نہ آهي. خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن انسان ۾ بي حساب صلاحتيون هجن ۽ اهي ضايع ڪري ڇڏجن. خوڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن انسان پنهنجي علم جو استعمال قوم جي ترقي، خوشحالي بجاءِ پنهنجي ذاتي مفاد ۽ چند سڪن لاءِ استعمال ڪري، خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو توهان تي اعتماد ڪري توهان جي پڻيان لڳن ۽ توهان تاريخ جو بار پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي کڻ نہ سگهو. خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن ماڻهو توهان تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيو. خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن توهان نشي ۾ پناهہ وٺڻ شروع ڪيو ٿا ۽ دنيا کان ڪنارا ڪش ٿي وڃو ٿا. سنڌ ۾ توهان کي سنڌ جو ٽيلنٽ خودڪشي ڪندي نظر ايندو ۽ جي نہ تہ سنڌ جي ٽيلنٽ کي خودڪشيءَ جي وهڪري ۾ لوڙهڻ لاءِ ماحول تيار ڪيو ويندو آهي.

عرفان مهدي بہ سنڌ جو ٽيلنٽ هو جنهن کي برداشت نہ ڪيو ويو ۽ ان ٽيلنٽ کي دٻائڻ لاءِ عرفان تي ايجنسين جي هجڻ جا الزام هڻي عرفان جي ٽيلنٽ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنهن جو نتيجو توهان ۽ اسان 3۔ آگسٽ 1991ع تي سنڌوءَ جي لهرن ۾ عرفان جي وجود کي لڙهندي يا ٻڏندي ڏٺو. عرفان جي لاش وصول ڪرڻ ڪانپوءِ تہ اڃان گهٽا سوال هئا جيڪي جواب لهڻ پيا، جن جا جواب اڃان تائين ڪوبہ نہ ڏئي سگهيو آهي. جڏهن بہ ڏينهن کان پوءِ عرفان جو هڏائون پنجرو مليو تہ ان جي جسم تي ڪابہ ڪپڙي جي ڪا ليڑ چنبڙيل نہ هئي. ڪنڌ کان مٿي وارو حصو بہ غائب هو. اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن ۽ ڪيئن ڪيو؟ ان ماجرا کي بہ ڪو سلجهائي نہ سگهيو آهي!

اڄ مان اعتراف ٿو ڪريان تہ سنڌ جي قومي تحريڪ اها بدنصيب قومي تحريڪ آهي جنهن سنڌ جي ٽيلنٽ کي سنڌ جي آزادي لاءِ درست نموني استعمال نہ ڪري سگهي آهي. جنهن ۾ جيڪا صلاحيت آهي ان کان اهو ڪردار قومي تحريڪ ادا نہ ڪرائي سگهي آهي ۽ شايد قومي تحريڪ ۾ اها صلاحيت بہ نہ آهي جو صلاحيت آهر ڪم جي ورهاست ڪري قومي تحريڪ کي پاڻ ۾ پرو ڪري سگهجي. عرفان مهديءَ جهڙا سنڌ جا هزارين نوجوان يا زندگي کي داءَ تي لڳائين ٿا يا پنهنجي صلاحيتن جو ڏيان ڪن ٿا.

عرفان مهدي 31 جولاءِ تي ڄائو هو ۽ 03 آگسٽ تي لهرن حوالي ٿيو. مونکي اردو شعر جي ان معنيٰ مفهوم تي پورو لهندڙ ڪردار نظر آيو جنهن ۾ هن چيو آهي تہ:

عمر دراز مانگ ڪر آئي ٿي چار دن،
دور آرزو مين ڪٽ گئي، دو انتظار مين.

هن بہ شايد ٻہ ڏينهن آرزو ۾ گذاريا ۽ ٽئين ڏينهن آرزو ۾ گذارڻ کانپوءِ زنگيءَ جو وڌيڪ انتظار نہ ڪري سگهيو. پر ان کان بہ وڌيڪ عرفان مون کي لطيف جي هن سٽن جي تشريح لڳندو آهي.

جا پون پيرين مون، سا پون مٿي سڄڻين،
ڏڳ لٽبا ڏوڙ۾، ايپي ڏٺاسون،
ڏينهن مڙيو ئي ڏون، اٽي لوچ لطيف چئي.

زندگي شايد لطيف چواٽي صرف ٻہ ڏينهن آهي. انهيءَ ۾ سوچڻ لاءِ وقت نہ آهي، اهوبہ لوچڻ لاءِ لطيف درس ڏئي ٿو ۽ عرفان 31 جولاءِ ۾ جنم ونڻ کانپوءِ ٻئي ڏينهن بس ڪري نہ ويٺو هالن کان ان سفر شروع ڪيو سن طرف ۽ سن کان پٽائي، ۽ پٽائي کان ڪينجهر، ڪارونجهر، مڪلي، موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، سنڌ جي هزارين سورمن جا ڏڳ پيچرا ڏسي سمجهي ۽ وري بہ آخري سن جي سيد جي استاد علامہ آءِ آءِ قاضي جي ڏڳ پيچري تي اچي سنڌوءَ جي لهرن ۾ پاڻ ڇڏيائين. اڄ سنڌوءَ جا نيٺ آلا آهن، سنڌ کان وڇڙيو سنڌي ماڻهن کان ڪٽي وسري سگهندو عرفان. جنهن جي چهري جي مرڪ، ذهن ۾ پلجندڙ سنڌ لاءِ پيار ڪير ڪيڏو بہ تاريخ جو منڪر هجي سچ کان ڪيئن منهن موڙي سگهندو. عرفان قومي تحريڪ جو اهو سچ آهي جنهن کان منهن موڙي نہ ٿو سگهجي. آريسر صاحب چواٽي تہ، "وچڑڻ فطرت آهي ۽ وسارڻ ڪميٽائپ آهي ۽ اسان شايد ان منزل تي اڃان نہ پهتا آهيون. اياز چواٽي تہ:

تون مان دور نہ آهيون پيارا!
توکي مونکي روز ملائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
منهنجي جوت ڪٽي جل ڏارا،
تو تائين پيئي ٽمڪائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
ڪاري رات ڏئي لامارا،
چندر مان جهڙو ڇڙڪائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
پر هي تنهنجا منهنجا تارا،
جن ۾ ويٺو جوت جلائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
سنڌوءَ جو سپنو.

سنڌ جو مزاحمتي شاعر: زخمي چانڊيو

پهرين مئي مزدرون جي عالمي ڏهاڙي طور ملهائي سڄي دنيا جي مزدور ۽ پورهيت طبقي ۾ انقلاب جو روح ڦوڪيو ويندو آهي. هونئن ب ڏسجي ته سڄي دنيا کي هلائڻ جي پنيان مزدور جا هٿ ئي ٿين ٿا. مزدور ئي اصل ۾ ڪائنات جو خلقيندڙ ب آهي ته اڏيندڙ ب آهي. جنهن جا جيڪڏهن هٿ بيهي وڃن ته هوند ڪائنات جو سمورو چرخو بند ٿي وڃي. دنيا ۾ ڪي ڪي اتفاق اهڙا ب ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي جوهر ۾ وڏي معنيٰ رکندا آهن. اهڙو ئي اتفاق پهرين مئي رت سان ريٽيل ڳاڙهي جهنڊي جي عظمت جي ڏهاڙي تي سنڌ جي ننڍڙي شهر ڊڪ ۾ 1961ع ۾ سنڌ جي حلالي پٽ ڄام جي نالي سان مولا بخش چانڊيو جي گهر ۾ جنم ونندڙ ڪالهه جو ڄام ٿوري عرصي ۾ زخمي ٻڌجي سڄي سنڌ ۾ مزاحمت جي علامت ٻڌجي ايري اچي ٿو. تعليمي ڏس ۾ پرائمري اسڪول ڏامراهه کان سفر شروع ڪري، ايم.اي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪري تعليمي ڪيتر ۾ استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي گذاريا. رت ۾ ريٽو جهنڊو جڏهن زخمي پنهنجي ڪلهن تي کنيو ته وري شهادت تائين هيٺ نه لاٿو.

زخمي جيتوڻيڪ اسان وٽ موجود نه آهي پر سندس زندگيءَ جو گهڻ طرفو پورهيو اسان جي سامهون آهي. هو هڪ استاد ب هو، شاعر، اديب ب هو، سنڌ ۽ سيد جو عاشق ب هو. هن زندگيءَ جي هر موڙ تي پنهنجي هر پل کي پنهنجي قوم ۽ ڌرتي واسين جي خدمت ۾ گذارڻ کي پنهنجو مشغلو ٻڌائي ڇڏيو. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ ۽ سيد سان محبت لفظ لفظ ۾ جهلڪندي نظر ايندي هئي. رسول حمزاتوف چوائي ته "شاعر ۽ اديب آتش جا رکوالا ٿيندا آهن، جنهن قوم ۾ آتش اجهامي وڃي ته پڪ سمجهو ته اتان جا اديب ۽ شاعر مري ويا آهن." اڄ سڄي سنڌ جاڳي پئي، ان جي آتش اجهامي ناهي، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هتي آتش جا رکوالا اڄ ب زنده آهن. زخمي چانڊيو انهن آتش جي رکوالن ۾ صفِ اول طور تي سامهون اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو اهو ايڪويهين صديءَ جو پهريون باغي شاعر زخمي آهي. جنهن تي مزاحمتي شاعري پڙهڻ جي عيوض پهرين جنوري 2000ع تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪري جيل اُماڻيو ويو. پر هن جي ارڏائپ ۾ ذري برابر ب گهٽتائي نه آئي. اياز جي هنن سٽن کي ڪيڏي نه معنيٰ ملي پئي هئي ته:

مون ڏات انوکي آندي آ،
ٽي ٽَنڊُ وڙهي تلوارن سان.
ٿا تنهنجا پاري بُرج لُڏن،
تون هيٺو آن هٿيارن سان.

هن ته جيل ۾ ب پنهنجي دشمن کي للڪاريندي چيو هو ته:

جيل جون سختيون ڇاهن سنڌڙي،
حاضر آ جند جان ب تو لئه.

هن ايجان ب وڏيڪ ڌرتيءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ارپڻ ۽ سنڌ جي سينڌ کي

سنوارڻ جو خواب اکين ۾ سجائي چوي ٿو تہ:

توسان پيار ڪرڻ ٿو چاهيان،
ورنہ آءٌ مرڻ ٿو چاهيان.
سنڌڙي تنهنجي سينڌ سنواري،
تنهنجي سينڌ چمڻ ٿو چاهيان.

اهو وڏو تخيل آهي تہ پنهنجي ڌرتيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو جيئندان ڏيئي ان کي سنواري ۽ پوءِ ان جي سينڌ چمجي. منهنجي خيال ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ان کان اڳ اهڙو تخيل ايجان تائين ڪنهن پيش نہ ڪيو آهي ۽ اها تہ محبت جي انتها بہ تہ آهي. جتي پتنگ آگ کي پاڻ اربي، ان کي معنيٰ بخشي ٿو ڇڏي. پر زخمي تہ آزاد سنڌ جي خاطر پنهنجي گيتن ۾ جاڳرتا پري قوم کي غلاميءَ جي ڦندن مان آجو ڪرائڻ لاءِ چوي ٿو تہ. "جيڪڏهن ڌرتيءَ جو سڏ ٻڌي ۽ مان اتي نہ پهچان تہ مون کي گهروڙي بجو ڏجانءِ ۽ چوي ٿو تہ:

سڏي سنڌ سڏڪي نہ پهچان پرين!
بُجُو پوءِ مون کي گهروڙي ڏجانءِ

ايجان بہ وڌيڪ ماڻهن ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ تہ مُور سارا مٿا ناهن ۽ سنڌ گدڙن کاڌي ناهي جو تصور ڏيندي چوي ٿو تہ:

سنڌ گدڙن کاڌي ناهي ايجان،
جو گيدي تنهنجي آڻ ميجان.

زخميءَ جتي سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جي خواب جي تعمير لاءِ ڪوشان رهيو اتي سماجي برائين خلاف بہ جهاد ڪندي ڏسجي ٿو. اسان جاگيردار سماج ۾ رهون ٿا. جاگيرداري سماج سموري برائين جو ڳڙهہ ٿئي ٿو. سرمائيداري سماج پنهنجي جوهر ۾ ڪيڏو بہ بدبودار هجي پر جاگيرداري سماج کان وڌيڪ ترقي پسند ٿيندو آهي. ان ڪري جاگيرداري سماج سان بغاوت هڪ باشعور ماڻهوءَ لاءِ فطري اَمَر آهي. جيئن چوي ٿو:

تون رستن تي قبضا ٿو ڪرين،
مَن مستن سان چرچا ٿو ڪرين،
بدمعاش سدائين بدمعاشي،
تون ذهن ضمير جو آن فاشي،
تون سنڌ جا حق ڦٻائين ٿو.

۽ پاءُ بہ سڏائي ٿو.
تون پاءُ تہ ناهين ويري آن.
اڪثرين ۾ ڪوسي ڪيري آن.

هن سماج ۾ جتي ٻيون هزارين برايون پلجن ٿيون اتي ڪارو ڪاري رسم بہ سنڌ ۾ ناسور بڻجي داخل ٿي ويئي آهي. زخمي پنهنجي تند کي ان تلوار سان ٽڪرائي ٿو. ايتريقدر جو چوي ٿو تہ ماڻهو کي بد دعا نہ ڪريو جي بددعا ڪيو تہ ان کي ڪاري ٿيڻ جي بددعا نہ ڪريو ۽ چوي ٿو:

هر ماڻهوءَ کي
ڏسي دعا ڪر
اگر دعا جي دلجاءِ
ڏيڻ نہ ٿو چاهين
تہ پوءِ
بد دعا نہ ڪجان.
بد دعا ئي
ڪرڻي اٿئي تہ
پوءِ
شل! ڪارو ٿئين واري
بد دعا نہ ڪجانءِ!
چو تہ هن فرسوده نظام
۽
دقيانوسي ريتن رسمن پٽاندر
ڪارنهن جو مارڪيٽ
چوٽ چڙهيل آهي
۽
پيار نهايت غريب آهي.

هتي تہ ڪارو ڪاري رسم ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري ويئي آهي. هتي تہ هاڻي ماڻهو پنهنجون نياڻيون ماري پنهنجي گذر لاءِ راهون هموار ڪري رهيا آهن. ايتريقدر جو پاءُ پيڻ جهڙو مقدس رشتو بہ ان ۾ لالچ جو عنصر شامل ٿي ويو آهي. اهو ڏسندي زخمي چوي ٿو تہ:

علڻ ولڻ سان لالچ خاطر،
پيڙ سڳي ڪئي ڪاري ويئي آ.

سماج ۾ جتي هر شيءِ کي ناڻو سمجهيو وڃي ٿو اتي عورت به بازار جو سودو ٿي ويئي آهي. عورت کي پئسن عيوض وڪري ڪرڻ کي به عيب نه ٿو سمجهيو وڃي. عورت جي پسند ناپسند، خواهشن، ضرورتن، عمر جي نَنڍيَ وڏائي جو فرق به نه ٿو رکيو وڃي. اهو سڀ ڪجهه ڏسندي زخمي چوي ٿو:

جوان پڑهيل کي مڙس ڏنو ويو،
پوڙهو چرسي، توبه زاري!!

توبه زاري لفظ ۾ ڪيڏي نه ڪرب سمايل آهي. يقيناً سمجهه/ڏاهپ ماڻهوءَ ۾ درد پيدا ڪري ٿي. تڪليف ڪنهن به ماڻهوءَ کي پهچي پر ساڃاهه وند ماڻهو اها تڪليف پاڻ تي محسوس ڪندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پٽائي دانهن ڪندي چوي ٿو:

الا: ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

ڏاهيون ڏک ڏسن ٿيون ڇاڪاڻ ته ڏاهپ ماڻهوءَ ۾ انسانيت سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿي. اهو پيار ئي آهي جيڪو ڪڏهن به ڪنهن تي ظلم ٿيندي ڏسي ٿو ته تڑپي پوي ٿو. زخمي به حساس ماڻهو هو. هن وٽ به شاعراڻا دل هئي. جنهن ڪري هن وٽ به انتها درجي جي تڑپ هئي. جيڪا هن شاعريءَ ذريعي اوڳاڇي آهي.

جڀاني چوٽي آهي ته، "ڪاميابيءَ جا سَوين وارث ٿيندا آهن ۽ ناڪامي لاوارث ٿيندي آهي. اسان جو سماج هر ايرندڙ سج جو سلامي ٿيندو آهي. جنهن ڪري ناڪاميءَ کي پنهنجي حصي ۾ آڻڻ ان لاءِ ڏکيو عمل ٿيو پوي. جنهن ڪري سماج ۾ منافقت ۽ مڪاري چوليون هڻندي نظر اچي ٿي. اهڙن ماڻهن کي ڏسندي زخمي جي مَن کي مونجهه ٿئي ٿي، هو چوي ٿو ته:

مَنَ کي مونجهارو ٿي پيو،
ماڻهو ائڻ ستارو ٿي پيو.

اسان ڏاڍا بي حس ماڻهو آهيون. جيئري ڪنهن کي مڃتا ڏيڻ، جڻ ته اسان جي ڏرم جو حصو ئي نه آهي. زنده ماڻهن ۾ اسان کي ڪا خوبي ئي نظر نه ايندي. مئن ۾ وَري خامي ئي نظر نه ايندي. اها روَش زخميءَ پنهنجي جيئري ئي محسوس ڪئي هئي. جنهن ڪري چيو هئائين:

ڏاڏو ساريندين،
منهنجي مُئي کان پوءِ،
جيئري قدر ڪونه ڪيئي.

ڳوڙها ڳاڙيندي
منهنجي مُئي کان پوءِ
زخميءَ لاءِ ماتم ڪري،
نيٺ وسارينديِ
منهنجي مُئي کان پوءِ

سماج جي روين سبب "ڄام" کان زخميءَ جو "زخمي" تائين سفر يقيناً لاشعوري نہ هو پر بيمار سماج جي روين ڄام کي جڏهن "زخمي" ڪيو تڏهن هن ان زخم کي محسوس ڪندي پنهنجي سڃاڻپ ئي زخمي بڻائي ڇڏي هئي. آخرڪر هن بي حس سماج زخميءَ کي وڌيڪ زخمي ڪري سندس زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيو. هن جي موت تي سچ پچو سڄي سنڌ پاڻ کي زخمي محسوس ڪيو. قومي تحريڪ ۾ زخمي ٿي هئي تہ سنڌي ادبي سنگت ۾ زخمي ٿي هئي. هن جا رت ڄاوا ۾ زخمي ٿي پيا هئا. شاعري ۾ زخمي ٿي پئي هئي. هر زخم، زخمي ٿي پيو. پر هن جا قاتل اڄ تائين ۾ زخمي نہ ٿيا آهن؟؟؟

ڏاهپ ۽ ويڙهه جو سنگم:
سائين غلام قادر جوڻيجو

اسان جڏهن سياست جي ست ۾ شامل ٿياسين، تڏهن شعور کان وڌيڪ جذبات جي لهر ۾ لڙهي وياسين. آزادي ۽ انقلاب جو رومانس، جذباتي انداز ۾ رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو. جيتوڻيڪ اها لهر سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ اڪيلي سر قومپرستن جي جدوجهد جو نتيجو هئي. ڇاڪاڻ ته جن ڪامريڊن سوشلزم نظام جي شڪست کي سوشلسٽ نظريي جي شڪست سمجهي ڇڪيون ۾ توا ٽنگي، مٿخانن جو رخ ڪري انقلاب کان فراريت اختيار ڪئي هئي پر تنهن باوجود به قومپرست عملي ميدان ۾ اڄ تائين آهن. ڇو ته قومپرستن جنهن نظريي جي واڳ ورتي هئي اهو ڏرتي ۽ ڏرتيءَ جي ماڻهن مان ڦٽي نڪتل هو. ڪامريڊ لينن ۽ ٽراٽسڪائي جي وچ ۾ 1916ع ۾ جڏهن مسلسل انقلاب ۽ مرحليوار انقلاب جهڙا بحث شدت اختيار ڪري ويا هئا تڏهن ڪامريڊ لينن، ٽراٽسڪائي کي جواب ڏيندي چيو هو ته "انقلاب نه درآمد ٿيندا آهن نه برآمد ٿيندا آهن، اهي ته وقت ۽ حالتن مان ڦٽي پوندا آهن، انقلابي پارٽي يا انقلابي ته صرف انهن جي پرورش ڪندا آهن. سنڌ ۾ ڪابي ڏر جي سياست ڪندڙن پنهنجي قوم ۽ ڏرتيءَ سان محبت ڪرڻ بجاءِ پنهنجو قبلو سوويت يونين کي بڻايو." اهو ئي سبب آهي جو سوويت يونين ٽٽڻ کان پوءِ سياسي ميدان تي سڄي دنيا جي انقلاب جي ڳالهه ڪندڙ ۾ وڃي لِڪا آهن. 90ع کان پوءِ جيڪو ڪيڏر پيدا ٿيو آهي اهو ڪريڊٽ قومپرستن جي ڪاتي ۾ وڃي ٿو.

قومپرست سياست جو وري الميو اهو رهيو آهي ته شعوري ۽ نظرياتي پختگي پيدا ڪرڻ ۽ تنظيمي طرح فعال ڪرڻ بجاءِ جذبات جي بنياد تي انقلاب جي ڳالهه ڪرڻ، ڪنهن المي کان گهٽ نه آهي. انهن حالتن ۾ به قومي تحريڪ سان واڳيل جيڪي نظرياتي ڪارڪن رهيا آهن. انهن نظرياتي پختگي ۽ تنظيمي ڏانچي کي بهتر ڪرڻ لاءِ جيڪي ساٿي سپ کان وڌ جدوجهد ڪندي اسان کي نظر آيا، انهن ۾ ڏوڪري جي پرسان سونهري ڳوٺ سان تعلق رکندڙ ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو سرفهرست نظر اچي ٿو.

هن سان جڏهن پهرين ملاقات ٿي تڏهن هن جو سوال ڪرڻ ته "قومي تحريڪ وٽ طبقاتي سوال جو کڻڙو حل آهي؟" جنهن ڏهن ڏهن جي سرزمين کي لوڏي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته اسان سياسي ۽ نظرياتي معاملن کي ان کان اڳ ڪڏهن سنجيدگي سان ڏٺو ئي نه هو. هو جنهن سان به ملي چانهه جي ڪٽ تي ڪنهن مهل هُن هوٽل تي ڪنهن مهل هُن جڳهه تي، ادبي توڙي سياسي ڪچهرين ۽ بحث مباحثي ۾ مشغول نظر آيو. قد جو پورو پنو اڪين ۾ عجيب معصوميت ۽ چڪ، حساس ايڏو جو ڪنهن سان وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ تي معذرت ڪري، مطالعاتي سگهه جو ته کو جواب ئي ڪونه هو. مارڪس کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين نظرين جو گهرائيءَ سان مطالعو ٿيل نظر آيو. سڄي عمر سياست کي ڏيڻ باوجود به ڪڏهن ليڈرشپ جو شوق نه رهيس، سدائين ڪارڪن جي حيثيت ۾ پڄ ڊڪ ڪندو رهيو. قومي تحريڪ ۾ مارڪسزم ۽ لييننزم جي پرچارڪ طور تي جي ايم سيد کي اڄ جي دؤر جو سڄ سمجهي عملي سياست ڪندڙ شخص جو نالو کڻجي ته ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو جو نالو توهان وساري نه سگهندؤ.

هُن جي ٿمڪن ۾ ته عجيب چمڪ هوندي هئي. ڪچهريءَ ۾ ڪو لطيفو به جيڪڏهن ٻڌائبو ته ان ۾ سياسي ڏاهپ سمايل نظر ايندي هئي. 60 سالن جو هوندي به ڪڏهن نوجوانن کي عمر جو طعنو ڏئي بحث نه ڪندو هو. سدائين پاڻ کي ذرو سمجهي گفتگو ڪندو. ڳالهه ڪنهن جي به درست هوندي ته دل کولي قبول ڪرڻ جي سندس روايت تمام گهڻي متاثر ڪندڙ رهي جيڪا مجموعي طرح سان سندس شخصيت ڏاهپ ۽ بهادريءَ جو سنگم نظر آئي.

دنيا جي اندر انقلابي شخصيتن ۾ ڏاهپ ۽ بهادريءَ جا عنصر هڪڙ لازمي آهي. چاڪاڻ ته جڏهن عوام جي اڳواڻي ڪرڻ جو مرحلو اچي ٿو ته اڳواڻ ۾ ڏاهپ ۽ اڳواڻيءَ جي صلاحيت نه هوندي ته عوام کي منزل تي وٺي وڃڻ مشڪل ترين ڪم ٿيو پوي ۽ جيڪڏهن ڏاهپ، بهادري نه ٿي رکي ته اها ڏاهپ قوم کي خوف جي حالت ۾ گمراهه ڪري ڇڏيندي. سقراط جيڪڏهن سچ تي نه ٻيهي ها ۽ موت کي قبول نه ڪري ها ته شايد سقراط سڃي دنيا ۾ ڏاهپ جو اهڃاڻ (Symbol) نه بڻجي سگهي ها. سنڌ جي تاريخ ۾ ڏاهپ ۽ بهادريءَ جو سڀ کان اعليٰ مثال سائين جي ايم سيد آهي ۽ سائين جي ايم سيد جو فڪر جنهن جي به اندر ۾ سمائجي ويو اهو وقت جو سقراط بڻجي ويو ۽ ڪامريڊ غلام قادر مون کي اهو وقت جو سقراط نظر آيو. سائين غلام قادر نظرياتي طرح هيئين خوبين جو مالڪ نظر آيو.

مزاحمتي جنگ جو متوالو:

1972ع کان وٺي قومي تحريڪ گانڌي واد انداز ۾ سفر پئي ڪيو آهي. قومي تحريڪ پنهنجو تنظيمي ڍانچو انڊين نيشنل ڪانگريس جي طرز جو پئي رکيو آهي. سائين جي ايم سيد کي به سنڌ جو گانڌي پئي سڏيو ويو آهي. اهو به سچ آهي ته ڪانگريس برصغير جي تمام وڏي جماعت هئي. جنهن ۾ هر مڪتبهٔ فڪر سان تعلق رکندڙ شخص موجود هو پر ان جي جدوجهد ۽ ويڙهه جو انداز نج انقلابي مون کي نظر نه ٿو اچي. جڏهن سپاش چندر بوس جهڙو مزاحمتي ڪردار انڊين نيشنل ڪانگريس جو اڳواڻ چونڊجي وڃي ٿو ته گانڌي، ڪانگريس کي ڇڏڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، سبب صرف اهو ته سپاش چندر بوس عدم تشدد بجاءِ هندستان کي مزاحمتي ڍڳ تي وٺي وڃڻ پئي چاهيو. عدم تشدد عقيدت جي حد تائين گانڌي جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو هو. سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ عدم تشدد کي پاليسي بجاءِ سياسي عقيدت جي حد تائين ڏنو پئي ويو آهي. تڏهن جن ماڻهن مزاحمت جي وسيلي آزاديءَ جو ڍڳ وڻڻ پئي چاهيو انهن ۾ ڪامريڊ غلام قادر جوٽيجو سرفهرست هو. پنهنجي نجي ڪچهرين ۾ سدائين مزاحمت کي سهي ثابت ڪرڻ لاءِ سڃي دنيا جي مزاحمتي ڪردارن کي اڳيان رکندو هو. ڪڏهن جنرل گياپ جي ويٽنام ۾ ويڙهه ته ڪڏهن حماس جي فلسطين ۾ جدوجهد ته ڪڏهن ڊاڪٽر چي گويرا، فيڊل ڪاسترو ته ڪڏهن سورهيه بادشاهه ته ڪڏهن پڳٽ سنگهه ۽ سپاش چندر بوس جا مثال تڪي توري رکندو هو جو بحث ڪندڙ سندس دليلن کان ٻاهر نڪري ئي نه سگهندو هو. مون کي حيرت ٿيندي هئي ته هيڏو حساس شخص، ايڏو وڏو مزاحمتي ڪردار به ٿي سگهي ٿو چا؟ سندس ان انداز جي بهادريءَ جو مثال ڏسي، حوصلا بلند ٿي ويندا هئا.

آزاد سوشلسٽ سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ:

سنڌ جا اڪثر قومپرست قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ طبقاتي سوال کي هميشہ گهٽ اهميت ڏيندا رهيا آهن. آزاديءَ ڪانپوءِ سوشلزم جي نقطي تي اڻ چٽائي بہ سڀ کان وڏو الميو آهي. سنڌ جا ڪميونسٽ وري قومي آزاديءَ جي سوال کي دليلن سان غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نظر ايندا. جڏهن تہ ڪامريڊ لينن "رياست ۽ انقلاب" ۾ چيو آهي تہ "جيڪو ڪميونسٽ قومي آزاديءَ لاءِ وڙهي نہ ٿو اهو مارڪسي تہ نہ آهي پر سڪڙو جمهوريت پسند بہ نہ آهي." پر سنڌ جا ڪيمونسٽ مارڪسي فلاسافيءَ کي حالتن جي تناظر ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ بجاءِ ڊرائنگ روم طرز جي سياست ڪندي نظر ايندا، جنهن سبب اڄ ڪميونسٽن وٽ نہ ماس پارٽي ٺهي سگهي ۽ نہ ئي ڪيڊر پارٽي. قوم ۽ قومي سياست جي انحرافي سنڌ جي ڪميونسٽن کان پوءِ جي آهي. قومي آزاديءَ جي معاملي ۽ طبقاتي سوال کي الڳ الڳ نہ ڏسڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ قومي آزاديءَ جو سوال ايترو ڪميونسٽ جو بہ هجڻ گهرجي، جيترو هڪ قومپرست جو آهي. ڪامريڊ غلام قادر جوٽيجو پاڻ کي ڪميونسٽ سڏائيندي بہ قومي آزاديءَ جو سڀ کان وڏو داعي نظر آيو. قومپرست ملندس تہ طبقاتي سوال رکندو. ڪميونسٽ ملندس تہ قومي آزاديءَ جو سوال دليلن سان رکندو. سائين غلام قادر ٻنهي ۾ پل وارو ڪردار ادا ڪندي نظر آيو. تنقيد بہ ٻنهي تي ڪندي نظر ايندو هو. ڪميونسٽ ۽ قومپرستن جي وچ ۾ پيدا ٿيل ويڇوٽين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو.

ڪامريڊ اسٽالن تي ٽراٽسڪائي گروپ چٽي تنقيد ڪندا رهيا آهن. پر اهو بہ سچ آهي تہ جيڪڏهن لينن ڪانپوءِ اسٽالن نہ هجي ها تہ سوويت يونين ترقيءَ جون منزلون ايترو جلد طئہ نہ ڪري سگهي ها. پرولتاري آمريت ڪانپوءِ پارٽي آمريت ۾ تبديلي اسٽالن جي ڪوششن جو نتيجو هو جو سوويت يونين رد انقلابي قوتن سان منهن مقابل ٿيو ۽ قومي سوال تي ڪامريڊ اسٽالن تہ سڀ کان وڌيڪ چٽي نموني لکيو آهي، جنهن ۾ سندس "قوم ۽ قوميت" اهم لکڻي آهي. ڪامريڊ غلام قادر پرولتاري آمريت ۽ پارٽي آمريت جي حوالي سان تمام گهڻا بحث ڪيا.

افسوس صرف اهو آهي تہ سندس خيال، سوچون، محفوظ نہ ٿي سگهيون آهن. سندس تحريرون بہ ڪٽي نہ ٿيون ملن، تقريرون تہ مورڳو ڪندو ئي نہ هو. جنهن سبب سندس سياسي پورهيو چند ڏهنن تائين محدود آهي. جڏاڻي اها چوٽي بلڪل درست ثابت ٿي آهي تہ "جڏهن ڪو انسان مري ٿو تہ ان سان گڏ هڪ لائبريري (دماغ) بہ دفن ٿئي ٿي." جنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪامريڊ غلام قادر جوٽيجو اڪيلو دفن نہ ٿيو آهي پر هڪ گهمندڙ ڦرندڙ سياسي ۽ فڪري لائبريري دفن ٿي آهي!!

تاريخ جي راهن ۾ مارجي ويل
شهيد سميع الله ڪلهوڙو

گوئٽي چواڻي ته "سڀ انسان هڪجهڙا آهن پر ڪو انسان ڪنهن جهڙو ڪونهي." بظاهر ته ان سِڌَ ۾ گهري معنيٰ به لڪل آهي پر جڏهن ان جي معنيٰ ۾ پاڻ ڳوليون ٿا ته اهو سچ به آهي ته سڀ انسان هڪجهڙا آهن. ڪائنات، پيدائش، روئڻ، ڪلڻ، اٿڻ ڪان وٺي سڀ فطري عمل ڪائنات جي هر ڪنڊ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جا ساڳيا ئي آهن ڪوئي فرق نه آهي. چائنا ۽ سنڌ جي ٻار جي دانهن ۾ مانيءَ لاءِ سيئي ٻار ساڳي تڪليف محسوس ڪندا آهن. ڏک لڳڻ جو درد به ساڳيو ئي سيني کي ٽيندو آهي پر وَري ڏسجي ته ڪو انسان ڪنهن جهڙو ڪونهي ڪو ظالم آهي ته ڪو مظلوم آهي، ڪو غلام آهي ته ڪو آقا آهي. ڪو نوڪر آهي ته ڪو مالڪ، ڪو سخي آهي ته ڪو ڪنجوس، ڪو ڏرتيءَ جو وفادار آهي ته ڪو غدار. ڪو سوچ جي ڏس ۾ ڏسجي ته همالیہ جي بلندين کان به مٿي پرواز ڪري ٿو ته ڪو پاتار جي پيوند ۾ نظر ايندو. ڪي تاريخ جا ڄاڻو تاريخ جا نبض شناس ته سماج ۾ رهندي به سماج کان منفرد ۽ اعليٰ نظر ايندا. تاريخ ۾ انهن جو ڪردار سڀ کان اتم ۽ منفرد نظر ايندو. تاريخ ۾ انهن جي اها منفرد حيثيت منفرد ۽ مختلف رخن ۾ پسي سگهجي ٿي. ڪي ماڻهو پنهنجي ڏاهپ ۽ سمجهه جو اظهار پنهنجي قلم جي روپ ۾ ته ڪي وري وسيع تر عوام جي تحفظ لاءِ تلوار پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي سفر ڪن ٿا ۽ پوءِ تاريخ جي وِڪ وِڪ تي انهن جا نشان انهن جي عظمت جا گواهه بڻجن ٿا، ڪي ڏرتيءَ کي پنهنجا لڙڪ ڏڻا آڇين ٿا، بهرحال ٻنهي صورتن ۾ تاريخ انهن جو پورهيو ضايع نه ٿي ڪري. جيئن اياز چيو آهي ته:

اي ڏرتي! توکي پيٽ ڏنا، ڪنهن لڙڪ ڏُڙا ڪنهن ماکَ ڏڙا،
جن توکي پنهنجو رت ڏنو سي سڀ ڪان وڌيڪ ڪمائي ويا.

آڳ پيغمبر جي انهيءَ ڳالهه سان متفق نه ٿو ٿيان ته "عالم جي قلم جي مَسُ شهيد جي رت کان وڌيڪ مقدس آهي." اهو مفروضو ٿي سگهي ٿو يا هڪ دؤر جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي پر تاريخ جو اهو سچ نه آهي. ڇاڪاڻ ته عالم جو قلم درٻاري به رهيو آهي. جنهن تاريخ کي ڏنڊلو ڪري پيش به ڪيو آهي ته منسوخ ڪري به پيش ڪيو آهي پر تاريخ ۾ شهيدن جي رت جا نشان درٻار جي طرفداري نه پر عوام ۽ ڏرتيءَ جو تحفظ ڪندي وهي ٿو ۽ آڳ سمجهان ٿو ته شهيد جو رت، عالم جي قلم جيان ڪٽي به مصلحت ڪندي نظر نه ايندو. راجا ڏاهر کان شهيد سميع الله ڪلهوڙي تائين تاريخ جو سنڌن پورهيو وقت جو عالم قلم جي وسيلي لکائي ته سگهي ٿو پر شهيدن جو رت وَري وَري اُپري پنهنجا رستا پاڻ ٺاهي ٿو ۽ ٺاهيندو رهندو.

سنڌ جي جُڳَن جي تاريخ ۾ شهيدن جي رت جا نشان اسان سيني لاءِ مشعلِ راهه آهن. سنڌ مٿان جڏهن به غلاميءَ جا ڪڪر ڇانيا آهن تڏهن سماج کان منفرد ۽ تاريخ جي نبض شناس تلوار جي مُٺي ۾ ئي عوام جي تقدير جي تبديلي سمجهي آهي. سميع الله ڪلهوڙو به تاريخ جي نصاب ۾ اهو باب آهي جنهن ان وقت هٿ ۾ تلوار کنئي

جڏهن تلوار کڻڻ تاريخ جو جرم قرار ڏنو ويو هو ۽ جڏهن سنڌ ۾ "اسين امن پسند قوم ۽ امن پسند سياست" جا نعرا هٽي عوام کي صبر جي تلقين ڪندا رهيا، پنهنجي ڪَلَ بچائڻ لاءِ عدم تشدد کي عقيدي جي ڪل پائي گهمندڙ سنڌ جا سياستدان محدود دائرن ۾ سياست ڪرڻ جا سبق ڏئي رهيا هئا.. تڏهن ميهڙ جي مينديءَ مان رت جي خوشبوءِ ڪٽي مقتل ڏي، محبوب جي زلفن جي زنجيرن ۾ پاڻ ارپيندڙ سميع الله ڪلهوڙي تلوار جي مُٺي ۾ هٿ وجهي اڪيلي سر بيهي رهيو. هن کي جڏهن مقتل گاهه ۾ ونيون پئي ويا. تڏهن وک وک تي سڄي سنڌي قوم جو بار سيد سان ڪيل وچن ۽ تاريخ جي ميار پنهنجي ڪلهن تي محسوس ڪئي هئي. هن سوچيو پئي جيڪڏهن اڄ مان پنهنجو مؤقف ۽ سنڌ جي فرياد، جابرن اڳيان رکي نه سگهيس ته سالن تائين سنڌ مياري رهندي ۽ سنڌي قوم کي ويڙ سهڻا پوندا. ان ڪري هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته "منهنجي اکين پورڻ سان ڪروڙها انسانن جون اکيون ڪلي ويون ته اهو مون لاءِ سپ کان وڏو اعزاز ۽ انعام آهي." هن پنهنجون نظرون جهڪائڻ کان وڌيڪ ترجيع پنهنجي نظرن کي پورڻ ۾ ڏني هئي. ڇاڪاڻ ته هي سِر محبوب جي قدمن ۾ جهڪي سگهي ٿو يا ڌرتيءَ خاطر ڪپجي سگهي ٿو پر ظالم اڳيان پنهنجو سِرُ جهڪائڻ کان بهتر آهي ته سِرُ ڪٽجي ويڃي ۽ پوءِ هن ائين ڪيو. لطيف چواٽي ته:

مٿي اتي منهنجي هوا، جي سرن سَوَ هزار،
ته تنهنجي تند تنوار هَرَ هَرَ ويڃيم هيڪڙو.

سياست جي شروعات "چڙنگ سنگت" کان ڪندڙ شهيد سميع الله ڪلهوڙو جي اندر ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم سان هريل چڙنگ پيڙ ٻاري وڏو. سنڌ جي سياست جو مزاج به عجيب قسم جو آهي. جنهن ۾ توهان کي رومانس ملندو. جڏهن ته سياست معيشت ۽ رياست جو علم آهي. سياست ته معيشت جي بنياد تي ٽيندي آهي. معاشي جنگ ئي سياسي جنگ جو سبب بڻجندي آهي. پر هتي سياست رومانس جو روپ اختيار ڪري ويئي آهي. جنهن جي پسمنظر ۾ ته معيشت ئي لڪل آهي پر پيش منظر ۾ عشق ۽ رومانس ئي رهي ٿو. جتي مقتل ڏي ويندي به پنهنجو سِرُ فخر سان اوچو ڪري هلڻو ٿو پوي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو مخدوم بلاول گهاٽي ۾ پيڙجڻ وقت به پنهنجي هڏين جا ٽڪاٽ پنهنجي ڪنن سان ٻڌڻ ۾ راحت محسوس ڪري ٿو ته هيمون ڪالاٽي جهڙو ڳيرو به برف جي ڪينن تي محبوب جي چپن جي ٽڏاڻ محسوس ڪري ٿو ته شهيد سميع الله ڪلهوڙو به موت کي محبوب سمجهي ڳل لائي ٿو ۽ پنهنجي محبوب کي لکي ٿو ته "سنڌ جي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ منهنجو سِرُ وڃي ٿو ته مون کي ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي."

اڄ جڏهن سميع الله جي ڪيل پنڌ ۽ ساٺين کي ڏسون ٿا ته اهو پنڌ ۽ پانڌيئڙا اُداس نظر اچن ٿا. جنهن مقصد خاطر شهيد پنهنجو رت ڏنو اهو مقصد ته موجود آهي پر اهي پانڌيئڙا الڳ الڳ راهن تي ٻيڻا آهن. هڪڙن ان جي راهه کي غلط سمجهيو ۽ ٻين ان جي نالي تي زندگيءَ کي آسائشن ۾ وڃي پاڻ ڦاسايو ته ٽيان وَري اڄ رُڃَ جهڙي سماج ۾ مُور جهڙي رڙ ثابت ٿيا آهن. جن جو آواز ايترو ته آهستي آهي جو ڪو اها دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه آهي، جيڪا جاءِ شهيد ان اميد سان چڏي ته هي ميدان دشمن لاءِ خالي نه ٽيندو، اها جاءِ جيتوڻيڪ خالي ته نه ٿي آهي پر اها جاءِ ايترو ته ڪمزور ٿي ويئي آهي جيڪا اتساهه ڏيڻ بجاءِ مايوسيءَ جي ڏبڻ ۾ لاهي ٿي چڏي. اڄ جڏهن رياست جا سازشي ۽ ظالم چنبا سنڌي قوم تي وڌيڪ پختا ٿي رهيا آهن تڏهن ان خلاف رَدِ عمل ايڏو سخت نه آهي، جنهن ڪري شهيد جي

ڇڏيل مشن کي پورو ڪرڻ جو سوال ايجان بہ جيئن جو تيئن موجود آهي. اڄ شهيد جي پارٽي ساڳي پارٽي نہ رهي آهي. جيڪا هوندي تہ محدود ماڻهن تي هئي پر سڄي قوم لاءِ اميدجو ڪرڻو ٿي اپري هئي پر اڄ اها تحريڪ اتساهہ جو ڪارڻ نہ رهي آهي. اهو ڪيڊر جيڪو شهيد سان گڏ زندگيءَ جو دانُ هن راهہ ۾ ڏيڻ لاءِ وچن ڪري نڪتو هو اڄ اهو ڪيڊر مايوسيءَ جي گهيري ۾ آهي. اڄ شهيد جا قاتل سرعام گهمي رهيا آهن پر ان جو پلاند ڪرڻ جي ڪيل ڳالهہ تاريخ جي ڪاڙ خاني حوالي ٿي ويئي آهي. ان ڪري تاريخ ۽ وقت جي ضرورت بہ اها آهي تہ شهيد سميع الله ڪلهوڙي جي ڏسيل راهن تي هلڻ لاءِ پنهنجي صفن کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. پنهنجا پيچرا ۽ پنڌ ساڳئي اتساهہ ۽ ويساهہ سان ونڊا پوندا، جنهن اميد سان شهيد اهي پنڌ ڪيا هئا ۽ تاريخ جي راهن ۾ پنهنجو سِرُ رکي اسان کي سڏ ڏنو هو تہ :

سُوريءَ سڏڻيو ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تت پيو جتي نالو نينهن ڳنهن جي.
(شاهہ)

تون هونئن بہ مرندين .....!؟
(شهيد سرائي قربان ۽ سندس ساٿي)

هُو جڏهن سنڌ جي جمود پري سياست ۾ پنهنجي طويل خاموشيءَ کي ختم ڪري لٿو هو تہ سنڌ جي روايتي سياست ڪندڙ گهٽائي قومپرست ڇرڪي ويا هئا. گهٽن کي پنهنجي بت ڍهڻ جو خطرو محسوس ٿيو هو ۽ ڪيترائي وقت جا خدا هن ڏانهن تنقيدن جا تير اڇلڻ لڳا هئا. پر هن وقت گذرڻ سان سنڌ جي سمورين قومپرست ڌرين ۾ پنهنجو اعتماد بحال ڪرايو هو. هن سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو سنڌ جي جرنيل شاهہ بهاري کان سن جي سيد جي آڪٽ تائين جڏهن پنهنجن ساٿين سان "آزادي مارچ" شروع ڪيو هو تڏهن سنڌ سان عشق ڪندڙ ڪارڪنن محسوس ڪيو تہ سنڌ جي آزادي ۽ سنڌ جي مسئلن لاءِ سياست ڪرڻ ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي. ڇاڪاڻ تہ غلامي "اُم المسائل" ٿيندي آهي. جنهن مان نجات جو رستو آزاديءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪو خوبصورت ٿي بہ نہ ٿو سگهي پر هتي تہ روايتي مسئلن تي سياست ڪري آزادي پسند سياسي پانڌيئڙن کي ٽڪايو ويو هو. جنهن مان هِن نڪرڻ لاءِ پهريون پاٽيءَ ۾ پٽر اڇليو هو. هن تہ سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر نڪري پنهنجي ساٿين جي آزاديءَ لاءِ جڏهن اسلام آباد جي ايوانن ڏانهن پنڌ ڪيو هو تڏهن بہ گهٽن کان دانهن ڪري ويئي هئي ۽ اتي جڏهن پارٽيءَ جي نمائندگي ڪندڙ کان سوال ڪيو ويو هو تہ "ڪيا آپ پاڪستان کو توڑنا چاهتي هو؟" تڏهن ان اڳواڻ کان پگهر شروع ٿي ويا پر هن يڪدم جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪندي وچ ۾ چيو هو تہ "هان هم پاڪستان توڑنا چاهتي هين." تڏهن سن جي سيد جي ٻاريل ڏياٽيءَ کي ڪيڏي نہ معنيٰ ملي پئي هئي. گهٽن کان تہ ڇرڪ نڪري ويا، "هي ڇا ٿو چوي، سنڌ کي غلام بڻائيندڙن جي سرزمين تي بيهي بہ ايڏي جرئتمنديءَ بہ ڪري سگهجي ٿي ڇا؟" نہ تہ اسلام آباد ۾ وڃڻ ڪانپوءِ اڪثر سنڌ جو راڳ آلاپيندڙ پنهنجون ڪائنچون بہ آليون ڪري موٽندا آهن. هن تہ سنڌ ۾ بلوچستان جي گوريلي بالاچ خان مَريءَ جي وَرسي جو جڏهن پروگرام پنهنجي شهر ۾ ملهايو هو تڏهن بہ سنڌ جون سموريون ڌريون ماڻ ٿي ويون. هي ڪهڙي ارڏائپ جنم وٺي رهي آهي. جيڪا ظاهر ۾ تہ گانڌي جي عدم تشدد جا پيروڪار آهن پر سياش چندر بوس جي بندوق بہ پاڻ وٽ رکڻ کي تاريخ جو سچ سمجهن ٿا. هو جڏهن شيخ ايياز جو اهو گيت:

تون هونئن بہ مرندين ڪاڇي ۾،
اڇ ناهَر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾.
تون گوليون هيڻ هلائي تہ ڏس،
۽ ڪنهن پٽر جي اوٽ ڏئي،
هن ڌرتيءَ کي ڏڪائي ڏس!
جي تنهنجو ڦرندو لاش ڪري،
نئن گاج مٽان، پرواه ناهي،

جي ڏرتيءَ تي آڪاش ڪِري،
هيءَ ڏرتي اُن کان هيٺي آ.
تون ڏاڍي جو ڏُهڪاءُ نہ ڏس،
هر دل بندوق وهيٽي آ.
هر گوليءَ کي ڪا ٻولي آ.
جا هر ڪو ڄاڻون ڄاڻي ٿو
تون چوندين هيءَ پرولي آ....
پر هيءَ سولي پرولي آ.
تون ڪنهن جون ٻانهون ناهين ڏِي،
جي گولي تنهنجي گولي آ.

اڄ ناهَر وانگر چال ڏئي،
تون آءُ پهاڙي پاڇي ۾،
۽ ڪنهن جي پر ڏال ڏئي،
تون گوليون هيٺ هلائي ڏس،
۽ ٽا ٽا ..... ٽا ٽا ..... جي سُرَ تي.
ڳڙ آزاديءَ جا ڳائي ڏس!

تڏهن به هن جي آواز ۾ عجيب لرزش هوندي هئي. اکين ۾ سنڌ جي آزاديءَ جا سَوَ سپنا جاڳي پوندا هئا. هو آزاديءَ جي نعري تي بندوق جي ٽاٽا کي مَڏُر گيت سمجهي جهومڻ لڳندو هو. بندوق جي ٽاٽا تي آزاديءَ جا گيت ڳائڻ ۽ انهن کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ جڏهن تڪليفن جي سفر کي به راحت سمجهندو هو. اسان جڏهن به هُن سان پارٽي اجلاسن توڙي ذاتي ڪچهرين ۾ ملندا هئاسين تڏهن سدائين مُڪ تي مرڪ هوندي هيس. ڪڏهن به بيزاري يا ڇِڙَ مان ڳالهائيندي اسان هِن کي نہ ڏٺو. سيني ساٿين جي مالڪي، وارثيءَ جو وٺس انتها درجي جو ڏاڻءُ هو. يارن جو يار اهڙو جو يارن تان سِرُ به قربان ڪبو پر ياريءَ تي ڪا ميارَ اچڻ نہ ڏبي. سندس بااعتماد دوستن جو سنڌ ۾ تمام وڏو حلقو هو. جيڪي هڪ ٻئي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ مون آتا ڏٺا. جڏهن هِن جو وچوڙو ٿيو تڏهن سندن يارن جا جيءَ ڇُهرندي ڏٺا. هو هڪ ٻئي کي پاڪرين پئجي آڻت ڏئي رهيا هئا. سندس تدفين جي وقت شهدادڪوٽ ۾ هر اک آلي، چهرا لٽل، هر ماڻهوءَ ايئن پئي محسوس ڪيو جڻ ڪ سندس جگر جو ٽڪر ڪٽجي ويو آهي.

هونئن به ابوالڪلام آزاد چواڻي ته "غلامي اهو بدنما داغ آهي، جيڪو ڪنهن قوم جي عزت آبرو کي صدين تائين ڪوجهو بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ اهڙي داغ کي ڌوئڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ قوم کي رت جي دريائن تي انساني جسمن جا فصل پوکڻا پوندا آهن." هن اهو بدنما داغ ڌوئڻ لاءِ رت جي دريائن تي انساني جسمن جي فصلن کي پوکڻ کي به عيب نہ پئي سمجهيو ۽ اها ئي تمنا کڻي پنهنجي زندگيءَ جو دان ڏيڻ کي اوليت ۾ رکيو هي به تاريخ جو عجيب حادثو آهي ته جڏهن حُرن جي رهبر بندوق کڻي "وطن يا ڪفن" جو نعرو هڻي گوريِ سرڪار جون متيون مُنجهائي

ڇڏيون هيون ۽ هي اها ئي سانگهڙ سنڌ جي گوريلن جو آماجگاهه رهي هئي ۽ اڄ ساڳي سرزمين تي وطن لاءِ بندوق کڻي گهمندڙ سرائي قربان کاوڙ جي شهادت جو واقعو درپيش اچي ٿو. سنڌي قوم کي تاريخ جا سمورا مزاحمتي باب ياد ڏيارڻ لاءِ هيءُ واقعو معنيٰ رکي ٿو. هن سانگهڙ ۾ حرن جي رت جا نشان تازا ٿي ويا آهن. ياد تازي ته ڪارونجهر جي ڪُک ۾ گورن سان گوريلا جنگ ڪندڙ روپلي ڪولهي جي به ٿي آهي. جنهن جڏهن ويڙهه جا سندرا ٻڌي ڪارونجهر جي اوٽ ۾ ناڻا ڪئي هئي. تڏهن ڪنهن ٿي ڇاتو ته تاريخ وري ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ الڳ سڃاڻپ سان ئي سهي پاڻ کي ورجائيندي آهي. وَري صدين پڇاڻان وارهه جي سرزمين تي عبدالجبار مان روپلي جو روپ ونڊي. تاريخ جي ڳوري ذميواري ڪلهن تي کڻندو. هن جڏهن 26_مارچ 2011ع تي لاڙڪاڻي ۾ انور پيرزادو ڪانفرنس ۾ ڪامريڊ سوپي جي اڳيان اهو اعتراف ڪيو هو ته "مان ڪو دانشور اديب ته نه آهيان پر سنڌ جي آزاديءَ جو سپاهي ضرور آهيان. توهان پلي تاريخ جي ورقن مان دليلن سان ڳالهايو. اها توهان جي ذميواري اهي. پر اسان سنڌ جا جانثار وڙهڻ کي تاريخ جي ذميواري سمجهون ٿا." تڏهن مون سميت ڪامريڊ سوپي جي جهونين اکين ۾ اميد جا ڪرٽا پيدا ٿي پيا هئا. اڄ جڏهن هن جي ڳئي ڳالهه کي گهڻو وقت نه گذريو آهي تڏهن يقيناً هن پنهنجي قول کي عمل جي شڪل ڏني آهي. ڪنهن شاعر چواڻي ته:

ڪليون ڪو مين سيني ڪا لهو دي ڪر چلا هون،
صديون مجهي گلشن کي فضا ياد ڪري گي.

يقيناً صدين تائين تاريخ کين وساري نه سگهندي. جڏهن سنڌ ۾ سَنَ جو ذڪر ٿيندو تڏهن هزارين مرجهايل مکڙين لاءِ اتساهه ۽ ويساهه جو ڪارڻ بڻجي سرائي قربان ۽ روپلي جو رت اڳيان اپري ايندو. سندس ساٿين لاءِ هيءَ امتحان ۽ غور ويچار جي گهڙي به آهي ته جن دڳن تي سندن ساٿي شهادت جو جام پي اڳتي ويا آهن، انهن جي صفن کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح مضبوط ۽ مستحڪم رکجي. سنڌ ۾ هي بحث به نئين سري سان چڙي پيو آهي ته مزاحمت، عوام ۽ پارٽيءَ کان سواءِ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ اسان کي يا سنڌ جي ساڃاهه وند ڏرين کي ان ڳالهه تي ڪوبه اختلاف ڪونهي ته مزاحمت يا ويڙهه نه ٿيڻ کپي. پر سوال حڪمت عملين جو آهي. هن مزاحمت کي عوام سان ڳنڍڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عوام کانسواءِ مزاحمت، يا جنهن مزاحمت کي عوام پنهنجو نٿو سمجهي اها مزاحمت گهڻو وقت جڏاءُ نه ٿي ڪري سگهي ۽ ان مزاحمت کي منظم ڪرڻ لاءِ تنظيم ۽ ان جي شعبابنديءَ جي به اشد ضرورت آهي، جيڪا اسان مزاحمت، تنظيم کانسواءِ ۽ عوام جي اعتمادي کانسواءِ وڙهنداسين ته يقيناً اها مزاحمت گهڻي عرصي تائين جاري رهي نه سگهندي. جنگي مهارت رکندڙ سن زو جو چوڻ آهي ته "پهرين پنهنجي دشمن جي طاقت جو اندازو لڳايو. پوءِ پنهنجي طاقت کي ڏسو ۽ پوءِ دشمن تي وار ڪيو. ان طريقي سان توهان دشمن سان بهتر نموني وڙهي سگهندؤ." پوئتي هٽڻ به ڪا بزدلي ڪانهي. جڏهن سمجهو ته اسان کان وک تڪڙي يا غلطي ۾ ڪجي ويئي آهي ته ان کي سنيالڻ لاءِ يا بهتر ڪرڻ لاءِ به وکون پوئتي ڪري، دشمن تي وار ڪجي. هن وقت قومي تحريڪ تي تاريخ جي اهم ذميواري عائد ٿي آهي ته هو فيصلا ڪن ويڙهه ڪري پر اهو ڪيئن وڙهجي ان تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ اسان سيني تي فرض بڻجي ٿو. هونئن سنڌين تي اهو الزام به آهي ته سنڌي قوم ڪڏهن منظم مزاحمتي جنگ نه ڪئي آهي ۽ صرف پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهي آهي. جن ۾ دشمن قوتن اسان جو نقصان وڌيڪ ڪيو آهي. اڄ اسان کي ۽ شهيد جي

ساڻين کي منظم ٿيڻ، تنظيم طرف ڏيان ڏيڻ ۽ عوام کي پنهنجي عملن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ وسيع طرف ڏيان ڏيڻ ۽ عوام کي پنهنجن عملن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ وسيع ترين ۽ گهڻ رخي جدوجهد جي ضرورت ۽ اهميت آهي.

هيءَ سڄي سنڌ شهيد سرائي قربان کاوڙ ۽ روپلي چولياڻي توڙي سندس ساڻيءَ نور الله تونيو جي سوڳ ۾ ورتل آهي ۽ ان جون نظريون پراميد آهن ته سندن ساڻين جا چڏيل مورچا خالي نه ٿيندا ۽ ڪامريڊ مائوزيتنگ جي هن چوٽيءَ ۽ جنگي اصولن جي عملي تفسير پيش ڪندا ته:

"فوجين کي عوام ۾ ڦهلجي وڃڻ گهرجي ۽ انهن کي دشمن خلاف پڙڪائڻ گهرجي. جيڪڏهن دشمن اڳتي وڌي ته پوئتي هٽڻ گهرجي. جيڪڏهن دشمن رڪجي وڃي ته ان کي پريشان ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن دشمن ٽڪجي پئي ته ان تي حملو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن دشمن واپس ٿئي ته ان جو پيڇو ڪرڻ گهرجي."

سنڌ جو سڪ ديو
شهيد ذوالفقار ڪولاچي

مون کي اها خبر نہ آهي تہ نور الهديٰ شاهہ جڏهن هيئيون نظم لکيوهو تڏهن هن جي مَن اندر ڪهڙي مزاحمت ۽ ڪرب سمايل هئي پر هن مزاحمت جا سلا سنڌ ۾ ڦٽندي ضرور محسوس ڪيا هئا. جنهن ۾ هن چيو آهي تہ:

"ماءُ
تو چو بغاوت ڪانہ ڪئي!؟
چوندي آهيانس.
ان ڪري جو منهنجن پيرن هيڻان
منهنجي ماءُ شڪست جو ٻج پوکيو هو.
مان تنهنجي پيرن هيڻان بغاوت ٿي پوکيان."

هن جي ماءُ جڏهن هن جي پيرن ۾ بغاوت پوکي هئي. تڏهن اها خبر شايد ڪنهن کي بہ نہ هئي تہ اها بغاوت ڪينس ساڻي وجهندي. جڏهن هن پنهنجي ڳوٺ کان شهر ڏي پنهنجا باغي پير ڪنيا هئا تڏهن ڪنهن ٿي ڇاتو تہ هو تاريخ جي تمام وڏي سفر تي نڪتو آهي. جتي اروڙ جو ارڏو باغي راجا ڏاهر ۽ سن جو سيد سندس آجيان ڪندا ۽ ڪيس فخر مان نرڙ تي چمي ڏيندي چوندا تہ. "اي ذوالفقارا! اسان کي توتي فخر آهي. تو اسان جي فڪر ۽ فلسفي جي لڄ رکي." اهو ذوالفقار ڪولاچي جنهن جيڪا ڳالهہ چئي ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جڏهن بندوق کلهي تي رکي نئين صبح جي آجيان لاءِ رات جي رهزنن سان وڙهڻ کي تاريخ جو وڏو دليل سمجهيو هو تنهن کي سنڌ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

اهو بہ تاريخ جو اتفاق آهي تہ هوانا جي هوائن ۾ دنيا جي مزاحمتي ڪردار ڊاڪٽر چي گويرا سان گڏ گوليون هلائيندڙ اليبرٽو گرنادو پنهنجي ڏرتيءَ کي آخري چمي ڏئي رهيو هو تڏهن ساڳئي مزاحمتي جنگ سان پنهنجو ناتو جوڙيندڙ ذوالفقار ڪولاچي موت کي ڏرتي خاطر لبيڪ چئي رهيو هو. اهو ڪو تاريخ جو معمولي حادثو بہ ڪونهي تہ ساڳي تاريخ تي سفاڪ رياست جو ڪاڇ ٻڌجندڙ سنڌ جي منگل پانڊي سميع الله ڪلهوڙو جي شهادت ٿي هئي. شايد وقت جي سُڌ شهيد ذوالفقار ڪولاچي انڪاري ٿي نہ سگهيو هو. هن هڪل ۾ هڪل ڏئي پنهنجي شهيد ساٿين کي اڪيلائيءَ جي احساس کان بچايو هو.

سڄي دنيا ۾ ٿي سؤ کان وڌيڪ قومي آزاديءَ جون جنگيون هلندڙ آهن، جيڪي ڪٿي مضبوط حالت ۾ آهن تہ ڪٿي ڪمزور وجود رکن ٿيون پر مزاحمت موجود آهي. جيڪا سنڌ توڙي مظلوم قومن جي تحريڪ لاءِ اتساهيندڙ عمل آهي. انهن ۾ جيڪا سپ کان وڌيڪ بغاوت جي باهہ پڙڪي آهي اها وچ اوپر ۽ اتر آفريڪا جي ملڪن تيونس، مصر ۽ لبيا ۾ جن رياستن جي بنياد کي لوڏي وڏو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جوعرب ملڪن جون بادشاهتون پنهنجي زوال طرف تيزيءَ سان وڌيڪ رهيون آهن. جيتوڻيڪ تيونس ۽ مصر ۾ تبديليءَ جي لهر ڪا الڳ وطن جي گُهر ڪونہ

پيون ڪن پر اقتدار ۾ عوام جي حڪومت۔ عوام لاءِ ۽ عوام طرفان هجڻ جو نعرو ڪٽي نڪتل عوام سڄي دنيا ۾ سجاڳي ۽ تبديليءَ جو تاريخي سڏ ٿي اپريو آهي. ان ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ اهڙي عمل جي آجيان ڪري ٿي ۽ ان عوامي بغاوت جا سڏي يا اڻ سڏي طرح سان سنڌ جي قومي تحريڪ محسوس ڪري رهي آهي. جنهن کي مزاحمت سان دلچسپي رکندڙ سنڌ جا نوجوان وڏو اتساهه ونڊي رهيا آهن ۽ شهيد ذوالفقار ڪولاچيءَ ان جدوجهد کي لبيڪ چوندي پنهنجي مزاحمت کي تيز ڪيو ۽ ان جا اثر ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين سڄي سنڌ محسوس ڪيا آهن. بلوچستان جي باغين به جڏهن پنهنجي بندوق کي ٽڏو ٽيڻ نه ڏنو آهي تہ ان صورتحال ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ سان واڳيل ارڏا، جن جي اهليت ۽ حڪمت عمليءَ سان اختلافن باوجود به سنڌ لاءِ اتساهه جو ڪارڻ بڻجي اپريا آهن.

سنڌ کي سدائين اهو طعنو ملندو رهيو آهي تہ سنڌي بندوق هلائي نہ سگهندا آهن. پر جڏهن به سنڌ جي نوجوانن بندوق کلهي تي کنئي آهي تہ ان کي اڪيلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جڏهن مُکي جي ٻيلي ۾ سنڌ جي سورهيه بادشاهه جي سُورمن بندوق کنئي هئي تڏهن به ان کي مختلف الزام هٽي ان ويڑهه کي محدود ڪيو ويو هو ۽ ان کي سنڌ ۾ اڪيلو ڪري ڪچليو ويو هو ۽ اڄ جڏهن سنڌ جي نوجوانن پنهنجي اپري سپري حال ۾ بندوق کلهي تي رکي آهي تہ انهن کي اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش، سنڌ ۾ ڪنهن به طرح سٿو سنوڻ ثابت نہ ٿيندي.

سنڌ ۾ هڪ طرف سنڌ جي سُورن تي ماتم جاري آهي تہ سنڌ سان هي ظلم ٿي رهيو آهي، سنڌ سان هو ظلم ٿي رهيو آهي. تڏهن سنڌ سان ظلم جي حَلَ لاءِ روايتي ڪلچر اپنائي احتجاج، مظاهري ۽ بک هڙتال کان مٿي جدوجهد نہ ڪرڻ جا درس ڏيندڙ سنڌ جي اڳواڻن کي پٺي ڏئي جڏهن ڪو نوجوان چي گويرا وارو دڳ ونڊ گهري ٿو تہ ان جي پُٺي ٺپڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ بجاءِ ان کي اڪيلو ڪرڻ ڪهڙي سنڌ دوستي آهي!؟ جيڪا ڳالهه اڄ تائين مون کي گهٽ ۾ گهٽ سمجهه ۾ نہ ٿي اچي. اهي ساڳيا ماڻهو بلوچن جي ويڑهه تي ڪلما پرڻ لاءِ تيار آهن پر سنڌ اندر اپرندڙ اهڙن خيالن کي ڦٽڻ کان اڳ ۾ دليلن جا پهاڙ ڪيرائي چيپاٽيو پيو وڃي.

هو جڏهن ڳالهائيندو هو تہ محسوس ٿيندو هو تہ سنڌ جي سينڊ سنوارڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن جي روح ۾ عجيب قسم جي بيچيني هوندي هئي. جنهن ڪري پارٽي اندر ٿيندڙ سمورين ڏکين ڪمن کي پوري ڪرڻ جو ڪم هميشه اڳيرو ٿي ڪٽندو هو ۽ هو جڏهن به ڪم هٿ ۾ ڪٽندو هو تڏهن پڪ ٿي ويندي هئي تہ اهو ڪم ضرور ٿيندو. هو جڏهن به اسان کي نظر آيو تڏهن متحرڪ نظر آيو. سدائين اکين ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اوجاڳا ڪٽي جڏهن هو سفر ڪندو هو تڏهن چپن تي سدائين انوکي باغي مرڪ ۽ صدين جو ويساهه ڪٽي نڪرندي هو. سچ پچ تہ هو سنڌ جو ديو مالائي ڪردار هو. جيتوڻيڪ جنهن ساڻ ۾ هو هو هيو ان ساڻ جون صفون ڪمزور هيون ۽ آهن پر سندس ساڻ جي نيتن تي شڪ نہ هو ۽ نہ آهي. اڄ تاريخ جي ضرورت آهي تہ سنڌ جي سياست کي هن مورچي تي وڙهڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي سمجهڻ گهرجي. ڪارل مارڪس چواڻي تہ "فلسفين هن وقت تائين صرف دنيا جي تشريح پئي ڪئي آهي پر بنيادي مسئلو ان کي تبديل ڪرڻ آهي." ان چواڻيءَ کي سنڌ جي پسمنظر ۾ ڏسجي تہ سنڌ جي گهٽگهرن سنڌ ۽ ان جي مسئلن جي تشريح پئي ڪئي، بنيادي ڪم سنڌ جي تقدير تبديل ڪرڻ جي آهي. اها جيڪڏهن سياسي جدوجهد، عوامي جدوجهد ۽ فڪري جدوجهد جي وسيلي تبديل نہ ٿي ٿئي تہ پوءِ شهيدن جي رت جي ڏسيل واٽ کي ڏسڻ جي به ضرورت آهي. اها واٽ مقتلن ڏي ونڊي ويندي آهي. جيڪا رات جي رهزنن کي ڊيڄاري

وجهندي آهي. پر جيڪڏهن مقتلن کان ڪوئي باغي يا انقلابي ڊڄي ويهي رهي ته يقيناً تاريخ جي پيرن ۾ ڏاوڻ پئجي ٿا وڃن. تاريخ جي ارتقا جي رفتار سست ٿي وڃي ٿي.

هن جي تڏي تي جڏهن سنڌ جو اڪيلو چوٽين دنيا جو مفڪر آڻت ڏيڻ لاءِ سندس وارثن تائين اچي ٿو ته ٻين جي دعوائن تي شڪ ٻه ٽيڻ لڳي ٿو ته ڪاڏي ويئي انهن جي انسان ۽ سنڌ دوستي جنهن جي دعويٰ ڪندي ٽڪبا نه آهن ته سنڌ ۽ سنڌي قوم جا محافظ آهيون پر جڏهن ڪو سنڌ جي عظمت جي رکوالي ڪندي ڪو شهادت جو جام پيئي ٿو ته انهن جي وارثن وٽ لڙي وڃڻ لاءِ ٻه چرڪن ٿا. اسان تاريخ جي هن باغي ديوتا جي عظمت اڳيان پنهنجي اکين کي جهڪايون ٿا ته اي شهيد تنهنجي شهادت اڳيان اسان سرخرو ٻه آهيون ته اسان تنهنجي وات تي فخر محسوس ڪريون ٿا.

سنڌ جي اماس تقدير اڳيان ارپنا لاءِ تنهنجي خون جي روشني هميشہ رهنما ثابت ٿيندي. تاريخ تنهنجي سلامي آهي.

اُماس رات روح ۾،
ترار جيان ڪپي ويئي،
۽ روشنيءَ جا محسنؤ!
بتين جون بارشون ڪيو!

هڪ عظيم انسان جو وڇوڙو
"شهيد بشير قريشي"

جيتوڻيڪ "پروميٿيس" ڪردار تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ حقيقت نه رهيو آهي.پر اهو اهڙو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي همعصر خدائن سان بغاوت ڪري، پنهنجو رشتو انسانن سان جوڙي ٿو ۽ هو انسانن کي جديد ٽيڪنالوجي "باهه" ۽ ان جي اهميت کان آگاهه ڪري ٿو. ان گناهه ڪبيره جي عيوض پروميٿيس کي ڳجهين جي حوالي ڪيو ويو ٿو. پر هو پل لاءِ به پنهنجو رشتو انسانن کان ٽوڙي نه ٿو. ان بغاوت جي سبب اهو افسانوي ڪردار ڪارل مارڪس کان وٺي، سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ سوپي ۽ عبدالواحد آريسر تائين پسنديده ڪردار بڻجي ويو ٿو ۽ پروميٿيس کان هليل بغاوت جو سلسلو اڄ جي جديد دور تائين جيئن جو تيئن جاري آهي.

1972ع ۾ سنڌ جي باغي ديوتا جڏهن وقت جي خدائن کان بغاوت جو اعلان ڪندي، پنهنجو ناتو آڪاش چڏي ڌرتيءَ سان لڳايو هيو. تڏهن ڪجهه تاريخ کان ناواقف، بي سمجهه، سمجهو ساڻين ان باغيءَ خلاف پنهنجا ڪات کڻڻا تڪا ڪيا هئا. ان باغي تي "هندوستان جو ايجنٽ" هجڻ کان وٺي اهي سڀ الزام هنيا ويا، جيڪي هڪ باغي جي سر تي تعزيرن جا تاج سجايا ويندا آهن، پر هن چيو ته " جيڪڏهن اڄ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آزادي خاطر وقت جي خدائن سان بغاوت نه ڪندس ته مان تاريخ جو منڪر ليکبس" ۽ پوءِ هن اڪيلي سر ئي پير تي ڏونڪو هڻي بيهي رهيو. اڄ اهو وقت جو باغي سنڌ جو روح روان بڻجي ويو آهي. سنڌ جو ذڪر ان باغي کان سواءِ بي معنيٰ بڻجي وڃي ٿو. جنهن کي تاريخ سائين جي ايم سيد جي نالي سان سڃاڻي ٿي.

ان باغيءَ سان 1976ع ۾ پنهنجو نينهن جوڙيندڙ رتوديرو واسي اهو ڳيرو بشير خان قريشي، جنهن لاءِ ڪنهن ٿي ڇاتو ته تاريخ جا ڳرا بار سندس ڪمزور ڪلهن تي پوندا. سن جي باغي ديوتا سنڌ ۽ تاريخ کي اٽلائي پٽلائي جنهن نتيجي تي پهتو هو هن ان کي پنهنجي اکين تي رکي قبول ڪيو هو هن اهي سڀ الزام پنهنجي سر تي کڻڻ کان ڪڏهن به عار نه ڪيو. جيڪي الزام سن جي باغي ديوتا تي لڳا ها. هن سنڌ جي تاريخ جو بار خبر ناهي ته ڪهڙي خيال کان کنيو هو جيڪو بار سر جي سودي ڪرڻ کان سواءِ ڪٽڻ، ممڪن ئي نه آهي، هن ان وقت ئي پنهنجي سر جو سودو ڪري، ها ۾ ها ڪئي هئي، ڪنهن شاعر چواڻي ته:

نه وهه عيسيٰ نه وه ابن علي، سرمد نه وهه منصور

مگر پھر بھي وہ ان سب کي شبيھون مي جھلڪتا هي.

هو ان شعر جي حرف حرف تي سورنھن آنا پورو لھي ٿو. چاڪاڻ تہ هن کي ڪتابن جا اٿ تہ ڪونہ پڙھيا هئا پر ڪتابن ۾ محفوظ تاريخ جي تسلسل کي اڳتي وڌي وڃڻ لاءِ هن ڪڏهن بہ پنھنجا سندرا ڪولي نہ ستو هيو.

سنڌ ۾ هن انھن سيني کي تاريخي ملھہ هنئي آهي، جن مشرق ۽ مغرب جا نظريا تہ پڙھيا پر سنڌي سماج جي مزاج کي سمجھڻ کان قاصر رهياءِ نہ ئي وري ڪلچرل روايتن کي پنھنجي مزاج جو حصو بڻائي سگھيا، پر هن سنڌ جي ثقافت کي پنھنجي طبيعت سان ايترو تہ هم آهنگ ڪري ڇڏيو جو جڏهن بہ هو پنھنجي رهبر جو پيغام ڪٽي ماڻھن وٽ ويندو هيو تہ ماڻھن ڪڏهن بہ هن مان اوپرائپ محسوس نہ ڪئي هئي. هو انگ اگھاڙن، هيڻن، توڙي لاچارن کي جڏهن پنھنجي پاڪ ۾ پري وٺندو هيو تڏهن ماڻھو صدين جا زخم ڇٽندي محسوس ڪندا هئا. هن سياست ۾ پيار جي فلاسافيءَ کي ايترو تہ عام ڪيو جو ماڻھن هن جي پيار تي اعتماد ڪندي هن جي هر سڏ کي لبيڪ چئي پيرين اگھاڙي اويل سويل، آنجهي توڙي مانجهيءَ نڪري ايندا هئا. سنڌ ۾ عام ماڻھن جي ڳالھہ ڪندڙ اڳواڻ ڪڏهن بہ عوام جي ايترو ويجھو نہ ويا، جيترو هن ويجھڙائپ جي رشتي ۾ ڏري برابر بہ وٽي پوڻ نہ ڏني هئي. جيتوڻيڪ هن وٽ سنڌ ۽ سيد جي پيغام ۽ محبت ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھہ بہ ڪونہ هيو پر هن تہ مسقبل جي خوشحال ۽ آزاد سنڌ جا خواب ڪٽي عام ماڻھن وٽ ويو هيو جنھن خواب جي پرورش نيٽن جي ننڊ ڪسي ٿي وڌي. هن ڏکن ۽ دردن جي پيچرن تي هلڻ جو جڏهن ماڻھن کي درس ڏنو هيو تڏهن بہ ماڻھن هن جي خلوص ۽ پيار جي ڪري اهي سڀ تڪليفون اڪين تي رکيون هيون.

هو جڏهن ڪشمور کان ڪراچي تائين سفر ڪندو هيو تڏهن ڇڻ تہ عوام جون دليون ۽ اميدون بہ هن سان گڏ سفر ڪنديون هيون. مسئلو ڪنھن جو بہ هجي، دانھن ڪنھن جي بہ هجي، پر هو بنا ڪنھن تفريق ۽ دير جي پھچي ويندو هيو تيسيتائين سڪ سان نہ ويھندو هيو جيسيتائين مسئلو حل نہ ٿئي ۽ دردن جو درمان نہ ٿئي. قبيلائي جھيڙن جڏهن سنڌ جھڙي امن جي رکوال ڏرتي کي تاراج ڪيو هيو تڏهن هي ڳڇيءَ ۾ ڳارو ڪري پيرين پنڌ نڪري ٿو پوي، ٻوڏ جھڙي آفت جڏهن سنڌ مٿان ڪڙڪي ٿي، تڏهن بہ سڪون هن جو ڦٽل آهي ۽ پنھنجي قومي جھولي ڪٽي عوام جي در در تي نڪري ٿو پوي تہ من ڪو مارن جي ماند هلڪي ٿي پوي. هن تہ پنھنجي رهبر جي پت رکڻ لاءِ سڀ دنيا جا ڌڻ ڌانگر ڇڏي سنڌ جي سرفروش ڪارڪنن کي هڪ ئي وقت ماڻ ۽ پيڻ جو پيار ڏنو هيو. ڪارڪنن جڏهن بہ جيلن ۾ هجن يا روڊن رستن تي تڏهن بہ هن گانڊي جي عدم تشدد واري فلسفي کي لڄي ٽيڻ نہ

ڏنو هيو. پر جڏهن ڪارڪن اٽانگي سفر ۾ درد محسوس ڪندا هئا. تڏهن به هن جي پاڪرن ۽ چمين جي تاثير سان سفر جا عذاب به، عذاب نه لڳندا هئا.

هن جڏهن ٽيويهه مارچ تي سنڌ جي راڄڌاني ۾ دنيا جي غير فطري رياست کي الودائي خطبو ڏئي سنڌ جي صدين جو سڏ ورجايو هيو. تڏهن رات جي رهزنن هن جي پيرن جي نشانن تي سخت پهرا رکڻ شروع ڪيا هئا. هن ٽيويهه مارچ تي واضع چيو هيو "ته گهٽو وقت ٽيو آهي جو منصور جو آواز نه گونجيو آهي ۽ سوريءَ سينگار نه ڪيو آهي، ان ڪري اڄ مان منصوري آواز کي ورجايان ٿو". پر اها تاريخ جي وڏي ستم ظريفي چئبي جو هن کي منصور جي سنت بجاءِ سقراط جيان پيالي ۾امرت ڏئي سدائين جي اگهور ننڊ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر جڏهن هن جي اکين ٻوٽڻ جي خبر سڄي سنڌ ۾ باهه جيان پکڙجي وئي هئي، تڏهن سڄي سنڌ جون اکيون پٽجي ويون هيون، ماڻهن هڪ دفعو ٻيهر پاڻ کي ننڊڻڪائپ جي ڏٻڻ ۾ لهندي محسوس ڪيو هو.

مون جڏهن ڪشمور کان ڪراچي تائين ۽ ڪراچيءَ کان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ لکن جي تعداد ۾ ماڻهن جون دانهون، ڪوڪون، اوچنگارون ڏٺيون ۽ ٻڌيون هيون، تڏهن اهو اعتماد ئي نه پئي آيو ته هو اسان جي وچ ۾ نه آهي. اها پڪ ٿي وئي ته هو اسان کان الڳ ٿي به نه ٿو سگهي !! سنڌ ايجان ايڪويهه اپريل 2011ع تي شهيد ٿيل سرائي قربان کهاوڙ روپلو چولياٽي ۽ نورالله تونيو جي درد کي وساري نه سگهي هئي ته مٽان وري هي دل ڏارياندڙ خبر وچ جيان ڪڙڪي هئي، سنڌي ماڻهن جنهن نموني پنهنجي محبوبن جا لاش صبر ۽ تحمل سان کنيا آهن ۽ ايجان کا ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي اٽئون اهو پڻ تاريخ جو عجيب ۽ انوکو مثال آهي، پر رياستي ادارن کي شايد اها خبر نه آهي ته درياهه اندر دهشت کنهن وقت قيامت ٿي ويندي آهي. ان قيامت ته عرب سامراجيت توڙي برطانوي سامراجيت جا به تڏا ويڙهائي ڇڏيا هئا، هي ته انهيءِ پيٽ ۾ سنڌي ماڻهن اڳيان کا ايڏي خاص معنيٰ نه ٿو رکي، ان جو منظر سنڌي ماڻهن ايم آرڊي تحريڪ، 27 ڊسمبر 2007، پنج ڊسمبر 2010 ۾ جنهن کاوڙ ۽ ڪروڌ جو اظهار انهن هٿين خالي هجڻ باوجود ڏيکاريو آهي تنهن کي پلا تاريخ کيئن وساري سگهي ٿي. پر شايد وقت جا حاڪم طاقت جي نشي ۾ اڄ تائين اها ڳالهه سمجهي ناهن سگهيا ۽ نه ئي وري شايد سمجهي سگهندا!!.

هنن حالتن ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ جي مڙني ڌڙن جي ذميواري جو به وقت شروع ٿئي ٿو. جيڪڏهن قومي تحريڪ هاڻي به پنهنجي ذميواري محسوس ڪري ۽ مڙي مٽ نه ٿي ٿئي ته سنڌ جي غلاميءَ جو دؤر ايجان به ڊگهو ٿي سگهي ٿو. رياست بلوچستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ قومي ڪارڪنن کي

شهيد ۽ گم ڪري ڇڏيو آهي، پر بالاچ خان مري ۽ اڪبر بگٽيءَ جي شهادت ڪانپوءِ بلوچ قومي تحريڪ وڌيڪ باسمجهيءَ سان قدم ڪنيا آهن. جنهن سبب انهن جو ڪيس عالمي سطح تي ته پهتو ئي آهي، پر انهن جي مزاحمت ۾ به زبردست تيزي آئي آهي. تنهنڪري سنڌ جي قومي تحريڪ کي ان مثال کي سامهون رکندي پنهنجي سموري سگهه کي يڪجا ڪرڻ لاءِ پنهنجا ننڍا وڏا اختلاف ۽ انائون پاسي تي رکي هڪ قوت بڻجي اڀرڻو پوندو. فرانز فينن چواڻي ته " جڏهن اوهان منتشر آهيو تڏهن توهان جو دشمن منظم آهي ؛ يقين ڄاڻو جڏهن توهان منظم ٿيندؤ تڏهن توهان جو دشمن منتشر ٿيڻ شروع ٿيندو." اڄ سنڌ جي قومي تحريڪ منتشر هجڻ سبب ان جون دشمن قوتون منظم آهن. ان ڪري جهڙي نموني 1995ع ۾ سائين جي ايم سيد جي وچوڙي ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد جي ڏنگن ۽ ڏاهن ٻارن غم کي طاقت ۾ تبديل ڪيو هيو ۽ هاڻي سنڌ جي قداور ۽ متحرڪ اڳواڻ بشير خان قريشي جي شهادت ڪانپوءِ پنهنجي ڇڙوڇڙ قوت کي يڪجا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، ٻئي صورت ۾ رياست قومي تحريڪ کي ان کان به وڌيڪ خطرناڪ وار ڪري سگهي ٿي. جنهن جو ازالو ڪرڻ شايد ڪنهن جي به وس جي ڳالهه نه هوندو. اڄ شهيد بشير خان قريشي جي شهادت لاءِ تامل گيت اسان جي پوري پوري رهنمائي ڪري ٿو جنهن گيت ۾ چيو ويو آهي ته ؛

تنهنجو آواز
اسان جي روحن ۾ محفوظ آهي،
جيڪو لڳاتار سڏي رهيو آهي،
پر توسان اهو واعدو آهي،
اسان تنهنجي آواز جي تڪميل بڻجي،
پنهنجي وطن جي مٽي محفوظ ڪنداسين
۽ تنهنجي دشمن کي سک سان ساهه کڻڻ نه ڏينداسين.

هو دودو سومرو جو تسلسل هو: شهيد مظفر ٻٽو

سن جي سيد جڏهن پنهنجي سياست جو مزاج گانڌي واد ۽ مسيحي طرز تي رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تڏهن به رياستي ادارن ان مزاج کي ڪڏهن به دل سان قبول نه ڪيو هو جنهن ڪري سن جي سيد جي سياست نالي ماتر جمهوري دؤر هجي يا آمريت جو سڌو سنئون لانگ بوٽ هجي، ٻنهي حالتن ۾ تاب ۽ عذاب جي هيٺ رهي آهي. اهو ئي سبب هو جو 91 سالن جي عمر ۾ رياست سن جي سيد کي زندان جي جهروڪن کان ٻاهر نه ڪڍيو ويو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ به سيد پنهنجي باغي مزاج ۽ باغي سياست، کان تر جيترو نه هٽيو هو. سيد جي لاڏاڻي تي ڳڙهي خدا بخش جي بي سمجهه سمجهو نيابٽيءَ اقتداري ڪرسيءَ جي نشي ۾ چيو هو ته "جي ايم سيد کي ساڻ، جيئي سنڌ کا نعره پي دفن هو گيا" پر ان جي لاش تي پاڪستان نه ڪپي ۽ سنڌو ديش جي نعرن ثابت ڪيو هو ته شخصيتون ته دفن ٿي سگهن ٿيون پر ان جا فڪر، خيال، سوچون ۽ تحريڪون دفن ناهن ٿيندیون. جيئن ڪارل مارڪس چيو آهي ته،"جڏهن نظريا عوامي نعرا ٿي ويندا آهن يا مقبوليت حاصل ڪري وٺندا آهن ته اهي مادي شڪل اختيار ڪري ويندا آهن. يعني ان کانپوءِ ماڻهو اهڙو هٿيار ٿي وڃن ٿا جو وڏن پهاڙن کي دز ڪري ڇڏين ٿا." سائين جي ايم سيد جو فڪر ۽ فلسفو ايترو ته عوامي مقبوليت اختيار ڪري ويو آهي جو سنڌ، هر سنڌيءَ جي ايجنڈا ٻڌجي ويئي آهي. سنڌ ۾ ڪابه ڏر مذهب يا ٻئي ڪنهن فڪر توڙي فلسفي جي بنياد تي پنهنجا پير کوڙي نه سگهندي جيستائين اها ڏر سنڌ کي پنهنجي اولين ايجنڈا ۾ نه رکندي.

اهو ڪنهن به نه ٿي ڄاتو ته سيد جي پيروڪارن کي تاريخ گانڌيءَ جي لٺ بجاءِ سياش چندر بوس جي ڊنگ طرف وڃي ويندي. انهيءَ ڊنگ ۽ رنگ جي تضاد ۾ قومي تحريڪ پنهنجون صفون الڳ الڳ رکندي به جدوجهد جا سڀ رستا آزمائڻ طرف وڃي رهي آهي. هونئن به ڪارل مارڪس چواڻي ته، "ويڙهه جو تعين اسان نه پر اسان جو دشمن ڪندو آهي." يعني دشمن قوتون ڪهڙي واٽ، رستي ۽ ڊگ ذريعي توهان جي مطالبن کي تسليم ڪنديون، اهو ڊگ توهان ۽ اسان جو دشمن طئ ڪندو آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجي سينې مُورچن تي وڙهڻ لاءِ تيار رهڻ کپي، ان تاريخ جي ڏنل سبق کي سامهون رکندي قومي تحريڪ سورهيه بادشاهه جي سنت تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ گانڌي واري فلسفي کي طلاق ڏني هئي. انهن ۾ سيوهڻ جي سرزمين سان تعلق رکندڙ مظفر ٻٽو سر فهرست هو. هن کي قومي تحريڪ جي عظيم شهيد سميع الله ڪلهوڙي جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي ميهڙ جي رت گاڏڙ ميندیءَ جي خوشبوءِ ۾ مون جڏهن ذاتي ڪچهريءَ ۾ مزاحمت جي حق ۾ دليل ڏيندي ٻڌو هو تڏهن مون کي يقين نه پئي آيو ته هو ان مزاحمتي ڊگ تي ايترو ثابت قدميءَ سان بيهندو!! هن جي انهن پيرن کي پڳو ويو جن پيرن صرف سنڌ لاءِ وکون کنيون هيون. جن پيرن سنڌ جا روڊ رستا، واهڻ وستيون جهاڳيون هيون. رياستي ڪارندن انهن پيرن مان خطرو محسوس ڪيو هو. هن جي ان دل کي به گولي هنئي ويئي هئي، جنهن دل هڪ منٽ ۾ 72 دفعا ڌڙڪڻ وقت به سنڌ ۽ سنڌ پئي ڪئي. جنهن دل عشق جو جام پي مست۔مست مدام ٿي سنڌ لاءِ جهومڻ پئي چاهيو. ان دل کي به خاموشيءَ جي ننڊ سمهاريو ويو هو. هن جي ان دماغ کي به گولي هنئي ويئي، جنهن دماغ سنڌ ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سوچڻ کان سواءِ باقي ڪفر پئي سمجهيو. "جو دم غافل، سو دم ڪافر" وانگر پنهنجي خيالن ۽ سوچن سنڌ ۽ سيد جي ڏنل مشن جي پايئ

تڪميل لاءِ پرواز ڀئي ڪئي. ها گولي تہ لينن جي دماغ ۾ بہ هنئي ويئي، جڏهن هن عوام ۾ عوام جي برابريءَ لاءِ سوچيو ۽ لوچيو هو. اها گولي تہ نٿورام گاڏسي گانڌيءَ جي سيني ۾ بہ داخل ڪئي، جنهن گانڌيءَ عدم تشدد کي پنهنجو رهنما اصول بڻايو هو پر هو بہ تشدد جو شڪار ٿي ويو هو. اهي هڏ ڪُڏ بوليويا ۾ ڊاڪٽر چي گويرا جا بہ پڳا ويا هئا؛ گولين تہ ان جي جسم ۾ بہ داخل ڪيون ويون، جو ان جي زال بہ ان کي سڃاڻي نہ سگهي هئي. دنيا ۾ شايد هر ظالم جا خونخوار چنبا ساڳيا ئي آهن جيڪي مختلف شڪلن ۾ بدلبا رهن ٿا. ڊاڪٽر چي گويرا کان مظفر ٻٽو تائين مزاحمتي ڪردار بہ ساڳيائي آهن. جيڪي هر دؤر ۾ نئين روپ سان جنم وٺن ٿا.

مون کي چگيءَ طرح ياد آهي تہ هن ۽ هن جي ٻن ساٿين عدالتي بيان لکي رياستي ادارن کي چٽليڪ ڪيو هو تہ اسان اوهان جا مجرم آهيون، اسان کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي. هنن اهو عدالتي بيان سنڌ جي عوام ڏانهن پنهنجي صحيح سان موڪليو هو. جنهن ۾ هنن چٽيءَ طرح چيو هو تہ "اسان سائين جي ايم سيد جي هڪ هڪ اکر جا ذميوار آهيون. سائين جي ايم سيد جا سمورا ڏوهہ اسان قبول ڪيون ٿا." پر رياست جي ڪمزور ادارن هنن جي ان تاريخي بيان کي قبول ڪرڻ جو ست ساري نہ سگهيا هئا. هيءَ سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي معياري تبديلي هئي جو رياست جا باغي ڪردار پنهنجو ڏوهہ قبول ڪري رهيا هئا پر رياست انهن کي ڏوهاري سمجهندي بہ سزا ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. اڄي هڪ سيد هو جنهن "سنڌ ڀَالهائي ٿي" جي روپ ۾ نروار ٿي سامهون آيو هو پر رياست ۽ ان جي ادارن، سيد جي حوصلي همت ۽ تاريخي دليلن جي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. ٻيو هي سيد جا ارڏا ٻار هئا جيڪي سيد جي تاريخي سڌ جو پڙاڏو بڻجي اڳيان آيا هئا. جيتوڻيڪ هن جي باقي ٻن ساٿين پنهنجي راهہ کي چڏي آرامي ٿيا آهن پر هن پنهنجي ازل جي راهہ کي رهنما بڻائي، زندگيءَ جو اڙانگو سفر جاري رکيو هو جنهن ۾ هن جو مويي ياءُ شهادت جو جام پي ويو پر هن ان عمل کي بہ اکين تي رکيو هو. گهر ۾ روج راڙي واري ڪيفيت ۾ بہ ذري برابر بہ پنهجي وکن ۽ هٿن کي نہ روکيو هو. ويندي ويندي بہ پنهنجي سڀاجهي ۽ بهادر ونيءَ کي وصيعت ڪئي هئي تہ "جيڪڏهن مان مارجي وڃان ۽ پوءِ بہ سنڌي قوم جون اکيون نہ ڪلن تہ منهنجي آڪاش کي تيار ڪجانءِ تہ هو ڏرتيءَ جي چپر چانوَ ٿئي." هن جي وَنيءَ جي جگر کي بہ شابس آهي جنهن پهاڙ جيڏا ڪشالا ڪڍڻ کانپوءِ بہ پنهنجي مڙس جي شجاعت کي لڄي ٿيڻ نہ ڏنو آهي. هن جي ننڍي ياءُ بہ هن مزاحمت جي ميدان تي پنهنجا پير رکيا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ دولهہ دريا خان ۽ دودي سومري جي خاندان ڪسجڻ جي شاندار روايت کي جنهن نموني مظفر جي گهر وارن برقرار رکيو آهي تنهن کان انڪاري کو پٿر دل ۽ احساسن کان خالي ڪو ماڻهو ئي ٿي سگهي ٿو!!

گھاٽي بَـڙَ جي ڇانوَ_ڪامريڊ حيدر جويو

واقفيت: 1997ع ۾ مان ستين ڪلاس ۾ داخل ايان مس ٽيو هئس، ٻاراٽا خيال ۽ سوچون بانبڑا پائڻ لڳيون هيون. علم و ادب ڏانهن "گل ڦل"، "ارچڪ مرچڪ"، "گلستان" ۽ "سنڊي ٻارڙا" جھڙن ٻاراٽن رسالن جي ذريعي لاڙو پيدا ٿي رهيو هو. جاگيرداري سماج ۾ هر شيءِ سست رفتار هلندي آهي، ان ڪري ڪم گھٽ ۽ واندڪائي وڌيڪ هئڻ سبب اڪثر هوٽلن تي پنهنجو وقت گذرڻ معمول جو حصو هوندو هو. رسالا هٿ ۾ ٻه ان نيت سان کڻندو هئس تہ پاڻ کي ٻين کان مٿيرو ڏيکاريان. اهو ئي خيال کڻي هوٽل تي رسالن سميت اچي ويٺس تہ ديو مالائي شخصيت ٻہ منهنجي پرسان اچي ويٺي. پهرين ڏسڻ سان تہ پئُہ پيدا ٿيو تہ الائي ڪير آهي، وري اچي ٻہ منهنجي پر ۾ ويٺو. مون جھڙو جيتامڙو ماڻھو هن جي پرسان ايئن محسوس ٿيو جڙ ڪو جبل جي پرسان ڪا ڪِول ٻيٺي هجي.

"ڪير آهين؟" رعبدار آواز ۾ پڇيائين.

مان هيڪاري ڏڪي ويس، ڏڇندي چيم تہ "ڪوري".

"ڇا پڑھندو آن؟"

"ستين ڪلاس ۾."

"ٻيو ڇا ڪندو آن؟"

"رسالا پڑھندو آهيان." جھيڻي ۽ معصوميت واري انداز ۾ وراٽي ڏنم.

"واھ ڙي واھ"، "واھ سائين واھ."جنهن مهل چيائين دل خوش ٿي ويئي. وري پڇيائين، "ڪھڑا رسالا پڑھندو آهين؟"

"سيئي رسالا ڏيکاريامانس."

"واھ واھ" ھڪدم حوصلہ افزائي ڪيائين. تنهن باوجود ٻہ دل ۾ شڪ ۽ خوف ٿي رهيو تہ ڪٿي مون کي ڦاسائي تہ نہ رهيو آهي. مون کي ڪھڑي خبر تہ هو واقعي ٻہ اهڙو ڦاسائيندو جو سچي ڇمار نہ نڪري سگھندس.

"پوءِ هتي اديبڑا روز جمع تي ويھندا آهن. ڪھاڻيون ۽ شاعري پڑھندا ۽ ٻڌائيندا آهن، اتي اڇ" هن چيو.

مون گھٻرائڻ واري انداز ۾ ھاڪار ڪئي ۽ چيو تہ پوءِ ڪيئن هلبو.

"ايندڙ جمع تي هتي ويھجانءِ، مان توکي وٺي هلندس." اهو چئي چانھہ پياريائين. ڏاڍو خوش ٿيس. تڏھن ادبي سنگت ڏوڪري جون گڏجاڻيون اڪثر ڪري جمع تي ٿيندڙيون هيون. ٻئي جمع تي پوَ سبب ڇاڻي واٽي نہ آيس. پر هو انتظار ڪندو رهيو. نيٺ ٻيھر اتفاق سان ملياسين. مون کي ڏسندي چيائين، "واھ ڙي واھ ڪوري ڪٿي آهين؟ مون تنهنجو انتظار ڪيو." ڪوڙ ڳالھائيندي چيم. "ڪم ٿي پيو هو ان ڪري نہ آيس." وري جمع تي ملڻ جو واعدو ڪيم. آخرڪار جمع تي ساڻئي هوٽل تي مون کان اڳ منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. مون کي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ۾ وٺي هليو. اتي سڀني سان تعارف ڪرايائين، پوءِ مون کي خبر پئي تہ هن کي ڪامريڊ حيدر جويو چوندا آهن. جنهن لاءِ

اڪثر ڪري اسان جا وڏا چوندا هئا تہ ڪافر آهي. الله، رسول، پيرن ۽ فقيرن جو منڪر آهي. جنهن لاءِ عجيب تصور ۽ ڀالهيون منهنجي ذهن ۾ اڳوات ئي موجود هيون. جڏهن تعارف ٿيو تہ گهڙي ڪن لاءِ منهنجون وايون بتال ٿي ويون. ڪافر هڻڻ واري تعارف سبب منهنجي دل ۾ هن لاءِ نفرت جو اُلو اُپري پيو. اهو هو شروعاتي تعارف ڪامريڊ سان، جنهن منهنجي سڄي ڪائنات ئي تبديل ڪري ڇڏي.

ادبي تعلق: ڪامريڊ سان اڪثر ڪري ڪچهريون سندس هوٽل تي ۽ ان جي مٿان جڳهہ تي ٿيندیون هيون. بعد ۾ ادبي ۽ سياسي ڪتاب وغيره پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ان کان پوءِ آهستي آهستي مون کان بحث ڪرائيندو هو. ادبي سنگت کي ڪامريڊ نوجوانن جو ابتدائي تربيتي اداري طور تي ڪم ونندو هو. اتي بحث مباحثا ڪرڻ لاءِ ماحول ٺاهي ونندو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪامريڊ 64_1963ع ڌاري ادبي سنگت ڏوڪريءَ جا بنياد وڌا، جنهن ۾ هميشہ روح ڦوڪڻ لاءِ ڪامريڊ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ادبي سنگت ۾ جڏهن محسوس ڪيائين تہ نوجوان ڊائيس بنا ڀالهائڻ ۾ هڪ محسوس ڪن ٿا تہ فوراً پنهنجي پٽسن مان ڊائيس ٺهرايائين. سيني کي ڊائيس تي ڀالهائڻ کان پوءِ اعتماد وڌيو.

ادبي سنگت ۾ جڏهن بہ ماڻار شروع ٿي ويندي آهي تہ ڪامريڊ متحرڪ ٿي ويندو آهي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ 01_2000ع ۾ سنگت غير فعال ٿي ويئي. ڪامريڊ پروگرام جي رٽ ڏني، جيڪا شايد نہ پر پڪ سان سندّ ۾ اها پهرين دفعو روايت وڌائين تہ پوري تعلقي جي صاحبِ ڪتاب ليکڪن جي مان ۾ آڇياڻو ڏنو ويڇي. صدارت ڪنهن بہ نہ ڪئي. مهمان خاص ۾ نثار کهڙي کي گهرايائين. تڏهن سندّ اسيمبليءَ ۾ حزب اختلاف جو اڳواڻ هو. سڄي تعلقي جي شاعرن، اديبن، سياستدانن ۾ تحرڪ پيدا ٿي ويو. پهرين تہ اسان بہ مخالفت ڪئي سين تہ پروگرام جو مڪ مهمان کو ٻيو هڇي پر پوءِ ڀالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ ڪامريڊ سيني ڏرين کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ بينل پاڻيءَ ۾ پٿر ٽو اڇلي. پوءِ اسان ڏٺوسين تہ ڏوڪري تعلقي جون بيمار سياسي، سماجي تنظيمون تضاد ۾ اٿي پيون. سيني پنهنجي پنهنجي حوالي سان پروگرام رڦيا. ائين تعلقي ۾ سياسي، ادبي توڙي سماجي طرح سان چٽاپيٽي شروع ٿي ويئي. هر تنظيم ٻي تنظيم کان بهتر پروگرام ڪرڻ جي چڪر ۾ لڳي وئي. نہ صرف اهو پر ڪامريڊ سدائين بهتر لکڻ واري کي تحفا توڙي انعام ڏيڻ ڪامريڊ جو عام مشغلو رهيو آهي. اهڙا کوڙ مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

سياسي وابستگي: ادب کان اڳتي سياست ۾ سماج جي نجات سمجهندڙ ڪامريڊ مون کي چوندو آهي، "تون سياست لاءِ ٺيڪ آهين. پاڻ کي قوم جي نجات لاءِ تيار ڪر. سياست سماجي تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. جڏهن تہ ادب توڙي ٻيا شعبا ان جا مددگار ٿي سگهن ٿا. ان ڪري سياست کي پنهنجو مشغلو بڻاءِ." سڀ کان وڏي ڀالهہ جيڪا ڪامريڊ ۾ مون ڏٺي تہ هو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي سياسي رخ طئہ ڪرڻ جو اختيار پاڻ وٽ نہ رکندو آهي. سدائين چوندو آهي تہ "هجو ڪنهن سان بہ پر توهان کي خبرهڻڻ کپي تہ توهان ان سان ڇو آهيو؟ پاڻ کان ۽ سماج کان بي خبر نہ رهو." اڪثر ڪري چوندو آهي تہ "سچ لاءِ دروازا سدائين کليل رکجانءِ." وڌيڪ چيائين تہ "سچ ٽن قسمن جو ٿيندو آهي هڪ منهنجو سچ، ٻيو تنهنجو سچ ۽ ٽيون اسان جو سچ. هر ماڻهوءَ وٽ هڪ پنهنجو

سچ ٿيندو آهي. اهو منهنجو يا تنهنجو سچ انفرادي سچ آهي پر سڀ کان وڏو سچ اسان سڀني جو سچ آهي. ان سچ کي بہ ڪا معنيٰ ٿيندي آهي. انهيءَ سچ لاءِ پاڻ کي تيار رکڻ کپي. اهو سچ سياست ئي حل ڪري سگهي ٿي.“ مون جڏهن ٻارهين جماعت سڄي لاڙڪاڻي ۾ ٽاپ ڪئي تہ سائين جي ايم سيد جي ڪتابن جو سيٽ انعام ۾ ڏنائين. مان حيران ٿي ويس تہ پاڻ سدائين ٽريڊ يونين جي سياست ڪيائين، جيلن، ٽارچرن کان وٺي عام تڪليفن سهڻ تائين انهن سان گڏ رهيو پر مون ۾ سائين جي ايم سيد جي فڪر جون ڏيئيون روشن ڪيائين پئي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ڪامريڊ پنهنجي نجي ڪچهريءَ کان وٺي خاص گڏجاڻين توڙي تقريرن ۾ سائين جي ايم سيد جا حوالا ڏيڻ سندس فطرت ۾ شامل آهي. ڪامريڊ جي ڪچهرين ۾ مون ڪڏهن بہ سائين جي ايم سيد تي تنقيد نہ ٻڌي آهي. اهو ئي لاڙو هو جو مون کي سنڌ جي آزاديءَ طرف وٺي ويو. سنڌ آزاد ٿئي پر اهو سوشلسٽ سنڌ هجڻ کپي. سوشلزم کان بہ اڳتي ڪميونزم طرف سنڌ کي وڃڻ گهرجي. سنڌ ۾ عجيب الميو آهي، قومپرستن ۾ ڪميونسٽن سان، قومپرست طبقاتي سوال کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ آهي ۾ ڪميونسٽ قومي سوال کان ٿهندا وتندا. ٻنهي ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ (Catalyst) وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن سبب ڪميونسٽ ڪامريڊ کي قومپرست سمجهندا آهن ۽ قومپرست ڪميونسٽ ٻئي ڏريون ڪامريڊ کي زبردست تنقيد جو نشانو بڻائن ٿيون. پر حقيقت ۾ ڪامريڊ آزاد سوشلسٽ سنڌ ڏسڻ چاهي ٿو. جنهن ۾ هاري، مزدور ۽ پورهيت جو راج هجي اها آزادي بہ کهڙي ڪم جي جيڪا جاگيردار ۽ سرمائيدار لاءِ قلدائڪ ٿئي پر هيئيون ڪلاس ساڳيو ئي عذابن ۾ هجي.

گهر ۾ توڙي ٻاهر ڪنهن کان بہ غلطي ٿيندي تہ ڪامريڊ جو اهو تڪيو ڪلام هوندو آهي تہ ”باقي سنڌ آزاد ڪيئن ڪرائيندين؟“ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪامريڊ پنهنجو سياسي قبلو سنڌ کي بڻائي سياست ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو رهيو آهي ۽ هر قسم جي غلامي خلاف ويڙهہ ڪرڻ ڪامريڊ جي مزاج ۾ شامل رهيو آهي. هڪ دفعو چيائين تہ ”غلام ٿيڻ ۽ غلام بنائڻ ماڻهوءَ جي فطرت ۾ شامل ٿي ويو آهي. ان ڪري آزادي پسندن کي پنهنجو مزاج بہ آزادي سان ناهڻو پوندو.“ اهو سچ آهي تہ اسان سڀني کي پنهنجي جوهر ۾ بہ آزادي پسند ۽ غلاميءَ خلاف پنهنجو مزاج ۽ فطرت بہ ناهڻي پوندي.

اندازِ گفتگو: ڳالهائڻ فن آهي. پنهنجو مؤقف رکڻ بحث مباحثي توڙي تقريرن ۾ انتهائي ذميداري جو ڪم آهي. ڪي ڪي ماڻهو تصنيف و تاليف جا ڪاريگر هوندا آهن پر گفتگو ۾ ماهر نہ هجڻ سبب پنهنجو موقف وزنائتي انداز ۾ نہ رکي سگهندا آهن. ڪامريڊ بحث مباحثن کان وٺي تقريرن ۾ ڪمال درجي جو فن رکي ٿو. هن جو اندازِ گفتگو تجريدي (Abstract) آهي. جڏهن ڳالهائي تہ پنهنجا سمورا حواس (Senses) مرڪوز ڪرڻا پوندا آهن. عام جلسن ۾ عام ماڻهن جي انداز ۾ ڳالهائڻ سبب ڪامريڊ سڄي محفل ۾ حاوي رهندو آهي. هڪ دفعي ڏوڪري ۾ ٻيڙي مزدور يونين وارن پهرين مئي جي مناسبت سان جلسو منعقد ڪيو. سَون جي تعداد ۾ ماڻهن جي شرڪت هئي، ڪامريڊ بہ پروگرام ۾موجود هو. ڪامريڊ جڏهن پروگرام ۾ موجود هوندو آهي، محسوس ٿيندو آهي تہ پروگرام واقعي بہ آهي. پنهنجي جهولي ٻريل محسوس ڪندا آهيون. ان پروگرام ۾ مزدورن تَرَ جي وڏيري اڳوڻي ايم اين اي کي بہ پروگرام ۾ گهرايو هو. عجيب ماحول ٿي ويو. جنهن گاديءَ خلاف ڪامريڊ زندگيءَ جو وڏو حصو

”ڀاهيندا سين ڀاهيندا سين گُڏ جي گادي ڀاهيندا سين.“ وارو نعرو ڪٽي ڏوڪري تعلقي ۾ وڏيرن خلاف ٻاهر ٻاري ڏني هئي. اڄ ان گاديءَ جو چڱو مڙس ۽ ڪامريڊ حيدر ٻئي جلسي ۾ ۽ اتفاق سان ٻئي اسٽيج تي. پنڊال ۾ آندڙ مانڊ لڳي پئي هئي تہ الائي ڇا ٿيندو؟ هڪ تہ دوست چيو تہ حسين ۽ يزيد کي اسٽيج تي گڏ ويهاريو اٿائون. لڳي ٿو تہ ڪربلا ٿيندي! اهو چؤپول هلندڙ هو تہ اوچتو اعلان ٿيو تہ ڪامريڊ حيدر جويو اوهان سان مخاطب ٿيندو. سڄي پنڊال ۾ سڪتو طاري ٿي ويو. سيني جون نظرون ۽ حواس ڪامريڊ ڏانهن متوجهہ ٿي ويا. ڪامريڊ جنهن عوامي انداز ۾ عوام جي مسئلن ۽ وڏيرن جي ڪردار تي ڳالهايو. سڄي پنڊال ۾ واه واه ٿي ويئي. اسان تيستائين خود وڏيري جو ساهہ لُڪي ۾ ڏنوسين جيستائين ڪامريڊ اسٽيج تي تقرير لاءِ ٻيٺو رهيو. ڪامريڊ ڏاڍي خوشگوار انداز ۾ پنهنجو مؤقف ٻڌائي لٿو تہ وڏيري کي بہ ساهہ پئجي ويو تہ ٻيلي اڄ بچي وياسين. پر جيڪڏهن وڏيري ۾ ٿورو Sense هجي ها تہ سمجهي وڃي ها تہ ڪامريڊ تجريدي انداز ۾ ڪيئن نہ سندس بيعزتي بہ ڪري آيو ۽ ڪيس خبر بہ نہ پئي.

اهڙا ڪوڙ واقعا ۽ پروگرام ڏڻا آهن جيڪي ڪامريڊ جي برجستائپ ۽ ڏاهپ جو واضع مثال آهن. هڪ دفعو تہ ڪامريڊ سوپي جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب ”مهين جو ماڻهو“ جي مهورتي تقريب ۾ اديبن ۽ سندس ڪردار جا ڇوڙا لاهي ڇڏيائين. ڪامريڊ سوپي جهڙي ماڻهوءَ ڪامريڊ حيدر جي ڇڏيل سوالن کي نظرانداز نہ ڪري سگهيو. سندڙ سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ڦٽڪي پيو. بهرحال ان پروگرام ۾ ڪامريڊ حيدر جا ڇڏيل اڻ مٽ نشان اڄ بہ اسان جي ذهنن تي اڪريل آهن. سندس گفتگو ۾ تسلسل، فني انداز، پنهنجائپ، بي ڊپائي، ارڏائي ۽ اعتماد ڪنهن بہ طرح نظرانداز ڪرڻ جوڳو نہ آهي. پر جيڪي ماڻهو ڪامريڊ جي انهن خوبين کان انحرافي ڪن ٿا منهنجي خيال ۾ وقت ۽ سڄ جا اهي وڏا منڪر آهن.

ڪامريڊ تي لڳندڙ الزام: ڪامريڊ حيدر جي جيتري وڏي ديو قامت شخصيت آهي مٿس الزام بہ اوترا ئي وڏا لڳندا رهيا آهن. هُن جي 1989ع تائين وطن د وست انقلابي پارٽي جي پليٽ فارم تان جدوجهد انتهائي شاندار رهي آهي.جنهن جي ڪنڊ ڪانپوءِ اڪثر ماڻهن جو خيال آهي تہ هو پنهنجو سياسي قبلو درست رکي نہ سگهيو. سندس وڏيرن جي اوطاقن تي موجودگي چرڪائيندڙ رهي، جنهن ڪري هو ڪيترن ئي ماڻهن جو سياسي Ideal نہ بڻجي سگهيو ۽ نوجوانن ڪامريڊ سان گڏ سياست ڪرڻ کي ترجيح نہ ڏني. ڪامريڊ جي ڪردار ۽ شخصيت تي الزام لڳندا رهيا آهن اُهي هُن جهول پائي جهليا آهن ۽ اڄتي بہ اهڙن الزامن جي وضاحت هو پاڻ ڪندو.

پرهہ جي ٽڏي هير جهڙو شخص: عبدالحميد ابڙو

جڏهن به ڪو انسان، پنهنجي تڪميل ڪرڻ چاهي ٿو تڏهن هن وٽ ٻه رستا آهن يا ته پهرين پنهنجي ذات کي ٺاهي، پئسو جمع ڪري، بنگلا اڏي، عيش عشرت ڪري خوش زندگي گذاري ۽ بس، ٻئي ماڻهو وري پنهنجي تڪميل لاءِ پهرين سماج جي تڪميل ڪرڻ گهرن ٿا. ڇاڪاڻ ته جيستائين سماج جي تڪميل نه ٿيندي تيستائين ذات جي تڪميل به نه ٿيندي ۽ پوءِ ماڻهو سماج جي تبديليءَ لاءِ پنهنجي زندگي داوَ تي لڳائي ڇڏين ٿا. هنن جو جيئڻ مرڻ سماج جي بهتريءَ لاءِ جاکوڙيندي گذري ٿو. ان جاکوڙ ۾ جيڪا خوشي انسان کي ملي ٿي ان جو ڪو مثال ئي نه آهي. سماج ۾ اهڙا ماڻهو توهان کي وَرلي ملندا جيڪا پنهنجي مٽين طبقي کي ڇڏي هيٺين طبقي سان پنهنجو رشتو ناتو جوڙين ۽ ان ۾ ئي پنهنجي ذات جي تڪميل سمجهن. سنڌ ۾ اهڙا مثال تاريخ ۾ جيڪي ملن ٿا انهن ۾ لاڙڪاڻي ويجهو انتهائي پسمانده علاقي سلطان خان جماراڻي ڳوٺ م سنڌ جي جاگيردار گهر ۾ 5-فيبروري 1943ع ۾ جنم وٺندڙ عبدالحميد ابڙي کي وساري نه ٿو سگهجي. سول جج کان پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات ڪندڙ جي زندگي "آهہ" فلم ڏسڻ کانپوءِ سندس دنيا ئي تبديل ٿي وڃي ٿي. ان تبديليءَ جو اثر اهو نڪتو جو هو سڄي زندگي غريب ۽ مارو ماڻهن سان محبت ڪندي گذاري ٿو. عبدالحميد ابڙو صاحب جو جيڪو تعارف سنڌ ۾ ڪرائي سگهجي ٿو انهيءَ جا گهٽا ئي پهلو آهن، پر هتي مختصر هيٺ ڏجي ٿو.

قانوندان: 1971ع کان سول جج کان پنهنج ڪيريئر جي شروعات ڪندڙ اهم هستي هوندي به عام ماڻهن جي ڪيسن ۾ زبردست حمايت ۽ طرفداري ڪندڙ رهيو هو. جڏهن اسي جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي نالیواري شاعر استاد بخاري کي سرڪار بغاوت جا ڪيس هڻي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته سڀ کان اول ته عبدالحميد ابڙو صاحب استاد بخاري کي چيو ته "جيڪو تو عمل ڪيو آهي اهو عمل ساراهہ جوڳو آهي، ان ڪري ان عمل تي پڇتاءُ ڪرڻ بجاءِ قبول ڪر ته تون باغي آهين. تاريخ توکي سونهري موقعو فراهم ڪيو آهي" پر استاد بخاريءَ جي انڪار ڪرڻ تي ڪيس مان جان آجي ڪرائڻ لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻي، استاد بخاريءَ کي آجو ڪرايائين. ان ڪانپوءِ به هن انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهندي پنهنجي وس آهر ڪرسي جي پرواهہ نه ڪندي به عام ماڻهن سان پنهنجو رشتو نيائيندو رهيو. جنهن جو پيو وڏو مثال 2001ع ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن جسقم سنڌو درياءَ تي لڳندڙ ڏاڙي خلاف ٻيرلوءِ باءِ پاس تي پنجاب جي رسد بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو تڏهن رڳو ڏوڪري تعلقي جا 63 ڪارڪن راقم الحروف سميت مورو- دادو پُل تي گرفتار ٿيڻ کانپوءِ جڏهن سکر سينٽرل جيل ۾ واڙيا ويا. تڏهن به عبدالحيد صاحب چورائي موڪليو ته "توهان پنهنجو ڏوهہ قبول ڪيو ته توهان سنڌ جي پاڻي خاطر هر سزا قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيو." حالتن جي نزاڪت کي محسوس ڪندي عبدالحميد رياست مخالف پارٽي جي ڪارڪنن سان ٻاجهاري واٽ وٺندي ٻن مهينن جي اندر سيني ڪارڪنن کي ضمانت تي آزاد ڪرايائين. جڏهن ته ساڳئي ڪيس ۾ ٻين شهرن کان گرفتار ٿيندڙ ڪارڪن ڪيترائي مهينن جا مهينا جيل ۾ سڙندا رهيا. اڄ تائين اسين سڀ ساڻي عبدالحميد صاحب جو اهو احسان

وساري نہ سگھيا آھيون.

لطيف سان محبت: لطيف ۾ ھڪ عجيب قسم جي ڪشش آھي. جيڪو ماڻھو ھڪ دفعو ب ان سَحَر ۾ اچي وڃي ٿو ان جو نڪرڻ محال ٿيو پوي. 1919ع ۾ جڏھن جليان والا باغ لاھور ۾ جنرل ڊائر پرامن ماڻھن تي گولين هلائي رتوڇاڻ ڪرائي هئي. ان پسمنظر ۾ جيٺ مل پرسرام "اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباھيا" جي عنوان تي اخبار ۾ ايڊيٽوريل لکيو. جنھن تي سرڪار ڏمرجي ان وقت جي منصف ايڇ.ٽي.سورلي جي عدالت ۾ جيٺ مل پرسرام کي پيش ڪيو ويو تڏھن ايڇ.ٽي.سورلي ان کان ان سِٽَ جي معنيٰ پڇي تڏھن دنگ رھجي ويو ۽ لطيف جي سَحَر ۾ ايترو جڪڙجي ويو جو ان تي پي.ايڇ.ڊي ڪيائين، "پٽ جو شاھ" جي عنوان تي اڄ تائين ان جيترو تحقيق ڪم ورلي ٿيو آھي. تاريخ ۾ اھو وڏو اتفاق آھي تہ ايڇ ٽي سورلي قانوندان جي حيثيت ۾ ھو ۽ لطيف جي عشق ۾ جڪڙجي ويو ۽ سائين عبدالحميد صاحب بہ قانوندان جي حيثيت ۾ لطيف جي جڪڙ ۾ آيو تہ سڄي ڄمار ان کان نڪري نہ سگھيو. اھو ئي سبب آھي جو جج ھوندي بہ لطيف جي درگاھ تي ڪنڌا ڪولابا پائي فقيري ويس ڪري لطيف جي درگاھ تي راتين جون راتيون راڳ ٻڌندو ھو ۽ ھزارن جي تعداد ۾ لطيف جي فقيرن جي راڳ جون ڪيستون رڪارڊ ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪيائين. جڏھن تہ خاص "تنبورو بہ ٺھرايائين جنھن تي لطيف جي راڳ تي ويھي رياض بہ ڪندو ھو. ان تي ايتري مھارت ٿي ويس جو شيخ اياز جھڙو بلند پايي جو شاعر بہ لطيف جي بيتن جي سمجھاڻيءَ لاءِ عبدالحميد صاحب کان رھنمائي وٺندو ھو. پنھنجي گفتگو ۾ ھر واقعي، معل ۽ موقعي تي لطيف جو ڪوٺ ڪو بيت رھنمائي طور تي پيش ڪندو ھو. جنھن مان محسوس ٿيندو ھو جڻ ڪو لطيف سائين اھو بيت ان واقعي، مھل ۽ موقعي لاءِ چيو ھجي. ان مان سندس لطيف ڏانھن محبت جو جھڪاءُ ۽ جھلڪ واري نظر پسي سگھجي ٿي.

لائبريري ۽ ادبي ڪردار: ڪتابن سان ذوق جو حساب ئي نہ ٿو ڪري سگھجي. علم جي تاس ماڻھوءَ کي سمنڊ، ڪڙڪائڻ کان پوءِ بہ پياسو ئي رکي ٿي. جنھن لاءِ لطيف سائين فرمايو آھي تہ:

کامان، پچان، پچان، پچران، لچان ۽ لوچيان،
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيان نہ ڏاپان،
جي سمنڊ منھن ڪريان، تہ سرڪيا ئي نہ ٿئي.

اھا ئي پياس عبالحميد صاحب کي لائبريري ٺاھڻ جي ڏارا ۾ ڪٽي آئي. جنھن ۾ ادب، سياست، سماجيات، قانون، نفسيات، تاريخ، جاگرافي، طب، فلسفي سميت مڙني موضوعن تي ھزارن جي تعداد وٽس ڪتاب موجود ھوندا ھئا. سنڌ ۾ جن شخصيتن وٽ وڏي ۾ وڏيون پنھنجون ذاتي لائبريريون ھيون انھن ۾ سائين جي ايم سيد، ايم.ايڇ. پنھور، محمد ابراھيم جويو، ڪامريڊ سوبو گيانچنداڻي ۽ شيخ اياز کانپوءِ سائين عبدالحميد صاحب جن جي لائبريري ڳڻي سگھجي ٿي. اھي ڪتاب نہ صرف ھن خريد ڪيا ھئا پر پڙھيا بہ ھئا. ڪوبہ ڪتاب کڻو ان جي شروعات ۾ ڪتاب "شروع" ڪرڻ واري تاريخ ۽ جنھن ڏينھن ڪتاب "پورو ٿيو" اھا تاريخ لکيل ھوندي نہ صرف اھو پر ڪتاب اندر لائين ٽيل ۽ انھن جي حاشين ۾ نوٽ ھنيل نظر ايندا. آخري وقت تائين انھن ڪتابن سان لڳاءُ ۽

محبت گهٽ نه ٿي. پر افسوس صرف اهو آهي ته عبدالحميد صاحب اهي پنهنجا تجربا، مشاهدا ۽ علمي ڏاهپ قلم ذريعي محفوظ ته ڪيا پر ڪتابي صورت نه ڏئي سگهيو. جپانيءَ ۾ چوٽي آهي ته "جڏهن ماڻهو مرندو آهي ته ان سان گڏ لائبريري دفن ٿيندي آهي ۽ ان جا تجربا، مشاهدا سڀ دفن ٿي ويندا آهن." ان ڪري جيڪو انسان پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا تحريري يا ڪنهن تخليقي شڪل ۾ جيستائين محفوظ نه ٿوڪري اها لائبريري ايندڙ نسلن لاءِ ڪارگر ثابت نٿي ٿي سگهي. عبدالحميد صاحب ذاتي ڊائري ۽ دوستن ڏانهن لکيل خطن کانسواءِ ٻيو ڪوبه تحريري ۽ تخليقي شڪل ۾ مواد ڇڏي نه سگهيو آهي. جنهن ڪري نئون نسل سندس علمي، ادبي خدمتن کان آشنا نه ٿي سگهيو آهي. ان ڪري جيڪي خط ۽ ڊائريون ۽ ٻيو مواد (جيڪي ضروري سمجهيا ويڻ) انهن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو ويڇي.

سندس ذاتي دوستن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، سوپو گيانچنداڻي، محمد علي پٺاڻ، اياز گل، عبدالقادر جوٽيجو، جسٽس عبدالحميد ڊوگر، ۽ جسٽس راڻا ڀگواندداس جهڙا ماڻهو شامل آهن. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته جيڪي سندس دوست ۽ساڻي موجوده آهن، انهن کان به لکرايو ويڇي ته انهن عبدالحميد صاحب کي ڪيئن ڏٺو ته گهٽ ۾ گهٽ عبدالحميد صاحب جو تعارف ۽ ڪردار محفوظ ڪري سگهجي ٿو. مون سندس ڪجهه ذاتي خط پڙهيا اهن، جن مان اندازو ٿئي ٿو ۽ مان دعويٰ سان چوان ٿو ته اهي خط شيخ اياز جي خطن "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" خطن جهڙا شاهڪار خط آهن، انهن کي منظر عام تي آڻڻ پڙ سٽو سنوڻ ثابت ٿيو آهي.


سياست، تاريخ ۽ ڪردار
عيسيٰ ميمڻ
سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري
عيسيٰ جي آدرشن جو مرڪز سنڌ آهي.
عيسيٰ ميمڻ سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ جو سبب سنڌي ادبي سنگت آهي. سنگت جي نسبت سان جڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف شاخن جي پروگرامن ۾ ويندو رهندو آهيان تہ عيسيٰ ميمڻ هڪ متحرڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ نظر ايندو آهي، خاص طور تي ڏوڪري سنگت کي سرگرم رکڻ ۾ سندس وڏو ۽ اهم ڪردار رهيو آهي. قومي شعور رکندڙ عيسيٰ ميمڻ جي سياسي ۽ سماجي وابستگي ڪنهن سان بہ هجي پر هن جي آدرشن جو مرڪز سنڌ آهي. هن جي اکين ۾ سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ خوبصورتيءَ جا خواب آهن. هن جي شخصي زندگيءَ ۾ ڪهڙا بہ ڏک آهن پر هن ڌرتيءَ جي دردن کي انهن تي ترجيح ڏني آهي ۽ ڏکين کان ڏکين حالتن ۾ بہ عملي توڙي فڪري محاذ تي سنڌ جي معاشي استحصال خلاف جاکوڙيندو رهي ٿو.
هن ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" ۾ شامل مضمون ۽ تاثر عيسيٰ جي سياسي، سماجي شعور ۽ ڌرتيءَ سان سچي وابستگي ظاهر ڪن ٿا. هڪ شاعر، تخليقڪار، ادبي ۽ سياسي ڪارڪن کان وڌي هنن فڪري مضمونن تائين عيسيٰ ميمڻ اسان کي هر محاذ تي پنهنجي مقصد سان سچو، مخلص ۽ وطن دوست انسان محسوس ٿئي ٿو. سندس هي ڪتاب ادب ۽ سياست جي ڪيتر ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي.
ادل سومرو
11.04.2013
7